ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

فيبروري 2018



## والدين جي سيڙپ تي
## پوليس جو ڌاڙو






Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

# فهرست


ايڊيٽوريل ........................ 04

راءِ ۽ تبصرا

همسريءَ ۾ همسفر تي ........................ 05

حالات حاضره

پاڪ-روس لاڳاپا تاريخ جي تناظر ۾ ........................ ايم . عالم بروهي 06

ويا گورا آيا ڪارا ........................ امان الله شيخ 08

تعليم، سماجيات ۽ نفسيات

روحانيت جي نفسيات ........................ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 11

اوطاقون آباد ڪريون ........................ راشد شر 14

ڇنگهڙي جي 18 اسڪولن مان 16 اسڪول بند ........................ شيخ سنڌي 15

ادب

جيوواني بوڪيشو ........................ ڊاڪٽر بدر اڄڻ 16

محمد عثمان ڏيپلائي جا ضبط ٿيل ڪتاب ........................ گل محمد عمراڻي 18

سنڌي ادب جو فڪري پس منظر ........................ اياز علي 19

ٽريولاگ

ڪاسل گوندلوفو ........................ اعجاز منگي 22

انٽرويو

سنڌ جي نوجوان سنڌو نواز گهانگهرو سان ڳالهه ٻولهه ........ (منظور ٿهيم، ڊاڪٽر اشوٿاما، زاهده ابڙو) 23

سلسليوار ناول

رنگ گرهڻ ........................ ضراب حيدر 27

اکري سئو وکري

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........................ 30

سوشل ميڊيا ڊيسڪ

سوشل ميڊيا ........................ همسري 31

ڪهاڻيون

وصيعت ........................ ڊاڪٽر اعجاز سمون 32

ڏوهارين جا ڏوهاري ........................ انور شيخ 35

امتحان ........................ عبدالغني شر 36

انڪوائري ........................ منصور پرڙو 38

ڊسٽرڪٽ رپورٽس

ڊسٽرڪٽ رپورٽس ........................ لطيف گاد، حبدار جاگيراڻي، ناشاد سمون، سليم جروار 39

ڪتاب تي تبصرو

(A Voice in the Wilderness Memories & Reflections) ........................ همسري 41

پينٽنگ ........................ اڪرم وڙائچ 42

شاعري (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........................ 43

پروفائل

مقصود گل قاضي ........................ سپنا گل قاضي 45

سنڌ جو ٽئلينٽ

آصف نظاماڻي ........................ پنهل چاڪراڻي 46



Regd. No: 3160

ماهوار مئگزين

همسري

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:

ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:

زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:

ارم محبوب

سب ايڊيٽر:

لطيف گاد

خصوصي عيوضي:

محمد راهب ڳاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:

علي کهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:

شفيق جسڪاڻي

سرڪيوليشن مئنيجر:

قمر ٽگڙ

ڪمپوزنگ:

سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:

رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:

راڄپر برادرز

آفيس ائڊريس:

بي -49 شريف اسڪوائر

حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363

فيڪس: 022-3820363

اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com

ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 04

Number: 02

February, 2018

Regd. No: 3160 Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو

خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان

ڇپائي پڌرو ڪيو.

ايڊيٽوريل

# اڄ جو جذباتي نوجوان ۽ پوليس جي ابهرائي

پاڪستان جو غريب عوام لڳ ڀڳ چئني صوبن ۾ ساڳين مسئلن کي منهن ڏيئي رهيو آهي ۽ ساڳي طرح اسان جي ملڪ جو اشرافيہ طبقو هر صوبي ۾ قانون کان بالاتر ٿي بي فڪري ۽ عياشيءَ سان زندگيءَ جا مزا ماڻي رهيو آهي. معاشي ۽ سياسي مسئلا تہ اسان جو عام ماڻهو ستر سالن کان ڀوڳي رهيو آهي، ڇو تہ ملڪ مستقل طور ايڊهاڪ بنيادن تي هلايو پيو وڃي ۽ لڳي ٿو تہ اسان جون صوبائي حڪومتون ۽ پڻ وفاق ملڪ کي ڪنهن منظم سسٽم طور هلائڻ جي حق ۾ ئي نہ آهن. ان جو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ سسٽم ڪنهن بہ ميدان ۾ هجي پاڻ کي پاڻ طاقت ڏيندو ويندو آهي ۽ غلط روين ۽ بي اصولين کي پري اڇلائيندو ويندو آهي. جيڪڏهن هر ميدان ۾ سسٽم اچي ويو تہ اهو اشرافيہ طبقو هن ملڪ ۾ اهي مزا نہ ماڻي سگهندو ۽ تڪليف ۾ اچي ويندو. پاڪستان جو غريب عوام پنهنجي مٿان ٿيندڙ هر ظلم ۽ ڏاڍ کي پنهنجو مقدر سمجهي ماٺ ڪري برداشت ڪري رهيو آهي پر هن مقدر جي ڏاڍائي ۾ هن وقت ايترو تہ ڏهڪاءُ اچي ويو آهي جو هر انسان خوفزده آهي تہ متس ڪيڏي مهل ڪابہ مصيبت اچي سگهي ٿي. جنهن جو زنده مثال هن وقت سڄي ملڪ ۾ خاص طور سنڌ ۾ ماورائي عدالت نوجوانن جا قتل ٿي رهيا آهن. هيومن رائيٽس ڪميشن جي رپورٽ مطابق 2008 کان هيستائين رڳو ڪراچي ۾ 765 اهڙا مقابلا ٿيا آهن جن ۾ 360 ماڻهو ماريا ويا جن ۾ پنج عورتون بہ شامل آهن. جن مان صرف 18 ڪيسن جون ايف آءِ آر درج ٿيون.

هڪ پاسي نوجوانن کي ڪنيي ڪٽي وڃڻ وارا ڪيس بہ عام آهن تہ ٻئي پاسي پوليس جي هٿان مبينا مقابلن ۾ مارجي ويل نوجوانن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿو وڃي. ايئن ٿو لڳي تہ ڄڻ هتي ڪو جهنگل هجي جنهن ۾ ڪي خوني درنده ڪمزور جانورن کي چيري ۽ ڦاڙي وري اڳتي وڌي وڃن ٿا. نوجوان ٿورو ارڏو هوندو آهي، سندس خون ۾ گرمي هوندي آهي ۽ ٿورو انٺارڪسٽ بہ هوندو آهي. اسان جو نوجوان هن وقت ڪجهہ وڌيڪ باغي نظر اچي ٿو، ان جو سبب هتان جون حالتون آهن. ان ڪري هو قانون جي ڀڃڪڙي بہ ڪري ٿو تہ ڪاوڙ جو اظهار بہ. جيڪڏهن ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ روزگار بہ نہ ملي ۽ وري ڪا مثبت تفريح ۽ تحفظ بہ نہ هجي تہ آخر اها نئين ٽهي ڪيڏانهن ويندي. ان جو مطلب هرگز اهو ناهي تہ اهڙي صورت ۾ پوليس انهن نوجوانن کي دهشتگردن وانگر روڊن ۽ رستن تي ڪوڙا مقابلا ڄاڻائي ماري ڇڏي. اسان جي غريب ماڻهن وٽ اولاد ئي اها واحد سيڙپ هوندي آهي جنهن ۾ هو پنهنجا خواب ڏسن ٿا. جڏهن بہ اهڙا واقعا ٿين ٿا تہ ڪورٽ بہ انهن معاملن تي پنهنجو پاڻ نوٽيس وٺي ٿي پر ان جي باوجود بہ اهي سلسلا رڪجڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن.

اڳ ۾ ماورائي عدالت قتل رڳو انهن ڏوهارين تائين محدود هئا جيڪي وڏن ڏوهن ۾ گهربل هئا پر مٿن ڪو گواهہ نہ بيهندو هو تہ اهڙيءَ صورت ۾ پوليس، مقابلا ڄاڻائي انهن کي ماري ڇڏيندي هئي پر هن وقت صورتحال انتهائي پيچده نظر اچي رهي آهي تہ عام شاگرد يا ڪاروباري نوجوانن مٿان سڌيون گوليون هلايون ٿيون وڃن. اها پوليس جنهن جو پگهار اسان جي ٽيڪسن مان ادا ٿو ڪيو وڃي. اهي اسان جي نوجوان نسل کي بنا ڪنهن ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي رستن تي پُڄي ٿا ڇڏين. ان قسم سان پوليس پنهنجي ساک کي مسلسل وڃائي رهي آهي. هن اداري جو مقصد عوام جي حفاظت ڪرڻ آهي جيڪو پنهنجي فرض نڀائڻ ۾ ناڪام نظر اچي ٿو. اصل ڏوهاري سندن گرفت کان آجا ٿي گهمن ٿا پر بي ڏوهي عام شهري سندن هٿان مارجي وڃن ٿا.

اسان جي پوليس لڳي ٿو تہ تمام گهٽي ابهري ٿي وئي آهي يا مٿن ڪو ٻيو دٻاءُ آهي جنهن جي ڪري ننڍين ننڍين قانوني ڀڃڪڙين تي ڪو متبادل رستو اختيار ڪرڻ بجاءِ تہ جيئن انهن نوجوانن کي قانون آڏو پيش ڪيو وڃي پوليس گرديءَ ذريعي واٽ ويندي فيصلا ڪري رهي آهي. اسان جو قانون پوليس کي هرگز ماڻهن کي راهہ ويندي مارڻ جو ڪوبہ لائسنس نٿو ڏئي. وقت جي تبديلي کي محسوس ڪيو وڃي، وقت هن وقت ڪَرَ موڙي پاسو مٽائڻ جي موڊ ۾ آهي، عوام انهن زيادتين کان تمام گهڻو بيزار آهي.

حڪومت کي گهرجي تہ پوليس جي محڪمي ۾ بهتري آڻي، سندن ٽريننگ لاءِ انٽرنيشنل ايجنسين کان مدد ورتي وڃي، سندن جسماني ۽ نفسياتي تربيت تي ڌيان ڏنو وڃي. سندن ڪم ڪرڻ جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ وڌ کان وڌ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪيو وڃي، جنهن سان افرادي قوت کي بہ گهٽائي سگهجي ٿو ۽ محڪمي جي صلاحيت ۾ اضافو ٿيڻ سان عوام جو مٿن ڀروسو قائم ڪري سگهجي ٿو.

# همسري ۾ همسفر ٿي
# آءُ ونڊيون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## ممتاز عباسي/لاڙڪاڻو

محترم ايڊيٽر: همسري شروع کان پڙهندو ٿو رهان هي هڪ معياري مئگزين آهي جنهن عام دلچسپي کان وٺي خاص موضوعن تي ليکڪن، شاعرن جا ليک مئگزين جي سونهن آهن. ناول رنگ گرهڻ جي هر قسط دلچسپ آهي، گل محمد عمراڻي جو تحقيقي آرٽيڪل صوفي لا ڪوفي معلوماتي آهي. اکري سٿو وکري ۾ مختصر ڪهاڻيون خاص نہ هيون، ڪلچر ڊي خانا بدوش اياز ميلو جي ڪٿا وڻيون. خليل جبران جي ڪهاڻي جو ترجمو خاص هو ۽ وڻيو، ڪتاب تي تبصرو وڻيو، شگفتہ شاهہ جون لکڻيون جاندرا هونديون آهن پر هن پنهنجي مختصر ڪهاڻي "سوال" ۾ اهو جوهر نہ ڏيکاريو. پينٽنگ وارو پيج تمام جاندار آهي. سڪندر عباسي جو فيض، امرتا، فراز ۽ اياز جي سگريٽ نوشيءَ وارو آرٽيڪل پرچي جي سر موڙ آهي. پرچي جو پابندي سان نڪرڻ باعث مسرت آهي.

******

## گلاب خان سولنگي/KMD ڪشمور ڪينٽ

محترم ايڊيٽر: ڪافي عرصي کان سنڌي ۽ اردو ادب جي ٻنهي صنفن، نثر ۽ نظم ۾ پاڻ پتوڙي رهيو آهيان. جڏهن تہ ٻاراڻي ادب ۾ بہ طبع آزمائي ڪندو رهندو آهيان پر مالي مشڪلات سبب پنهنجو ڪتاب شايع ڪرائڻ ۾ اجان تائين ناڪام رهيو آهيان، پر همسريءَ جهڙا مئگزين ڏسي دل کي وري آٿت ملندي آهي تہ لکڻ بہ هڪ فن آهي ۽ پنهنجو فن ڪتب آڻي سنڌي قوم جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. همسري واقعي لاجواب، معياري ۽ دلچسپ رسالو آهي ان لاءِ پنهنجي نڪور شاعري ۽ ڪهاڻي موڪلي رهيو آهيان. اميد تہ شايع ڪري همٿ افزائي جو موقعو ضرور فراهم ڪندا. ادي همسري لاءِ هڪ ننڍڙو مشورو بہ ڏيندس جيڪر همسري ۾ ٻاراڻي ادب جو صفحو وڌايو وڃي تہ اهو مڪمل فيملي مئگزين ٿي پوندو، اميد تہ ادارو سٺي موٽ ڏيندو.

******

## منور علي "منور" ڪيهر/ ڳوٺ آگاڻي لاڙڪاڻو

محترم ايڊيٽر: همسري مئگزين جنوري 2018 هن مهيني ڪجهہ دير سان پهتو. همسري جو هر مهيني انتظار رهندو آهي، هي هڪ طاقتور، برجستي، ادبي خوراڪ آهي، جنهن جي سدائين ٻاڙ رهي ٿي. هن وقت همسريءَ جا سيئي سلسلا ساراهہ جوڳا آهن. ڊاڪٽر ايوب شيخ جو مضمون "سال 2017 جا ڏنو جا ورتو" جيڪو ننڍن ننڍن پيراگرافن ۾ ورهايل هو، وڻيو. ان طريقي سان مضمون کي ڪافي حد تائين وڌائي سگهجي ٿو. "خانگي اسڪول ۽ تعليمي وڻج واپار" شوڪت لوهار جو مضمون ڪهاڻي لڳي رهيو آهي. مضمون تمام سٺو ۽ حقيقتن جو آئينو آهي. همسري جو پئنل انٽرويو "ٽرانس جينڊر اشرف سيان سان ڳالهہ ٻولهہ" وڻيو. دراصل اهو انتظار هوندو آهي تہ همسري هن مهيني الائي ڪنهن سان انٽرويو پڙهڻ لاءِ ڏيندي. همسري جي اها خوبي ۽ صحافتي ڪارنامون آهي تہ همسري معاشري جي ڪنهن بہ طبقي کي نظر انداز ناهي ڪندي. اشرف سيان جون ڳالهيون وڻيون. ضراب حيدر جو ناول "رنگ گرهڻ" جي سترهين قسط وڻي. سڪندر عباسي صاحب جو "فيض کان فراز ۽ امرتا کان اياز تائين سڙندڙ سگريٽ جو سفر" باوجود ان جي تہ عنوان سان تہ اختلاف ڪري سگهجي ٿو پر سنڌس جو پورهيو قابل داد آهي. سڪندر عباسي صاحب جي تحقيق قابل داد آهي. يوسف سنڌي جو مضمون "آمريڪا کي آزادي ڏياريندڙ ڪتاب" سٺو مضمون آهي. دراصل انقلاب سٺي ادب مان ڦٽي نڪرندو آهي، ميڪسم گورڪي جي ناول "Mother" بابت لينن چيو هو تہ جيڪڏهن گورڪي Mother ناول تخليق نہ ڪري ها تہ سوويت يونين جو 1917ع وارو بالشيوڪ انقلاب جي اچڻ ۾ اجان وڌيڪ وقت لڳي ها. اهو مدر ناول ئي هو جنهن جي ڪري انقلاب ايترو جلد اچي ويو. سوشل ميڊيا ۾ سٺي چونڊ ڪئي ويندي آهي. محمد ڄام ڏيپر جي پينٽنگ شاهڪار پينٽنگ آهي. شاعري تمام سٺي آهي. سيد سراج جو غزل وڻيو. سڀني سٿ کي سلام.

******

## نصير احمد فقير چنا/گهوٽڪي

محترم ايڊيٽر: جيئن تہ توهان جي عنايت سان ماهوار همسري جو اعزازي شمارو پابنديءَ سان شهيد خير محمد چنا لائبريري گهوٽڪي ۾ انچارج/ لائبريرين کي ملندو رهي ٿو، رسالي جو جاندار مواد ۽ معياري هجڻ جي ڪري مقرر وقت تي ڇپجڻ ۽ مقرر وقت تائين ملڻ جي سهولت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. ڪجهہ مواد موڪلڻ جو قائل ٿجي رهيو آهيان اميد تہ اوهان عزت بخشي شايع ڪنديون.

******

## فهيم سومرو/ حيدرآباد

محترم ايڊيٽر: هر مهيني همسري مئگزين جي ذريعي اسان کي ڪا نہ ڪا نئين معلومات ملندي رهي آهي ۽ اميد آهي ملندي رهندي. جنوري 2018 واري همسري ۾ سڪندر عباسيءَ جو لکيل "سگريٽ جو سفر" ۽ ڊاڪٽر پروين جي ترجمو ڪيل خليل جبران جي ڪهاڻي "ماءُ جو دلاسو"، مختصر ڪهاڻين ۾ شگفتہ شاهہ جي "سوال" ۽ راشد شر جي "چتو ڪتو" بهترين لڳيون. ان سان گڏوگڏ ڪرنٽ افيئرس، شاعرن، اديبن جا غزل، نظم بہ پڙهياسين ۽ آرٽسٽ محمد ڄام ڏيپر جي پينٽنگ بہ خوبصورت لڳي. همسري لاءِ نيڪ تمنائون.

******

اسان توهان سڀني پڙهندڙ کي همسري جي ويب سائيٽ وزٽ ڪرڻ جي دعوت ٿا ڏيون مهرباني ڪري پنهنجي قيمتي فيڊ بيڪ سان نوازيندا. مشورو ڏيڻ لاءِ هيٺ ڏنل اي ميل تي ميل ڪندا.

اي ميل ايڊريس: humsari.sindh.pk@gmail.com

ويب سائيٽ: www.humsari.com

### حصو ٽيون

# پاڪ- روس لاڳاپا تاريخ جي تناظر ۾

**ايم. عالم بروهي**
**اڳوڻو سفير**

تاشقند واري واقعي ڪانپوءِ پاڪستان ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ دوستاڻا لاڳاپا قائم ٿيا هئا. سوويت يونين جي طرفان پاڪستان جي لاءِ ڪلم ڪلا دوستاڻو پيغام دنيا ڏي وڃي رهيو هو. انهن پاڪستان ۽ ڀارت سان هڪ جهڙائيءَ وارا لاڳاپا قائم ڪرڻ ٿي چاهيا. ان وقت پٺو تاشقند معاهدي تي به تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن سوويت اڳواڻن کي ڪاوڙائي ڇڏيو، خاص ڪري وزيراعظم ڪوسيجن جنهن ڪيتريون تڪليفون برداشت ڪري ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اهو معاهدو ڪرايو هو. اپريل 1968ع ۾ هو پاڪستان جي ٻن ڏينهن جي دوري تي آيو هو. هن ٻين ڳالهين سميت پاڪستان جي اڳواڻن تي زور ڀريو ته تاشقند جي معاهدي کي عملي طور تي لاڳو ڪيو وڃي هن پاڪستان کي هوريان هوريان ڀارت سان پنهنجا لاڳاپا بهتر ڪرڻ لاءِ چيو جنهن ۾ خاص طور معاشي لاڳاپن تي زور ڀريو ۽ تجارتي بنيادن تي هڪٻئي سان تعاون ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. ان ڪانپوءِ هو چئن ڏينهن جي ڀارتي دوري لاءِ روانو ٿي ويو. 1969ع ۾ هن وري اسلام آباد ۽ ڪابل جو دورو ڪيو جنهن ۾ هن ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ڀارت، پاڪستان، افغانستان، ايران ۽ ترڪي جي گڏيل ڪانفرنس ڪوٺائڻ لاءِ صلاح ڏني ته جيئن انهن ملڪن جي گڏيل معاشي، سياسي ۽ اسٽريٽجڪ پاليسيءَ جي مدد سان علاقائي ۽ بين الاقوامي امن کي مضبوط بڻايو وڃي. هي اهو وقت هو جڏهن سوويت يونين جا ڪميونسٽ ملڪ چين سان لاڳاپا، تمام خراب ٿي ويا هئا. ڪجهه مغربي ۽ مقامي تجزيي نگارن جو اهو چوڻ هو ته سوويت يونين چين کي تنها ڪرڻ ٿو چاهي. انهيءَ ڪري سوويت يونين جا اهي قدم سواءِ ڀارت جي باقي ٻين ملڪن ۾ گهڻو گرم جوشيءَ سان نه ڏٺا ويا.

1969ع ۾ ايوب خان ڪانپوءِ جنرل آغا يحيٰ خان صدارت سنڀالي. ايوب خان جي وڃڻ ڪانپوءِ ملڪي حالات غير يقينيءَ جو شڪار هئا اهڙيءَ صورتحال ۾ ڀارت سوويت يونين تي پنهنجو دٻاءُ وڌو ۽ سوويت ملٽري هارڊ ويئر جي رسد گهٽجي وئي. يحيٰ خان جو سڀ ڪان اهم پرڏيهي دورو 1970ع جي اوائل ۾ ماسڪو جو هو. دوري جا ٻه اهم سبب هئا. هڪ ته ٻئي ملڪ گڏجي معاشي تعاون سان واپار لاءِ نوان گس ڳولين ۽ سوويت يونين جي مدد سان پاڪستان ۾ هڪ اسٽيل مل جو قيام هو ان کان پهرين سوويت اڳواڻ پاڪستان کي اهڙي آڇ ڪري چڪا هئا جنهن کي پاڪستان گهڻو سنجيدگيءَ سان نه ڏٺو هو. صدر پاڊ گورني ماسڪو هوائي اڏي تي صدر يحيٰ جو گرم جوشيءَ سان استقبال ڪيو. ساڻس گڏ وزيراعظم ڪوسيجن، دفاعي وزير مارشل گريچڪو ۽ ڊپٽي فارين منسٽر فريوبن به استقبالي وفد ۾ شامل هئا. پاڪستاني صدر کي زار شاهي محل ۾ ترسايو ويو ڪيس شاندار آجياڻا ڏنا ويا ۽ تمام پر تڪلف ڪاڌن سان مهمان نوازي ڪئي وئي. پاڊ گورني ۽ ڪوسيجن ڪيس روسي ووڊڪا پياري. وزيراعظم ڪوسيجن

طرفان پاڪستاني صدر جي مان ۾ خاص، رات جي ماني‌ءَ جو بندوبست ڪيو ويو. ٻنهي طرفن کان تمام دوستاڻي نموني ڳالهين جي ڏي وٺ ٿي پر يحيٰ خان اتي جيڪا تقرير ڪئي اها تمام گهڻي رواجي هئي جنهن ۾ هن ڄاڻي واڻي تاشقند پئڪٽ جو ڪوبه ذڪر ئي نه ڪيو. هتي پاڪستان ۾ پٺو صاحب تاشقند معاهدي تي تمام ڇتي تنقيد ڪئي ۽ ان کي وزيراعظم ڪوسيجن جي ذهن جو فتور ڄاڻايو. ٻئي ڏينهن تي ماسڪو ۾ رسمي ڳالهين ٻولهين دوران صدر پاڊ گورني صدر يحيٰ خان کي ٻڌايو ته ڪوسيجن تاشقند پئڪٽ لاءِ تمام گهڻو حساس آهي. يحيٰ خان سوويت اڳواڻن کي اهو چئي دلاسو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيڻ واريون آهن ان لاءِ اهو سڄو معاملو نعريبازي طور استعمال ٿي رهيو آهي.

وفد کي هڪ پر تعيش ريل گاڏيءَ ۾ سينٽ پيٽرسبرگ (جنهن کي پوءِ لينن گارڊ سڏيو ويو) وٺي ويا. اهو سفر ڪنهن دعوت ڪان گهٽ نه هو، جنرل يحيٰ خان چند مخصوص ماڻهن جي گهيري ۾ هو ۽ ووڊڪا جا دور هلي رهيا هئا. سينٽ پيٽر سبرگ جو ٻن ڏينهن جو دورو پورو ٿيو، صدر پنهنجن ساٿين سان هڪ ٻي اسپيشل ريل تي سوار ٿي ماسڪو ۾ آخري رات ٽڪڻ لاءِ روانو ٿيو. سفير جمشيد مارڪر پنهنجي ڪتاب "Cover Point" ۾ لکيو آهي ته سوويت يونين فارين منسٽري ۽ KGB جا ٻه سينئر آفيسر وٽس پهتا ۽ چيائون ته سندن رهنما ان ڳالهه تي حيران آهن ته پاڪستاني مهمانن پنهنجي دوري دوران هٿيارن جي رسد ٻيهر شروع ڪرڻ جي ڳالهه چو نه اٿاري ۽ سوويت رهنما ان ڳالهه تي حيران آهن ته ڇا اها ڪا پاڪستان جي بدنيتي هئي يا پاڪستان لاءِ هٿيارن جو مسئلو اهم نه هو. جيڪڏهن اهو مسئلو اوهان لاءِ اوترو ئي اهم آهي ته صدر کي چئو ته سڀاڻي جيڏي مهل ڪيس سوويت رهنما ايئرپورٽ تي ڇڏڻ لاءِ ويندا ان وقت ساڻن ان مسئلي تي کلي ڳالهائي. سوويت آفيشلز سان اهڙي ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ سفير جمشيد مارڪر صدر جي سلون اندر داخل ٿيو جتي هو آرام ڪرڻ ڪانپوءِ ڊنر ۽ مي نوشيءَ ۾ به مصروف هو ۽ پنهنجي دوري جي ڪاميابيءَ جي هام هڻي رهيو هو. جمشيد مارڪر ۽ پاڪستان ۾ مقرر سوويت سفير سٽي ديگتيار جي چيل ڳالهه ايس. ايم يوسف جي واتان ٻڌندي پنهنجي پيٽ جي سلسلي کي منقطع ڪيو ۽ پنهنجي ٽيم سان گڏجي ويئو ته جيئن سوويت ليڊر شپ جي اماٽيل پيغام کي جاچي سگهجي. ٻئي ڏينهن ٻي آءِ اي جو اسپيشل جهاز ٻه ڪلاڪ ليٽ هو، ليموزين گاڏيءَ ۾ جنرل يحيٰ خان صدر پاڊ گارني ۽ وزيراعظم ڪوسيجن ٽئي ڄڻا تمام گهڻي گهاٽائي سان پاڪستان کي هٿيارن جي ٻيهر رسد لاءِ ڳالهيون ڪندا رهيا. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ليموزين مان ٽئي ڄڻا

Regd. No: 3160



مرڪندا
نڪتا، سندن
مرڪ ڳالهين ٻولهين
جي ڪاميابيءَ جي عڪاسي ڪري رهي هئي. يحيٰ خان سوويت يونين جي دوري تان موٽڻ ڪانپوءِ پاڪستان کي هٿيارن جي ٻيهر رسد شروع ٿيڻ بابت ڊفينس منسٽريءَ کي سوويت معاهدي کان آگاهه ڪيو. پاڪستان آفيشلز طرفان ان سڄي معاملي کي ڏٺو ويو. ان وقت جي سفير جمشيد مارڪر کي هدايتون ڏنيون ويون ته هو سوويت سرڪار سان هٿيارن جي فراهميءَ لاءِ رابطا ڪري. جڏهن جمشيد مارڪر رابطا ڪرڻ شروع ڪيا ته ڪيس سرد مهريءَ کي منهن ڏيڻو پيو، آخرڪار هن اهو مسئلو وزيراعظم ڪوسيجن تائين پهچايو. ڪيس وڏيڪ حيراني ان وقت ٿي جڏهن وزيراعظم ڪوسيجن ڪيس اها صلاح ڏني ته "توهان معاشي ترقيءَ تي ڌيان ڏيو ۽ هن وقت هٿيارن جي سپلاءِ واري مسئلي کي هٿي نه ڏيو. سوويت حڪومت پاران اهڙي رويي اسلام آباد کي چيڙائي ڇڏيو. پهرين سوويت رهنمائن پاڻ ئي پاڪستاني رهنما کي اهو مسئلو اٿارڻ تي مجبور ڪيو ۽ پوءِ پاڻ ئي ان مان هٿ ڪڍي ويا.

جنرل يحيٰ خان جي صدارتي دور ۾ پاڪستان سوويت يونين جا لاڳاپا ٻئي دفعي ان وقت نزاڪت جو شڪار ٿيا جڏهن پاڪستان چين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ 1970 ۾ لاڳاپا بحال ڪرايا. پهرين پاڪستان ڊاڪٽر هينري ڪسنجر لاءِ بيجنگ جو هڪ لڪل دورو طئي ڪرايو ۽ پوءِ صدر رچرڊ نڪسن جو چين جو دورو طئي ڪريو، اهو سڄو معاملو تمام ڳجهو راز ۾ رکيو ويو ايتري تائين جو آمريڪي صدر، صدر يحيٰ ۽ چيني صدر مائوزي تنگ جي وچ ۾ ٿيل لکپڙهه هميشه هٿ اکرن ۾ ٿيندي هئي ۽ اهي پيغام تمام ڳجهي لڪيل طريقي سان هٿو هٿ اماڻيا ويندا هئا. چيني اڳواڻ چون اين لائي هن معاهدي کي "ٽن جو معاهدو" چيو هو "هڪ اڳواڻ کان هڪ اڳواڻ ذريعي هڪ اڳواڻ ڏانهن" پاڪستان جي ٻن ملڪن وچ ۾ حالتن کي بهتر ڪرڻ واري ڪردار تي سوويت يونين کي تمام ڳجهي ڪاوڙ هئي ۽ اهي پاڪستان جي اهڙي ڪردار کي سوويت يونين طرف بي وفائي تصور ڪري رهيا هئا جمشيد مارڪر کي ماسڪو جي پروفيسر يوري گئنڪوسڪي ٻڌايو ته چائنا ۽ آمريڪا کي قريب ڪرڻ وارو عمل ٻن ملڪن جي

تعلقات جي U-2
واقعي واري خراب اثر وڌا. سوويت يونين وقت نه وڃائيندي ڀارت سان سيڪيورٽي جو معاهدو ڪيو جنهن يقينن چين ۽ پاڪستان کي نشانو بڻايو. تابوت ۾ آخري ڪوڪو ان وقت لڳو جڏهن شاهه ايران پنهنجي شاهي خاندان جي هڪ صديءَ واري تقريب منعقد ڪرڻ لاءِ پرسي پولس (Persepolis) جي آثارن ۾ جنرل يحيٰ خان جو پر تعيش ٽينٽ سوويت رهنما جي بلڪل سامهون لڳرايو. شاهه ايران ٻنهي ملڪن جي رهنمائن لاءِ اها ڄاڻ ڄاڻي ٻجهي چونڊي هئي ته جيئن سوويت يونين ۽ پاڪستان جي رهنمائن جي وچ ۾ ڪا خراب صورتحال پيدا ٿئي ته ايران جو شاهه ان کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچائي سگهي پر ان پر تعيش ٽينٽ سٽي ۾ جنرل يحيٰ ۽ سندس سوويت پاڙيسريءَ جي وچ ۾ ڇا ٿيو اهو شاهه ايران ۽ پاڪستان لاءِ ڇرڪائيندڙ هو جنرل يحيٰ خان جي دل ۾ بدلي جي باهه ٻريل هئي ۽ هن نشي جي حالت ۾ انتهائي جرئت ڏيکاريندي لفظن جي ويڙهه شروع ڪئي ۽ پوءِ ٻنهي طرفن کان سخت لفظن جي ڏي وٺ ٿي.

سوويت يونين ان ڳالهه جو پورو پورو بدلو مشرقي پاڪستان جي جنگ ۾ ورتو، ڀارت جي پاسي تي بيهڻ ۽ پاڪستان خلاف سندس مدد ڪيائين ۽ نتيجي ۾ پاڪستان کي شرمندگي کڻڻي پئي. سوويت يونين پنهنجا جنگي سامونڊي جهاز ۽ نيو ڪليئر سب ميرينون هندي سمنڊ ۾ لاٿيون ته جيئن جنگ دوران پاڪستان لاءِ ڪنهن به وقت چين يا آمريڪا کان آيل مدد کي روڪي سگهجي. ان وقت جي يو اين جي روسي سفير ياڪوو ڪلندي ڪلندي هر قرارداد کي اوستائين ويٽو ڪندو رهيو جيستائين ڀارت پاڪستان کي ٽوڙڻ وارو پنهنجو مقصد حاصل نه ڪيو. جڏهن معروف "پولينڊ ريزوليوشن" يونائيٽيڊ نيشن ۾ پيش ٿيو ڀارت پاڪستان کي اڳ ۾ ٽوڙي ڇڏيو هو. آمريڪا ۽ چين سوويت يونين سان مهاڏو اٽڪائي نه سگهيا ۽ پاڪستان کي ان صورتحال مان ڪڍڻ لاءِ اڳتي ڪونه آيا. ... (هلندڙ). نوٽ: (هي



**آرٽيڪل انگريزي ۾ لکيل آهي جنهن کي زاهده ابڙو ترجمو ڪيو آهي.)**

alambrohi@yahoo.com

# ويا گورا آيا ڪارا

امان الله شيخ

ٽين دنيا جا ملڪ جيڪي گهٽي ياڳي ست ڏهاڪا پوئتي بيٺڪيت مان آجا ٿي آزادي جي پُرڪشش عنوان سان لاڳاپجي ويا هئا. آزادي ڪانپوءِ بہ نالي ماتر ڪا رد و بدل آئي تہ ٽين دنيا جي ڏاهي فرانز فينن جي چواڻي تہ "آزادي جو مقصد اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ يوري سپاهي جي جاءِ محض ناسي رنگ جو والاري". اهڙي صورتحال ڏانهن ابراهيم منشي دلپزير نموني نشاندي ڪندي چيو هو تہ "ويا گورا آيا ڪارا".

ائين انقلابن جي نالي ۾ هڪ تجربن جو سلسلو ٽين دنيا جي ملڪن ۾ جاري ساري رهندو اچي پيو. اسان جي پياري پاڪستان ۾ بہ اهڙن تجربن جو ڏيک گذريل سال نومبر مهيني ۾ ڏسڻ آيو جڏهن مذهبي مهندارن ناموس رسالت جي نالي ۾ رياست جي حيثيت کي للڪاريو ۽ ان کي اسلامي انقلاب جو نالو ڏئي ذري گهٽ ملڪ جي ڪاروهنوار کي بيهاري ڇڏيو. اهڙي صورتحال ۾ سياسي پارٽيون اقتدار ۾ رهندڙ يا وَري اقتدار کان ٻاهر رهندڙ محض هڪ ٻئي تي بيان بازي جا وسڪارا ڪيا ۽ خاص ڪري اقتداري پارٽي ان اُيري آيل مسئلي کي ڏاهپ سان منهن ڏيڻ جي برعڪس اٽ پڪي جهڙي روش اختيار ڪئي تہ پنهنجي ڳچي کي ڪنين ۾ لڪائي چيو تہ سڀ ٺيڪ آهي.

ائين مجموعي طور ڏٺو وڃي تہ سياست ڪار، فوج ۽ اسٽيبلشمينٽ عام راءِ کي ٻانور ڪرائڻ ويهن ننهن جو زور لڳائي رهيا هئا تہ ملڪ جي سلامتي ۽ ايڪتا کي داءُ تي لڳائڻ وارن کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏينداسين ۽ ڪنهن کي بہ قانون ۽ آئين جي بالادستي سان هٿ چراند ڪرڻ جي اجازت نہ ڏينداسين پر پوءِ ٿيو ائين تہ سول ملٽري انتظاميہ ۽ سياست ڪارن نام نهاد اسلامي انقلاب جي آڏو گوڏا کوڙي مامري کي رفع دفع ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ پاڪستان جي اعليٰ عدالت کان ويندي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مذهبي
مهندارن ۽ انهن جي ڏندا بردار ساٿين جي جارحاڻ
روش جو سختيءَ سان نوٽس وٺندي حڪم
نامان بہ جاري ڪيا پر ملڪ جي
عظيم مفادن خاطر
سهڪار ۽

ڪير ڪندڏ ٺيڻ واري پهاڪي تي عمل ڪيو ويو. مختصر طور پاڪستان ۾ ناموس رسالت جي نالي ۾ اسلامي انقلاب جو تجربو ڪيو ويو ۽ نتيجو ڇا مليو اهو پنهنجي جاءِ تي ڪروڙن جو سوال آهي.

اسان کي پهريائين سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ انقلاب جي لغوي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا هجي ٿو. انقلاب جي مختصر معنيٰ آهي تہ "رائج سياست سماج جي رد و بدل آڏو رنڊڪ بڻجي تہ ان کي نواڻ ڏانهن وٺي وڃڻ جي عمل کي انقلاب چيو وڃي ٿو". هن ڌرتي تي حالتن مطابق ڪوڙ سارا انقلاب آيا اهن جن پنهنجا دائمي اثر ڇڏيا آهن. منهنجي نظر ۾ گذريل پندرهن سئو ورهين ۾ هيٺيان چار اهم انقلاب ظهور پذير ٿيا آهن.

حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلهي وسلم جي سربراهي ۾ عرب جي اپٻيٽ ۾ آيل انقلاب جنهن جو بنيادي مقصد هڪ عالمگيريت وسيلي انسان ذات لاءِ ڇوٽڪارو آڻڻ هو، پر اهو انقلاب ستر ورهين جي ابتدائي دور ڪانپوءِ استعماريت (Imperialism) جي قبضي هيٺ اچي ويو.

ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ انقلابِ فرانس جنهن يورپ ۾ بادشاهتن جا ياري برج لوڏي ڇڏيا. ان جي جاءِ تي جديد قوم پرستي ۽ قومي رياستن جو سلسلو شروع ٿيو. جنهن ۾ جمهوريت، آزادي، مساوي حقن جي پاسباني لاءِ اڳيرائي ڪئي وئي پر اهو انقلاب بہ هڪ اهڙي رتوڇاڻ مان گذريو جنهن کي امن امان جي نالي ۾ نيپولين بونا پارٽ يرغمال ڪري بادشاهي آمريت جو روپ ڏنو.

ويهن صديءَ جي ابتدا ۾ روس اندر بالشويڪ انقلاب 1917ع ۾ آيو جيڪو دنيا ۾ سرمائيدارانہ سامراجيت جي هڪ هٽي کي مسمار ڪرڻ لاءِ للڪار بڻجي آيو پر اهو انقلاب بہ اڌوگابرا نتيجا ڏيڻ کان پوءِ ستر ورهين جي ڇمار پوري ڪري الوپ ٿي ويو. ان جو مطلب ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ ماضيءَ ۾ انهن آيل انقلابن جا عالمي
سماج تي ڪي ڳوڙها اثر ڪونہ پيا، پر انهن
انقلابن مان پرائڻ ۽



اڳتي وڌڻ بجاءِ ماضي پرستي کي سيني سان چنبڙائي ۽ ان جي نانءُ ۾ انقلاب آڻڻ جي تمنا ۽ خواهش محض ماضي پرستي هجي ٿي جنهن مان ڪوبہ لاڀ حاصل ٿيڻ اجايو ۽ عبث آهي.
هاڻي اچون ٿا پياري پاڪستان ڏانهن اسان جيڪڏهن پاڪستان جي ستر سالن جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو سطحي جائزو وٺنداسين تہ ان جو پوتا ميل هيٺين ريت بيهي ٿو تہ ڪنهن بہ رٿابندي ۽ سٿاءُ سان جديد دنيا جي جمهوري، قومي اصولن ۽ آدرشن جي پوئواري ڪرڻ ۽ هن ملڪ کي هڪ قومي رياست بڻائڻ جي پيش بندي ڪرڻ جي ابتڙ تجربن جو اٽپورو سلسلو شروع ڪيو ۽ ان کي انقلاب جو نالو ڏنو ويو. مثال طور: باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح صاحب جو شخصي سحر ۽ دٻدٻو قائم ۽ دائم رهيو. ان ڪري ادارن جي اوسر ۽ حساب ڪتاب جو عنصر ثانوي وکر بڻجي ويا. ٿلهي ليکي ڏٺو وڃي تہ پاڪستان پنهنجي ابتدائي جوڙجڪ مان جمهوريت جي نالي ۾ غير جمهوري وارتائن مان گذريو. ان ۾ جديد طرز جي قومي سٽا جي ابتڙ شامل ٿيندڙ يا قبضي گيري هيٺ آيل وفاقي وحدتن جهڙوڪ: اُيرندي بنگال، پنجاب، سنڌ، خيبر پختونخواهہ ۽ بلوچستان سان غير جمهوري نموني ورتاءُ ڪيو ويو.
جناح صاحب جي 11 آگسٽ 1947ع آئين ساز اسيمبلي ۾ ڪيل تقرير ۾ هڪ مذهبي ۽ سيڪيولر رياست جو خاڪو پيش ڪيو ويو، پر ان تقرير ۾ ڪابہ تز ۽ چٽي حڪمت عملي نہ هئڻ برابر هئي. پر ان کي بہ اڳتي هلي غائب ڪرايو ويو. ان تقرير کي ڪوبہ آئيني تحفظ ڪونہ ڏنو ويو.
23-مارچ 1940ع تي لاهور ٺهراءُ (جنهن کي اڳتي هلي پاڪستان جو ٺهراءُ چيو ويو) پيش ڪيو ويو. ان ٺهراءُ ۾ برطانوي هندوستان ۾ آزاد، خود مختياري ۽ مذهبي رياستن جو ذڪر ڪيو ويو، پر 1943ع ۾ مسلم ليگ جي مرڪزي ڪائونسل ۾ "رياستن" جي جاءِ تي "رياست" جو ذڪر ڄاڻائي ٽائپ جي غلطي پڌرو ڪيو ويو.
آئين سازي جي عمل کي اڳتي وڌائڻ جي بجاءِ پاڪستان کي هڪ مذهبي رياست جو درجو ڏيڻ لاءِ قرارداد مقاصد (Objective Resolution) قانوني ۽ آئيني تحفظ ڏنو ويو. ائين ڏٺو وڃي تہ 23-مارچ 1940ع جو ٺهراءُ ۽ جناح صاحب جي 11-آگسٽ 1947ع واري تقرير کي مورڳو غير رسمي درجو ڏنو ويو، پر آئيني ۽ قانوني طور قرارداد مقاصد کي پذيرائي ڏني وئي. ائين آهستي آهستي ملڪ هڪ اهڙي مذهبي رياست جي شڪل ۾ نمودار ٿيڻ لڳو جنهن ۾ وفاقي وحدتن جي حقن جي لتاڙ کي بہ اسلام جي وسيع دائري ۾ پائپي جو سانگ رچائڻ کي جائز ۽ وقتائتو قدم ڄاڻايو ويو.
هوڏانهن سماجي طور بہ پاڪستان جي سماج ۾ ڪابہ رد و بدل نہ آندي وئي. ڇاڪاڻ تہ مسلم ليگ ۾ نوابن، خان بهادرن، جاگيردارن جي والار ٿي چڪي هئي ۽ جاگيردارانہ سماج کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو. ان جو مطلب ٿيو تہ جمهوريت، اسلام ۽ جاگيرداري جو ٽڪنڊو تيار ڪيو ويو. ائين جمهوريت ۽ ادارا سازي جي عمل کي پٺي پر اڇلائي مورڳو فرد واحد جي معتبري کي ڇوٽڪاري جو رستو ڄاڻايو ويو. ان فرد واحد بہ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن جي اوسر لاءِ ڪم ڪرڻ جي بجاءِ غير سياسي ادارن يعني فوج ۽ افسر شاهي کي پنهنجي اقتدار لاءِ ڪارائتو سمجهيو. بهرحال 1956ع جو هڪ آئين غير جمهوري ۽ عوام مخالفت بنيادن تي ٺاهيو ويو جنهن ۾ اڀرندي بنگال جي اڪثريت کي مساوات جي نالي ۾ زير زبر ڪري مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ جو ٽڪساٽ ڪڙو ڪيو ويو. ان نئين آئين جا خالق ميجر جنرل اسڪندر مرزا ۽ چوڌري محمد علي هئا. اسڪندر مرزا کان جڏهن هن ملڪ ۾ جمهوريت جي مستقبل لاءِ پڇيو ويو تہ وراڻي ڏنائين تہ "جمهوريت" پاڪستان لاءِ سازگار ناهي. ادارن جي هيٺائي سبب فوج 1958ع ۾ مارشل لا لاڳو ڪري رهيل سهيل سياسي عمل کي بہ ٻنجو ڏئي ڇڏيو. ائين اهو پهريون تجربو ڪوبہ بهتر راهہ جوڙڻ جو نتيجو ڪونہ ڏئي سگهيو، ها پر اسلام ۽ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ وفاقي وحدتن جي تاريخي ۽ جاگرافيائي حقيقت کان انڪار ڪندي فوج جي سربراهہ جنرل ايوب خان ملڪ کي هڪ مضبوط مرڪز ۾ سلهاڙڻ جو سانگ رچايو.
ايئن هڪ نئين تجربي جي ڪڙهائيءَ ۾ ڪاڙهڻ جو تجربو ڪيو جنهن کي بنيادي جمهوريت جو نالو ڏنو ويو. ان سان گڏوگڏ ملڪ ۾ زرعي سڌارن آڻڻ جو بہ اعلان ڪيو ويو. ان ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي تہ جنرل ايوب خان جي زماني ۾ صنعتڪاري کي فروغ مليو پر ان پڻ قومي حقن ۽ پورهيتن جي پاس خاطري جي بجاءِ لٽ ڦر ۽ رولاڪ سرمائيداري لاءِ راهہ هموار ڪئي. هڪ پاسي زرعي سڌارن جو غوغاءِ متو تہ ٻئي پاسي سيئي جاگيردار ۽ پوتار ايوب خان جي مسلم ليگ ڪنونشن ۾ پرتي ٿيا.
اهي زرعي سڌارا بہ لفظي هيرا ڦيري کان اڳيرو ڪونہ ٿي سگهيا. انت تہ ايوب خان بہ بنيادي جمهوريت جي ناڪام تجربي سان روانگي اختيار ڪئي ۽ پنهنجي آئين جي پيڪڙي ڪندي اقتدار فوج جي نئين سربراهہ جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيو. جنرل يحيٰ خان جي فوج ۽ افسر شاهي وڏيڪ سگهاري ۽ اثرائتي حيثيت اختيار ڪري ويل هئي. جنرل يحيٰ جي دور کي اسان سياهيءَ جو باب چئي سگهون ٿا.
ان ۾ ڪنهن حد تائين ملڪ ۾ آيل اٿل پٿل کي مانيٽو ڪرڻ لاءِ فيصلا ڪيا ويا. انهن ۾ اهم اسمَ ون يونٽ ۽ برابري (Parity) کي ختم ڪرڻ جا اعلان هُئا. آمراڻہ دور ۾ اڀرندي بنگال هاڻوڪي بنگلاديش ۾ هڪ حقيقي وفاقي سياست کي بحال ڪرڻ لاءِ صوبائي خود مختياري ۽ خاص ڪري عوامي ليگ پاران پڌرا ڪيل ڇهہ نقطا حڪمرانن جي جارحانہ اقتدار پرستي لاءِ للڪار بڻجي سامهون آيا. ڇاڪاڻ تہ اُيرندي بنگال ۾ سياسي سربراهي تي وچولو طبقو قابض هو. بهرحال 1970ع ۾ متحده پاڪستان ۾ چونڊون ڪرايون ويو. چونڊن جي نتيجي، سول ۽ مليٽري اسٽيبلشمينٽ جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ متحده پاڪستان ۾ عوامي ليگ اڪثريت سان سوڀ ماڻي ورتي هئي. ان جي برعڪس سنڌ ۽ پنجاب ۾ پ پ اڪثريت حاصل ڪئي جڏهن تہ سرحد (موجوده خيبر پختونخواهہ) ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جميعت سرسي حاصل ڪئي. پاڪستان پيپلز پارٽي ذوالفقار علي ڀٽو جي سربراهي ۾ هڪ نئين طاقت بڻجي اڀري آئي پر اقتدار جي ونڊ ورڇ ۽ ڀاڱي ڀائيواري ۾ عوامي ليگ ۽ پ پ ۾ ڪابہ اندروني طور سهڪار جي صورتحال اُڀري نہ سگهي. ڇاڪاڻ تہ عوامي ليگ وٽ هونئن ئي اڪثريت هئي ۽ ان کي نعپ ۽ جميعت العلماءِ اسلام جو بہ سهڪار حاصل هو. ان ڪري جيئن ئي فوجي جنتا جمهوري روايتن کي پٺي پر اڇلائي فوجي حل کي وڌيڪ وقتائتو ۽ ڪارائتو سمجهيو ۽ پ پ بہ ان سهڪار ۾ شامل ٿي وئي. ان جي نتيجي ۾ 1971ع جو دردناڪ واقعو ظهور پذير ٿيو ۽ اڪثريت اقليت مان جان ڇڏائي بنگلاديش جي نالي ۾ هڪ آزاد ملڪ بڻجي ويو. جيتوڻيڪ ان حادثي کانپوءِ ملڪ جي غير رياستي (Non State)عنصرن کي تاريخ مان سبق سکڻ جي ضرورت هئي، پر انهن اقتدار ظاهري طور ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏنو پر اندروني طور پنهنجي اٽت ۾ لڳل

رهيا. جيتوڻيڪ ڀٽو سرڪار ڪجهه اقتصادي سڌارا آندا پر ان سان گڏوگڏ جمهوري قدرن (Populist) کي فروغ ڏيڻ لاءِ اڻ پورا ۽ اڻ وقتائتا قدم کنيا.

**نالي ماتر زرعي سڌارن جو اعلان:**

بئنڪن، مالياتي ادارن ۽ صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو، پر ان سان گڏوگڏ ننڍڙن صنعتي يونين جهڙوڪ: ڪپهه جا ڪارخانا، سارين جا ڪارخانا ۽ اٽي جا ڪارخانا پڻ قومي ملڪيت ۾ وٺي ايرندڙ وچولي طبقي جا پير پٽي ڇڏيا. اجا بہ وڌيڪ انهيءَ قوميائڻ جي حڪمت عملي کي نئين ڏڳ تي وٺي وڃڻ لاءِ ڪابہ تيار گهربل انتظاميہ موجود ڪانہ هئي. ان ڪري آفيسرن جي هٿن ۾ انتظامي اختيار ڏئي جنهن مورڳو ڊانچي کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو. ڀٽو سرڪار پنهنجي سياسي مخالفن سان بہ ويڙهاند جي حڪمت عملي اختيار ڪئي. ان لاءِ بلوچستان جي چونڊيل سرڪار کي برطرف ڪرڻ ۽ فوج ڪشي ڪرڻ جا اڳتي هلي ڀوائتا نتيجا نڪتا. ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ ڀٽو پنهنجي سحر انگيز شخصيت ۽ ڪلام سبب عام ماڻهن ۾ اميد ۽ آسرو پيدا ڪيو.

ڀٽو ظاهري طور رجعت پرست ۽ عوام مخالف قوتن جي سامهون ٿي بيٺو پر اڳتي هلي انهن سان سرچاءُ ڏانهن قدم وڌايو. ملڪ ۾ وڌندڙ بحران کي جيستائين ڀٽو سرڪار نبيرڻ ۽ نچيرڻ ڏانهن ڌيان ڏنو اِيستائين 5 جولاءِ 1977ع تي هڪ چونڊيل سرڪار کي برطرف ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري فوج اقتدار تي قبضو ڪيو. جنرل ضياءُ اقتدار تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ ستت ئي چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. هوڏانهن ڀٽي عوام سان لهہ وچڙهہ ۾ اچڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ان سان گڏوگڏ پنهنجن مخالفن ۽ فوجي بغاوت کي سڏو ڪرڻ لاءِ اشارا ڏيڻ شروع ڪيا. ائين فوجي قيادت نہ رڳو چونڊن کي اڻ ڄاڻايل مُدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو، پر 1973ع جي آئين بابت جنرل ضياءُ ايراني اخبار ڪيهان انٽرنيشنل کي انٽرويو ڏيندي چيو "آئين ڇا اهي هڪ ڪتابڙو جنهن ۾ چير ڦاڙ ڪري سگهجي ٿي." ان ڪانپوءِ تاريخ جو خطرناڪ واقعو ٿيو تہ هڪ چونڊيل وزيراعظم کي آئين ۽ قانون جي بيخ ڪني ڪندي ڦاسي ڏني وئي. ان رد عمل کي لئہ مٽي ڪرڻ لاءِ بنيادي جمهوريت جو ٽڪساٽ غير پارٽي بنيادن تي رچايو ويو، پر جمهوريت جي بحالي لاءِ تحرڪ اُيرڻ لڳو. انت تہ اها تحريڪ ايم. آر. ڊي جي شڪل ۾ آگسٽ 1983ع ۾ اڀري آئي. ان تحريڪ جو اثر تہ سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويو پر سنڌ تحريڪ جو مرڪز هئي. جيتري قدر قوم پرست سياست جو تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جو سوال آهي تہ انهن لاءِ سونهري موقعو هو پر جي. ايم. سيد صاحب ان کي اقتدار جي بکايلن جي تحريڪ چئي مخالفت ڪئي. انهيءَ مخالفت جو نتيجو اهو نڪتو تہ سنڌ ۾ ٻڌ چوڙ جي واڳ پ پ جي هٿ ۾ اچي وئي ۽ اهو سلسلو اڄ بہ هلندو اچي پيو. هوڏانهن اسلام آباد سنڌ واسين کي سيڪت ڏيڻ لاءِ مهاجر قومي موومينٽ کي جوڙڻ ۾ مدد ڪئي تہ جيئن سنڌ ۾ ڪابہ مرڪز مخالف سياست اُپڙاسو ڪري نہ سگهي. جيتوڻيڪ اڄ مهاجر قومي موومينٽ پنهنجي منطقي انجام ڏانهن وڃي رهي اهي، پر ان جي لساني ۽ جارحانہ حڪمت عملي سنڌ کي چڱو موچارو نقصان رسايو آهي. جنرل ضياءَ پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ غير سياسي بنيادن تي چونڊون ڪرايون، پر جيئن وزيراعظم محمد خان جوڻيجو اقتدار جي ايوان ۾ پهتو تہ سڀ کان پهريائين جنرل ضياءُ کان سوال ڪيائين تہ "جنرل صاحب مارشل لا ڪڏهن ٿا ختم ڪيو." نيٺ اڳتي هلي جنرل ضياءُ پنهنجن هٿن سان آندل وزيراعظم کي برطرف ڪري ڇڏيو. بهرحال جنرل ضياءُ اڳتي هلي 17 آگسٽ 1988ع تي هوائي حادثي ۾ پنهنجن ٻين ساٿين سان مارجي ويو. نئين فوجي سربراهہ جنرل اسلم بيگ ۽ سندس ساٿين لاءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ بچيو تہ چونڊون ڪرائي ملڪ ۾ اقتدار سياسي پارٽين جي حوالي ڪيو وڃي، پر هن ڀيري سول ۽ ملٽري اسٽيبلشمينٽ هيٺي يا ڪمزور ڪانہ هئي. ان ڪري وزيراعظم بينظير کي مشروط اقتدار منتقل ڪيو ويو. هوڏانهن ملڪ جي وڏي صوبي پنجاب ۾ وزيراعليٰ جي مسند تي جنرل ضياءُ جي آشيرواد سان آيل نواز شريف وزيراعليٰ ٿيو. نواز شريف سدائين بينظير سرڪار لاءِ مٿي جو سور رهندو آيو. انت صدر غلام اسحاق خان، بينظير سرڪار مٿان بدعنواني ۽ امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جي تهمت هڻي برطرف ڪري ڇڏيو. اسٽيبلشمينٽ جي مڪمل سهڪار سان نواز شريف ملڪ جو وزيراعظم ٿيو. ان حد تائين جو پ پ کي سنڌ ۾ سرڪار ٺاهڻ لاءِ گهربل ميمبرن جو انگ موجود هو. ان ۾ بہ ڏقيڙ وجهي ڄام صادق علي کي وزيراعليٰ ٻڌايو ويو ۽ پ پ وري هڪ غير منظم جماعت ۽ شخصي سحر ۾ ورتل مخالفانہ ڪردار بہ ادا ڪري نہ سگهي. انت تہ ملڪ جي ٻن مکيہ جماعتن يعني پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) سياسي سهڪار ڪان وڌيڪ هڪٻئي جا لاهہ ڪيڻ ۾ وقت وڃايو ۽ ڪابہ سگهاري حڪمت عملي تيار ڪرڻ ۾ ڪا خاص اڳڀرائي نہ ڪري سگهيون. ان ڪري بينظير مورڳو عوام جي سٽ کان موڪلائي پاڻمرادو جلاوطني اختيار ڪئي.

ان ڪانپوءِ ميان نواز شريف جي چونڊيل سرڪار کي بہ آڪٽوبر 1999ع ۾ برطرف ڪري اقتدار تي ٻيهر فوج قبضو ڪيو ۽ ميان صاحب جلاوطن ٿيو. جنرل پرويز مشرف فوجي سربراهہ سان گڏوگڏ صدارتي عهدي تي ويٺو ۽ اسان جي اعليٰ عدالت مورڳو جنرل پرويز کي جمهوريت جي بحالي لاءِ پريا ٽي ورهيہ مُدو وڌائي ڏنو. جنرل پرويز ۽ سندس ساٿين بہ روايتي، فوجي حڪمرانن وانگر ملڪ جي ڪاروهنوار کي هلائڻ لاءِ لوڪل گورنمينٽ جو تجربو ڪيو. ان ۾ وفاقي وحدتن جي تاريخي حقيقتن کان انڪار ڪندي مورڳو ضلعي سرڪارن جو مانڊاڻ ڪڙو ڪيو. ان ڪانسواءِ مسلم ليگ جو هڪ سياسي ڪلچر آهي تہ حڪمران طبقن سان سهڪار ڪرڻ سندس جياپي جي علامت آهي. ان ڪري جنرل پرويز وڻ وڻ جي ڪاني گڏ ڪري مسلم ليگ (ق) جو بنياد رکيو ۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ بينظير ڀٽو ۽ جنرل پرويز مشرف جي وچ ۾ سرچاءُ (Reconciliations) جو تجربو ٿيو. ان لاءِ جمهوريت جو پڌرنامو (Charter of Democracy) کي بہ ٺوڪري ۾ اڇلايو ويو.

ائين ڏٺو وڃي تہ جمهوريت، قومي مفاد، ملڪ جي سلامتي جي نالي ۾ گڏريل ستن ڏهاڪن کان لاحاصل تجربا ڪيا وڃن پيا. ايئن پيو محسوس ٿئي تہ هي ملڪ جاگيردارانہ جمهوريت ۽ مذهب پرستيءَ جي ڪڙهائي ۾ ڪڙهي رهيو آهي. لڳي ائين ٿو تہ هي ملڪ تجربن لاءِ وجود ۾ آيو هو. سوال آهي تہ انهن تجربن جو انت آڻڻ لاءِ ڪو چڱو رستو اختيار ڪري سگهجي ٿو، ان لاءِ هن ملڪ کي هڪ وفاقي ۽ جمهوري ملڪ جو ڪامياب نسخو ڪتب آڻڻ جو سڦلائتو رستو اختيار ڪري سگهجي ٿو. اهو اڄ جي سوال جو جواب ۽ آئنده جو سوال آهي.



amanlrk805@gmail.com

## حصو پيون

# روحانيت جي نفسيات

سنڌيڪار: پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ
ليکڪ: (ايچ بي ڊنيش)
پبلشر: پراڊئم پبلشنگ ڪئناڊا 1988ع

**روحاني نفسيات ڏانهن:**
هن ڪيس جي تاريخ مان معلوم ٿيو ته ڪيترائي ئي بنيادي سوال آهن جيڪي اسان جي وچ ۾ گردش ڪندا رهندا آهن. مثال طور: ماڻهو جي سچي بنيادي فطرت ڪهڙي آهي؟ دماغ ۽ جسم جو پاڻ ۾ وهنوار ڪيئن ٿيندو آهي؟ ڇا ڪو روح آهي؟ جي آهي ته ان جو ڪردار ۽ خاصيتون ڪهڙيون آهن. ڇا موت کانپوءِ ڪو وجود آهي؟ جي آهي ته ڪهڙي قسم جو آهي ۽ آخر ۾ اهو ته ڇا روحانيت جي ڪا حقيقت آهي جي آهي ته اها ڪهڙي آهي؟
اهي سوال اسان جي وچ ۾ ايامن کان گردش ڪندا رهندا آهن. اڃو ته تاريخ ۾ ڏسون ته انهن جا جواب ڪهڙا مليل آهن.
هزارين سال اڳ اسان جي ابن ڏاڏن وٽ ڪجهه خاص رسمون دفنائڻ متعلق هيون اهي سمجهندا هئا ته موت ۽ روح جا مسئلا انسان جي سمجهه کان بالاتر آهن. ڇهه هزار سال اڳ ٻولي دريافت ٿي. پراڻي دور ۾ روحانيت ۽ ماديت ۾ ڪو فرق نه ڪيو ويندو هو، بلڪه انهن ڳالهين کي شيطان ۽ خدا سان منسوب ڪيو ويندو هو. اهي مسئلا جادو، ٽوڻن ڦيڻن جا آهن جيڪي ماڻهو کي يا سزا طور ملن ٿا يا وري قرباني سان تعلق رکن ٿا، جن کي پادري پنهنجي روحاني طاقت سان حل ڪندا هئا.
جڏهن تهذيب جو سج ابريو ته ڪجهه مختلف ثقافتن ۾ انهيءَ مسئلي کي دل ۽ دماغ جو مسئلو سمجهيو ويو. بائبل ۾ چرئي يا ذهني مريض ٿيڻ جو سبب خدا جي نافرماني طور ڏنل سزا آهي. يونان، روم، ايران، مصر، چين ۽ هندستاني تهذيبن ۾ ذهني بيماري کي ماورائي طاقت سان منسوب ڪيو ويندو هو.
روح جي تصور کي پهريون دفعو فلسفي جي اصطلاح ۾ هيرا ڪليٽس استعمال ڪيو، هن جي خيال ۾ ته اها جسم جي هڪ خاصيت آهي. هن جو دور 540 کان 475 قبل مسيح وارو هو. ان کانپوءِ هيپو ڪريٽ جنهن کي بقراط به چوندا آهن جنهن جو دور 460 کان 355 ق م هو، هن جو خيال هو ته خيال، ڏک، تڪليفون، علم ۽ ٻيا حواس سڀ دماغ مان پيدا ٿين ٿا. جيڪڏهن دماغ صحتمند ناهي ته اسان افسوس، تڪليف، ڏک محسوس ڪنداسين. ان کانپوءِ افلاطون جو دور آيو. هن روح کي ٽن حصن ۾ ورهايو. هڪ خواهش، ٻيو سبب، ٽيون رويو. اهي ٽيئي حصا فرائيڊ جي مطابق اڊ، انا، عظيم ان سان مشابهت رکن ٿا.
جذبن ۽ دماغي حالتن جي رشتي جا تصور سڄي تاريخ ۾ هلندا رهيا آهن، جيڪي ماڻهوءَ جي ذاتي ۽ سماجي زندگين تي اثر وجهندا رهيا آهن.
پندرهين صدي ۾ يورپ ۾ ڏائڻ جي ذهني بيماري کي بهانو بڻائي سڄي يورپ ۾ به لکن کان وڌيڪ معصوم عورتن ۽ ڪجهه مردن کي ماريو ويو. گهڻو ڪري جرمني ۽ فرانس ۾ اهي ڪيس ٿيا ڪجهه موت برطانيه، اسپين ۽ ٻين جڳهين تي به نوٽ ڪيا ويا. عيسائيت جي اقتدار جي آمريت ۾ اهو سمجهيو ويندو هو ته خوبصورت عورتن ۽ شيطان وچ ۾ جنسي رشتن جي ڪري عورت ڏائڻ بڻجي ٿي ۽ ڪيس ماريو وڃي. 1484ع ۾ هڪ پوپ انوسينٽ ستون هڪ آرڊر جاري ڪيو ته عورتن کي ڏائڻ ڄاڻائي مارڻ بند ڪيو وڃي. مشهور ڪتاب Witches Hammer پندرهين صدي جي وچ ڌاري ڇپيو جنهن ۾ اهڙن جنسي، ماورائي، مذهبي، دماغي بيمارين، ڊپ ۽ عورتن کان نفرت جا داستان ڀريا پيا آهن. سورهين صدي جي اڌ ڌاري عورتن جي بچاءُ لاءِ تحريڪون ابريون جنهن ۾ عورتن جي حقن جو
آواز ابريو، جن جي
وچ ۾ "جون لائوس وائي" نالي پهريون شخص هو جنهن عورتن جي تعليم بابت مقالو لکيو، جنهن کي جديد نفسيات جو بابا آدم چيو ويندو آهي. ان کان علاوه "ڪارنيليس اگروپا" 1486ع کان 1535ع پڻ عورتن جي حقن جو بچاءُ ڪندي ڪتاب لکيو جنهن جو موضوع عورت جي عظمت ۽ اهميت هئي. انهيءَ ڪتاب ۾ عورتن جي خلاف جيڪي عمل ڪندا هئا انهن جي مخالفت ڪئي وئي. انهيءَ دور جي هڪ ٻئي مشهور شخصيت "جوهان ويئر" Johann Weyer هو، جيڪو فزيشن سان گڏ بهترين ماهر نفسيات به هو، هي پنهنجي ڪلينڪ تي عورتن کي ڏائڻ قرار ڏيڻ واري دوکي کي نروار ڪندو هو، پهريون دفعو هن نفسياتي سائڪو ٿراپي ڪرڻ جي اهميت کي نروار ڪيو. هن کي ڪجهه ماڻهو دنيا جو پهريون ماهر نفسيات به چون ٿا.
انهيءَ مسلسل عمل کانپوءِ ڊاڪٽرن جي مخالفت ۽ ڪتابن جو اچڻ، عورتن جي حق ۾ تحريڪن ابرڻ کانپوءِ آهستي آهستي بيماريءَ کي مذهب کان الڳ ڪلينيڪل مسئلو سمجهيو ويو ۽ آهستي آهستي ماڻهن جي جذبن کي سائنسي انداز سان سمجهڻ ۽ ان جو تجزيو ڪرڻ ۽ اهڙي طرح علاج به سائنسي طرح شروع ڪيو ويو.
جرمن فلاسفر گوڪل Gockel 1547-1628 پهريون شخص هو جنهن لفظ سائڪالوجي (نفسيات) جو اصطلاح ڪم آندو ۽ ذهن ۽ جسم جي تعلق کي اهميت ڏني ۽ انهيءَ تي زور ڏنو ته ٻنهي جي وچ ۾ ٿيندڙ خرابين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ بيمارين کي سمجهيو وڃي. 1745ع کان 1826ع ۾ فلپ پائنيل جنهن کي جديد نفسيات جو ابو چيو وڃي ٿو. هن هڪ غير سالم دماغ عورت ۽ مرد جو علاج ڪري کين دماغي بيماري مان ڇوٽڪارو ڏياريو.
جديد نفسيات 20 صدي جي شروعات ۾ ظاهر ٿي جڏهن سگمنڊ فرائيڊ جو ڪتاب "خوابن جي تعبير" 1900ع ۾ ڇپيو ان کانپوءِ لڳاتار فرائيڊ جا تجربا، سندس ليڪچر ۽ ڪتاب ايندا رهيا، جن ۾ هن ثابت ڪيو ته نفسياتي تجزيو بنيادي طرح انفرادي ذات کي اپيل ڪري ٿو ته انسانيت پرستي ڪنهن نفسياتي خلل کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي. جرمني جي Bettelheim اهو ظاهر ڪيو ته سائڪ لفظ جي بنيادي معنيٰ "روح" آهي. جديد سائنس انهيءَ اصل روح کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. فرائيڊ اڪثر روح ان جي فطرت ۽ ساخت جي ڳالهه ڪندو هو ته روح پنهنجي صفت ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ظاهر ڪندو آهي. نفسياتي تجزيو Psychoanalysis جو بنيادي مقصد ماڻهو جي اندر، سندس اصل روح جي سڃاڻپ ڪرائڻ آهي، جنهن ۾ ماڻهو پاڻ سڃاڻي پنهنجي اندر جي روح سان ملاقات ڪري پر اسان جو مغربي سماج ۽ خاص طور سان آمريڪي سماج وڌيڪ ماديت پرستي ڏانهن مائل آهي. انهيءَ ڪري اتي نفسيات جي ڪردار کي تبديل ڪيو ويو آهي، هاڻي اتي نفسيات جا ماڻ ماپا ڪرداري، ادراڪي ۽ جسماني حوالي کان جاچ سان جوڙيا ويا آهن جن کي معروضي صورتحال سان ماپيو وڃي ٿو.
20 صدي ۾ نفسيات علمي طور، هڪ جائز ۽ اهم مقام ماڻي چڪي هئي. علم نفسيات ڪيترن ئي شعبن ۾ ورهائي ويئي. جيئن سماجي نفسيات، انڊسٽريل نفسيات، انفرادي نفسيات، تعليمي نفسيات، ڏوهه جي نفسات، وغيره. هاڻي ماڻهو جا عام مسئلا مثال طور: ڪاوڙ، بوريت، جنس، جنونيت علم نفسيات ۾ زير بحث اچن ٿا.

خاص طور علم نفسيات کي معروضي طور سائنس سان ڳنڍڻ کانپوءِ سماج ۾ روحانيت يا مذهبي پاسن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ويو. بظاهر تہ مذهب موجود آهي پر انهيءَ جي روحاني پاسن جي بجاءِ مادي پاسن کي زياده اجاگر ڪري ماڻهن کي مذهب کان ئي بدظن ڪيو ويو.
هاڻي جڏهن علم نفسيات تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي، نفسيات جا ڪيترائي پاسا اجاگر ٿيا آهن تہ اسان بہ زندگي جي هر وهنوار، رويي، ڪردار ۽ ٻار جي ننڍپڻ کي نفسياتي علم سان پرکي سگهون ٿا. اسان کي اها بہ خبر آهي تہ ڪجهہ نفسياتي خلل ماڻهو جي ٻڻ ۾ شامل آهن جيڪي نسل در نسل هلندا آهن. هاڻي اسان کي اها بہ خبر آهي تہ ڪجهہ حياتياتي شين جي کوٽ بہ نفسياتي بيماري ۾ مبتلا ڪري ٿي. هاڻي تہ علم نفسيات ماڻهن جي ازدواجي زندگي کان وٺي سياسي، سماجي ۽ پهلوئن کي بصيرتي علم سان پرکي وٺي ٿي.
ايتري ڪاميابي کانپوءِ بہ اڄ جو علم نفسيات پنهنجي پهچ ۾ مشيني ۽ بي روح وڌيڪ آهي. گهڻو ڪري نفسياتي مريض جي علاج لاءِ ڊاڪٽرن جو ڌيان ڪيميڪل دوائن ڏانهن وڌيڪ هوندو آهي. اهي دوائون اسان جي پريشاني ۽ بي چيني کي صرف مانو ڪن ٿيون.
ڪيئي ماهر ان طريقہ علاج مان مطمئن ناهن. ڇو تہ بنيادي علاج ڪائونسلنگ آهي، حالتن جو جائزو وٺڻ ۽ انهيءَ جو تجزيو ڪري حقيقي بنيادن تي مريض کي ٺيڪ ڪرڻ آهي، پر مريض نفسياتي ڪائونسلنگ لاءِ نفسيات دانن ڏانهن رجوع نٿا ڪن. صورتحال وڌيڪ خراب ٿئي ٿي تہ پوءِ ڊاڪٽرن وٽ اچن ٿا، جتي هنن کي ڪيميائي دوائن ذريعي ئي ٺيڪ ڪيو ويندو آهي. هتي انساني فطرت جو بنيادي پهلو غائب آهي، اهي انساني روحاني رخ آهن، جيڪي نفسياتي علاج دوران غائب هئڻ ڪري انسان جي اخلاقي ۽ انساني پهلو جو ڏيوالپڻو ڪڍيو ڇڏين. اصل ۾ نفسياتي مريض جي علاج ۾ پيار، يقين، همدردي بنيادي جز آهن، جن کانسواءِ مريض جو علاج ممڪن ناهي. بنيادي طور روحانيت جو مرڪزي نقطو ئي اهو آهي تہ علم حيوانيات، نفسيات ۽ روحانيت کي گڏي انساني فطرت ۽ انساني ضرورت کي سمجهيو وڃي. اڄ جي جديد دور ۾ سائنس انسان جي صحت ۽ بيمارين کي بهتر سمجهڻ لڳي آهي. اسان کي اها بہ خبر آهي تہ علم حياتيات ۽ نفسيات بہ الڳ الڳ خود مختيار موضوع آهن، پر هر ماڻهو جي صورتحال حيوانيات سان گڏ نفسياتي بہ آهي. جي ماڻهو جي نفسيات ۾ ڪو خلل ٿئي ٿو تہ جسم بہ متاثر ٿئي ٿو يا وري جسم متاثر ٿئي ٿو تہ نفسيات بہ متاثر ٿئي ٿي.
روحانيت جي نفسيات جو بنيادي مقصد آهي تہ انسان جا حيواني، جسماني، نفسياتي ۽ روحاني پهلو گڏ ڪري، انهن کي حقيقي انداز ۾ توازن ۾ آڻي انساني فطرت ۽ ضرورتن کي سمجهجي. هن وقت دنيا ۾ انسان جي بيمارين متعلق گهڻو ڪجهہ ڄاڻي سگهجي پيو پر اها بہ اسان کي خبر آهي حياتياتي ۽ نفسياتي طور جسم ۽ ذهن خود مختيار آهن، پر انسان ۾ انهن جي اهڙي جوڙجڪ ٿيل آهي جو نفسياتي بيماري جسم کي بيمار ڪري سگهي ٿي. انساني صحت جي هر صورتحال جسم ۽ نفس جي باهمي ميلاپ يا صحتمندي سان ئي جڙيل آهي. انهيءَ جو مطلب اهو بہ ناهي تہ ٻنهي سان ساڳيو وهنوار هلي سگهجي ٿو. هن وقت ميڊيڪل سائنس جا علاج لاءِ ٽي طريقا استعمال ٿين ٿا، هڪ ڪيميائي دوائون، ٻيو سرجيڪل آپريشن، ٽيون ڪاڏي ۽ ورزش ذريعي. جيڪا بہ بيماري هوندي آهي انهيءَ مطابق اڪثر ڊاڪٽر علاج ڪندو آهي، ٻئي پاسي اهي جنوني رويا بہ موجود آهن تہ انسان جو علاج صرف ڌاڳي ڦيڻي، وظيفن، جادو يا روايتي ٽوڻن ڦيڻن سان ٿي سگهي ٿو. علاج ۾ انسان کي صرف مڪينيڪل مادي حقيقت يا صرف روحاني لقاءُ سمجهڻ ٻئي جنوني يا سخت رويا آهن، اهي ٻئي طريقا پنهنجي رويي ۾ جنوني بہ آهن ۽ اسان کي بہ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن تہ انهن کي ئي صحيح سمجهيو وڃي. مسئلو اهو آهي تہ انسان جي حقيقت مادي طور ڳٽپ ۾ اچي ٿي، انهيءَ جو تجزيو ڪري انهيءَ جي چير ڦاڙ ڪري انهيءَ جي جسم کي سمجهي سگهجي ٿو. تنهنڪري ڊاڪٽر ذهن کي صرف مڪينيڪل دماغ سمجهن ٿا، جيڪو ڏاڍو منجهيل ۽ پيچيده آهي. اهڙي طرح هو دماغ جو جسم جي ٻين عضون وانگر علاج ڪن ٿا. اهڙي طرح هنن جسم ۽ روح جي مسئلي کي مادي حقيقت سان حل ڪري ورتو آهي.
اسان نفسيات ۽ روحانيت جي انساني وجود ۾ تفريق نٿا ڪري سگهون، زنده ماڻهو ٻن ڌارائن جي اظهار سان هڪ حقيقت آهي، انهيءَ ڪري روحاني نفسيات انساني فطرت کي هڪ وحدت ۾ پوئي ٽن شين جو مطالعو ڪري ٿي. هڪ پيار، ٻيو علم، ٽيو ارادو. انسان ذات جون سيئي حالتون، صحت، بيماري، زندگي ۽ موت صرف ٽن شين جي ذريعي پنهنجي حيثيت مطابق تجربي ۽ سمجهہ ۾ ايندئون آهن. اهي آهن پيار، علم، ارادو. روحانيت جي نفسيات انساني زندگي جي حقيقت ۽ تجربن کي انهيءَ فريم ورڪ ۾ ئي سمجهي سگهجي ٿو. جيئن تہ هن بحث جو مرڪز علم، پيار، ارادي تي ئي آهي، جيڪي اسان جي نفس جون خاصيتون آهن، ان ڪري هاڻي انساني فطرت، ذات ۽ روح جو مطالعو ڪنداسين.

**پنهنجو پاڻ ۽ روح انساني فطرت:**

اڄڪلهہ اهو عام تاثر آهي تہ انساني فطرت بنيادي طور مادي آهي ۽ زندگي هڪ حياتياتي ارتقا جو نتيجو آهي، پر اسان جو هن ڪتاب لکڻ جو پهريون مقصد اهو آهي تہ اسان انساني روحاني فطرت جي حقيقت کي واڪو ڪريون. اها انساني زندگي جي بنيادي حقيقت آهي جيڪا هميشہ نظر انداز ڪئي ويئي آهي. ٻيو مقصد هن ڪتاب جو آهي تہ اسان روحاني نفسيات جا بنيادي اصول ٻين علمن وانگر برابري جي بنياد تي سمجهون.
پهرين ڏينهن ايمرجنسي روم ۾ جيڪي واقعا ٿيا انهن مان مون کي نفسيات جي اهميت جو شديد احساس ٿيو. ساڳي وقت مون کي هن نئين طريقي جي اهميت جو بہ احساس ٿيو تہ روحانيت جي نفسيات تہ بنيادي طرح هن نئين فارمولي جو نالو آهي جنهن ۾ سيئي شيون هڪ وحدت ۾ پوئيل آهن تہ انسان جي رويي ۽ ان جي جسماني، نفسياتي مسئلن جا بنيادي رخ ڪهڙا آهن ۽ ڪيئن سمجهجن.
اسان انساني فطرت جا مادي ۽ روحاني پاسا جاچينداسين ۽ اهو پڻ ڏسنداسين تہ انهن جا ڪهڙا اثر ڪهڙي ريت انساني زندگي سان وابستہ آهن. اهي سيئي پاسا اسان انسان جي فطرت ۽ زندگي جي تجربن ۽ مشاهدن کي سامهون رکي جاچينداسين. تنهن کانپوءِ آئون هن ٻيائي يا ٻن سرن کي انسائي شعور جي روشني ۾ تجزيو ڪندس. شعور بنيادي طور روحاني حقيقت آهي، ساڳي طرح سگهہ جسماني حقيقت آهي. تنهنڪري شعور انساني فطرت کي سمجهڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. شعور کي سمجهڻ جي معنيٰ بنيادي طور پنهنجي ذات، جذبن ۽ احساسن کي سمجهن برابر آهي. تنهنڪري هڪ صحتمند ۽ خوشگوار زندگي جو دارومدار انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ اسان شعور جي بنياد ۽ ان جي ڪم کي سمجهون، جيڪي مادي بہ آهن تہ روحاني بہ.

**انساني فطرت جو مادي نقطۂ نظر:**

ماديت پسندي مطابق انسان جو وجود ۽ انسان جي فطرت حادثاتي طور وجود ۾ آيون آهن. انسان ارتقا جي حادثاتي پيداوار آهي، هن سڄي ڪائنات جو بنياد مادو آهي، تنهنڪري انسان جون سوچون، احساس، جذبا هڪ حياتياتي عمل جو نتيجو آهن يا وري معروضي

مادي حقيقت جو عڪس آهن. ماديت جو فلسفو سقراط کان بہ اڳ موجود هو. ماديت جي فلسفي متعلق ايرڪ فراهم چيو هو تہ:
"ماديت جو فلسفو دماغي، روحاني، ذهني سيني لقائن کي مادي يا مادي جو سلسليوار عمل جو نتيجو قرار ڏئي ٿو. ايتري حد تائين جو ماديت پسندي سوچن، احساسن، پيار، همدردي کي بہ ڪيميڪل رد عمل جو نتيجو قرار ڏئي ٿي. سوچن کي فڪر کي دماغ جو ائين حصو قرار ڏئي ٿي جيئن پيشاب کي بڪين جي پيداوار قرار ڏئي ٿي."
مطلب تہ اهو تجزيو ۽ سوچ انساني فطرت کي جانور برابر قرار ڏئي ٿو، جيڪا جبلت جي رحم و ڪرم تي آهي. انهيءَ طرز جي بنياد تي انسان کي هر قيمت تي رڳو لذت حاصل ڪرڻي آهي ۽ درد کي پڄائڻو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ لڳي ٿو تہ انسان لالچ، خود غرضي، جنسي هٻچ سان ڀريل آهي. ماديت جي نقطہِ نظر کان انسان هڪ مشين آهي. ماديت پسندي روح کان انڪار ڪري ٿي چو تہ انهيءَ جي وجود کي حواسن ذريعي ثابت نٿو ڪري سگهجي نہ وري اهڙو ڪو اوزار آهي جنهن ذريعي روح جي ڪا خبر لهي سگهجي يا ماپي سگهجي. اسان جا پنج حواس آهن جن ذريعي اسان دنيا جو تجرباتي ادراڪ ڪريون ٿا. اسان دنيا جو ادراڪ پنهنجي ذهن وسيلي ڪريون ٿا. ذهن وري دماغ جي پيداوار آهي، هڪ دفعو دماغ مري وڃي ٿو تہ ذهن وڏيڪ وجود نٿو رکي. مادي سوچ مطابق زندگي مادي وجود ۾ محدود آهي، تنهنڪري جيڪو مري ويو انهيءَ جو وجود ختم ٿي ويو. زندگي جو مقصد صرف زنده رهڻ ۾ آهي.
زندگي جو مقصد مادي حوالي کان صرف مادي فائدا حاصل ڪرڻ جي هڪ جدوجهد آهي، جنهن سان هن جي وجود جي بقا آهي. ڊارون کان وٺي ڪارل مارڪس تائين سڀئي انهيءَ ڳالهہ جا قائل اهن تہ انسان مادي جوڙجڪ اندر ئي آهي انهيءَ کان ٻاهر ناهي. 20 صدي ۾ دنيا جي ادب، سياست ۽ روزمره جي زندگيءَ تي ماديت جي فلسفي جو تمام گهڻو اثر رهيو.
ڪارل مارڪس چيو هو تہ: "انسان جو وجود شعور جي ڪري ناهي، انسان جو وجود شعور کان ٻاهر آزاد آهي، شعور سماجي صورتحال ۽ پيداوار جو عڪس آهي، معنيٰ انسان جو وجود انهيءَ ڳالهہ سان لاڳاپيل آهي تہ هو تخليق ڪري ٿو يا جيڪي پيدا ڪري ٿو. انهيءَ سان سندس سڃاڻپ آهي. يعني انسان جي ارتقا فطرتي طور پيدوار جي اوزارن ۾ تبديلي ۽ پيداواري نظام تحت ٿي آهي.
ٻئي طرف فرائيڊ جو نظريو آهي، جنهن جو خيال هو تہ انسان جون سوچون، احساس، عمل سڀ ٻن قوتن جي آڌار تي اڳتي وڌن ٿا، هڪ جبلت حيات (Sex) ٻيو جبلت مرگ (Death) انسان وٽ ارادي جي ڪابہ آزادي ناهي. انسان جو هر عمل سندس لاشعوري قوتن ۽ بنيادي نفسيات جي تابع آهي. ان ڪانپوءِ ٻيو اسڪول آف ٿاٽ وجود ۾ آيو، جنهن جو سرواڻ جان پال سارتر آهي. جان پال سارتر بہ فرائيڊ ۽ ڪارل مارڪس وانگر خدا ۽ انساني روحانيت کي نٿو مڃي. سارتر انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ، "جو تہ خدا ناهي انهيءَ ڪري سڀ ڪجهہ جائز آهي"
سارتر انساني فطرت کان بہ انڪار ڪري ٿو ۽ هو چوي ٿو تہ اسان جو وجود خدا جي ڪري نہ آهي، هن جو خيال آهي تہ اسان بغير ڪنهن سبب جي بس رڳو وجود رکون ٿا. اسان کي پنهنجي زندگي جي فطرت طئي ڪرڻ جي آزادي آهي. سارتر اهو چوي ٿو تہ اسان جي آزادي ئي اسان لاءِ تڪليف ۽ مسئلن جو باعث آهي. اها ڳالهہ ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ آهي تہ اسان مڪمل آزاد آهيون. فيصلا اسان کي پاڻ ڪرڻا آهن، اسان پنهنجن فيصلن جا پاڻ ذميدار آهيون، اسان انهيءَ آزادي کان فرار حاصل نٿا ڪري سگهون.

بي. ايف اسڪينر جو چوڻ هو تہ بنيادي شيءِ ڪردار ۽ رويو آهي، جو تہ ٻين شين جا ثبوت اسان وٽ ناهن پر ڪردار جي جاچ ڪري تجزيو ڪري سگهجي ٿو. هن جو خيال هو تہ انساني ڪردار ئي سماج جي ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندو آهي. اهو ئي ڪردار ۽ رويو آهي جنهن سان ڏک ملن ٿا يا خوشي ملي ٿي. جڏهن تہ سارتر ڏک جو بنيادي سبب ماڻهو جي آزادي کي قرار ڏنو، جيڪا حد کان وڌيڪ آهي، پر اسڪينر جو خيال هو تہ اسان سوچون ٿا تہ اسان آزاد آهيون، اسان وٽ تصور آهي تہ اسان آزاد آهيون تڏهن ڏک ۽ تڪليف ۾ مبتلا آهيون، حقيقت ۾ انهيءَ سراب واري تصور مان جان ڇڏائڻ ۾ ئي سک آهي. سيني مسئلن جو حل اهو آهي تہ ماحول بدلائجي، پنهنجو رويو بدلائجي.
ڪونرڊ لورينز (Konrad Lorenz) هڪ جديد مفڪر آهي. هن جي خيال ۾ انساني فطرت بنيادي طور مادي اصطلاح آهي. هن جو خيال هو تہ انسان اندر ۾ وحشي آهي. ارادي جي آزادي ۽ اخلاقيات اسان جو خواب خيال آهي. انسان پنهنجي ڪردار ۾ جانور آهي، صرف هن جي عمل مان جانور ۽ انسان جو فرق محسوس ڪري سگهجي ٿو. انساني ماحول کي تبديل ڪرڻ جي تمام ٿوري اميد آهي، انسان سڌرڻ جو ناهي.
اهي مختلف تجزيا جن جو پاڻ ۾ بہ تضاد آهي، پر هڪ ڳالهہ ۾ گڏ آهن تہ انسان جي طاقت انفرادي توڙي سماجي حوالي کان محدود آهي، انسان حياتياتي، تاريخي، سماجي ۽ ارتقا جهڙين حالتن جو موضوع آهي، ڪيس ڪو معمولي اختيار آهي.
اهڙي قسم جا تجزيا ماڻهو جي سوچ کي نقصان ڏين ٿا ۽ هو جديد دور جي مسئلن کي حل ڪرڻ بجاءِ ماڻهو جي جانور واري جبلت تسليم ڪري هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏين ٿا.

**انسان روحاني حيثيت سان:**

انساني فطرت تي بحث ڪرڻ ڪو آسان ڪم ناهي. روحانيت تي ڳالهائڻ خود اڄ جي دور ۾ هڪ مشڪوڪ عمل سمجهيو وڃي ٿو. جو تہ جنهن دور ۾ اسان رهون ٿا ان ۾ ڪيترائي سائنسدان، دانشور، اديب روح جي وجود کان انڪاري آهن يا انهيءَ متعلق سوال اٿارين ٿا. وري ساڳي وقت مذهبن بہ پنهنجي اهميت پاڻ وڃائي ڇڏي آهي. هڪ تہ مذهب کي ڪاروبار بڻايو ويو آهي ٻيو انڌي عقيدي کي مذهب سمجهيو ويندو آهي. ان ڪانپوءِ مذهبي ماڻهن جي تنگ نظري ۽ فرقيواريت ماڻهن کي مذهب کان پري ڪري ڇڏيو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ مذهبن وٽ جيڪا روحانيت جي وصف آهي اها غير واضح ۽ مبهم آهي. صورتحال اها آهي تہ هڪ طرف مادي پرست ماڻهو آهن جيڪي دنيا کي مقابلي جو اکاڙو ۽ انسان کي مشين بڻائي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف مذهبي، روحاني پيشوا آهن جن ماڻهن کي لالچ، ڊپ، خوف ذريعي ڊيڄاري يا لالچ ۾ مبتلا ڪري اصل روحاني حيثيت کان پري ڪري ڇڏيو آهي، ماڻهو روح مان مراد ڪا غيبي طاقت يا جن ڀوت وٺن ٿا. انهيءَ ڪري اڄ جي دور جو نوجوان نسل مايوس، ڪاوڙيل، نااميد، سهپ کان خالي، ڪروڌي آهي جنهن کي انساني پيار واري روحانيت جي خبر ئي ناهي. اسان 20 صدي ڏٺي جنهن ۾ ٻہ وڏيون جنگيون ۽ سوين ننڍيون علائقائي جنگيون لڳيون، جن ۾ ڪروڙين انسان ماريا ويا. هيءَ اها صدي هئي جنهن ۾ سائنس اسان کي موتمار هٿيار ڏنا. جيڪي



نظرياتي دنيا جي ٻن ڪئمپن ۾ مقابلي بازي سان ناهيا ويا. هيءَ اها صدي هئي جنهن ۾ انسان کي جانور ثابت ڪرڻ جا ڪيترا ئي نظريا آيا. هن صدي ۾ پنهنجي دفاع، مذهب، قوم، جمهوريت تہ ڪڏهن آزادي جي نالي تي انسان کي تباهين ڏانهن ڌڪيو ويو.

# اوطاقون آباد ڪريون

راشد شر

اڪثر موڪل واري ڏينهن جڏهن آئون پنهنجي اوطاق ۾ رات جي گهڻي وقت تائين اڪيلائي ۾ جاڳي ڪتاب پڙهندو آهيان تہ جتي ڪتاب سُڪون ڏيندي پنهنجي ساٿ جو نياءُ ڪندا آهن پر پوءِ بہ تنهائي سبب گهڻي ٻاڙائي محسوس ڪندو آهيان ۽ ان اڪيلائي ۾ مون کي پنهنجي اوطاق کائڻ ايندي آهي ۽ پوءِ ڪتاب بہ مٿي ۾ سور وجهي ڇڏيندا آهن. حسن تي لکيل شاعري جي جماليات، انقلابي ناول، افسانا ۽ ڪٻٽ ۾ پيل تاريخ جا سمورا ڪتاب مٿي ۾ سور وجهڻ شروع ڪندا آهن پوءِ ڪتاب بند ڪري ٻاهر نڪري کُليءَ آسمان هيٺان اڇي ستارن جي سونهن کي ڏسي چوڦير پنهنجي ڳوٺ ڏانهن واجهائي ائينءَ محسوس ڪندو آهيان ڄڻ اسان جو سمورو ڳوٺ مڪلي جو قبرستان بڻجي ويو هجي جنهن ۾ سڀ ڳوناٺا موت جي ننڊ ۾ ستا پيا هجن (ڀلا ڳوناٺن ويچارن جو ڏوهہ بہ ڪهڙو سڄو ڏينهن ڪي ٻڪريون، مينهون چارين تہ ڪي وري ڪوڏر، تغاري جهڙي ڏکي مزدوري ڪن تہ ڪي وري زمين جي ڪمن ڪارين جا ماريل هاري ماڻهو. انٽي ۾ لوڻ برابر ڪنهن ڳوناٺي کي ڪا سرڪاري نوڪري هوندي تہ اهو خوشنصيب باقي بيروزگار روز ڪمائڻ روز کائڻ وارا ٿڪل ٽٽل ماڻهو هينئر ٽڪ ۾ نہ سمهندا تہ صبح اٿڻ ۾ ڏکيائي ٿي پوندن ۽ مزدوري جي ڏهاڙي هٿن مان نڪري ويندن).

اڄ دنيا سائنس ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ڪري ترقي طرف روان دوان آهي، پنهنجي سادگي وڃائي گهڻي ترقي ڪئي آهي. اهو بہ هڪ فطرت جو قانون آهي تہ هر شيءِ ڪي هڪ سُڪون پذير شڪل ۾ ناهي رهڻو بلڪ تبديل ٿيڻو آهي. بلڪ هي سڄو سماج فطرت جي هن قانون سان سلهاڙيل آهي. هاڻ جڏهن پاڻ وٽ اهو سوال ٿو اڀري اچي تہ اسان هن جديد دور ۾ ڇا وڃائي ڇا حاصل ڪيو آهي تہ اسان جو جواب ڪو صحتمند نہ هوندو بلڪ اسان جو جواب بہ مونجهاري جو شڪار هوندو ان سنڌ جي بگڙيل روپ جو حصو اسان جي ثقافت جو حصو سنڌ جون اجڙيل اوطاقون بہ آهن.

پاڻ جڏهن سنڌ جي تاريخ جا ورق اٿلائي ڏسنداسين تہ اسان کي سنڌ جي تاريخ ۾ اوطاق هڪ اهم ثقافتي عنصر نظر ايندو سياست ۽ ادب کان ويندي علمي رهنمائي ۾ سنڌ جون اوطاقون هڪ اهم درسگاهہ رهيون آهن. گهڻو پري نٿا وڃون ضيائي آمريت ايم آر ڊي دور کان سنڌ جي سيڪيولر سماج دوست باشعور ذرين جو سنڌ جي اوطاق هڪ مورچو رهي آهي جتي سنڌ جا نوجوان اديب سياستدان گڏجي سنڌ جي سياست ادب ۽ سماجي حالتن جا تجزيا ڪندا رهيا آهن. سنڌ جون اوطاقون جتي سنڌ جي سياست کي سگهارو ڪرڻ جو هڪ اهم مورچو رهيون آهن اتي سنڌي ٻولي ۽ لوڪ ادب جي جهوليءَ ۾ نيون صنفون ايجاد ڪري ڏيڻ جو اعزاز اسان جي اوطاقن کي نصيب ٿيو آهي. ايتري قدر جو اسان جو مڪمل لوڪ ادب سنڌ جي اوطاقن جي ٻنڌي ۾ سنڌ جي سگهڙن جي روپ ۾ پچي تيار ٿي اڀريو آهي. عظيم مفڪر فلاسافر شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ سنڌ جي اوطاقن کان گهڻو متاثر ٿو نظر اچي. شاهہ سائين سر رامڪلي ۾ سنڌ جي اوطاقن جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي جيڪي لطيف جو ذڪر سنڌ جي اوطاقن جي تباهي تي ٿيل هڪ تجزيو بہ آهي.

اَڄُ نہ اوطاقُن ۾، ڪَرِڳل ڪِينَ رُوئِن
نہ اُهي آديسِي آسُڪا، جن سين مَڙهِيُون سُونهَن
مَڙهُ پُوريائُون ماٿِ تي، واڄَٽَ ڪِينَ وَڄَن- (سُر رامڪلي)

سنڌ جو هڪ ٻيو مشهور قصو موڪي ۽ متارا جنهن کي ڀٽ شاهہ لطيف لکيو آهي هن قصي جو بہ سنڌ جي اوطاق سان گهرو تعلق آهي. ڇو تہ اوطاق ۽ مئخاني ۾ اسان وٽ ڪو خاص فرق ناهي رهيو سواءِ لغوي معنيٰ جي شاهہ لطيف جا موڪي ۽ متارن جي شان ۾ چيل ڪجهہ بيت ۽ موڪي متارن جو قصو پڙهي اسان کي سنڌ جي آستانن مئخانن ۽ اوطاقن جي اهميت جو پتو پوي ٿو تہ سنڌ جون اوطاقون ڪيتريون مهمان نواز ۽ ڪچهرين ۽ محبت ورهائڻ جون حامي رهيون آهن.

ايندا جان ڪهي تہ سرو ڪندا سُڄ،
سائي ٿيندن اُڄ، هي پيتو ٻيو آڻ ڪي.

اڄ افسوس سان اهو چوڻو ٿو پوي تہ هاڻ جڏهن اسين سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ گهڙي ڪشمور کان ڪراچي لاڙ اتر ڪاڇي ۾ اهي سنڌ جي ماضي واريون موجون اوطاقون راڳ سگهڙ ڳوليندا سين تہ سنڌ ۽ سنڌ جي ان اوطاقن جون اهي ماضي واريون حسناڪيون اسان کي ڳوليون نہ لڀنديون نہ اهي ماڻهو نہ اهي اوطاقون خبر ناهي سنڌ جي ان امن آجپي کي ڪنهن جي نظر گهائي وئي.

اَڄُ نہ اوطاقُن ۾، طالِبَ ٽنوارِين
آديسِي اُٿِي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِين
جي جِيَ کي جِيارِين، سي لاهُوتِي لَڏِي وِيا- (سُر رامڪلي)

اڳ ۾ بہ اهي ساڳيا هاري مالوند ماڻهو هوندا هئا ساڳيون زمينون ساڳيا مال ٻڪريون مينهون ساڳيا ڪم پر سياري اونهاري ۾ پاٽي جام هوندو هو سڀ ماڻهو سکيا ستابا هوندا هئا. سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌ جي اوطاقن جي هڪ الڳ سڃاڻپ آهي پر اڄ جيڪڏهن سنڌ جون اوطاقون ويران ۽ سنڌي ماڻهو پريشان آهي تہ ان جا بہ ڪيترائي ڪارڻ آهن جهڙوڪ بيروزگاري معاشي مسئلن ۾ سنڌ جي هاري ماڻهو کي زميني فصلن جو حقيقي اجورو نہ ملڻ جي ڪري ئي سنڌي ماڻهو تنگ زندگي پيو گذاري. اهڙين حالتن ۾ سنڌ مان راڳ موسيقي سياست ادب تخليق ٿيڻ جو بہ فقدان ٿيندو پيو وڃي. مجموعي طور تي اڄ سنڌ جون اوطاقون ۽ سنڌ جا ماڻهو هڪ نئين سماج ۽ نئين تاريخ اڏڻ جي اميد اڄ جي ساڃاهہ وند باشعور نوجوان اديبن ۽ شاعرن کان ڪن ٿا تہ سنڌ جهڙي مقدس ڌرتي مان نفرت جهيڙي مذهبي انتها پسندي فرقيواريت جي پاڙ پٽي اڳ جيان سنڌ جي اوطاقن کي نئين سر آباد ڪري سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جون پاڻ ۾ پيار ڀريون ڪچهريون قائم ڪري هڪ دفعو ٻيهر نئين سر سنڌ جي اوطاقن کي آباد ڪيو وڃي.

ڄتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تتِ ٽمڪي ٻاهڙِي
ٻيو ٻارِيندو ڪيرُ، ڪاهوڙڪِيءَ ڪيرَ ري- (سُر ڪاهوڙي).

# يونين ڪائونسل ڄنگهڙيءَ جي 18 اسڪولن مان 16 اسڪول بند

## شيخ سنڌي

تاريخي شهر ٺٽو، جيڪو سنڌ جو هڪ تخت گاهه ۽ علم جو مرڪز پڻ هو جتان جي مدرسن مان علم حاصل ڪندڙن وڏو نالو ڪمايو. هوئن به تاريخي مڪلي، مڪلي نامون جي لکندڙن مطابق ٺٽي شهر ۾ 14 وڏيون لائبريريون هيون جن کي مختلف وقتن تي ڌارين حملي آورن ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو ۽ فارسي پڙهڻ کان انڪاري شاگردن کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو اڄ نه ترخان آهن نه ئي تاتاري يا ارغون، پر پنهنجا، اسان جا چونڊيل نمائندا ئي آهن جن جون علم دشمن پاليسيون سنڌ جي معصوم ٻارن کي تعليم جي زيور کان محروم رکي سنڌ جي معصوم ٻارن جو فقط مستقبل اونداهو نه ڪيو آهي بلڪ ڪالهه جيئن حدون اورانگهيندڙ ڌارين ٺٽي جي شاگردن کي ڦاهي چاڙهيو اڄ پنهنجن ئي ٺٽي جي مسڪين ٻارن کي ٻڪريون چارڻ تي مجبور ڪيو آهي، تاريخ ۾ علم جي مرڪز رهندڙ ٺٽي جي به اڄ تعليمي حالت ساڳي آهي جيڪا سموري سنڌ جي آهي. ٺٽي جي تعليم متعلق مون هڪ ڪاموري کان تعليم جي بگڙجندڙ حالت متعلق سوال ڪيو ته هن رڪارڊ اڳيان رکي جواب ڏيندي چيو ته ٺٽي ۾ 1515 اسڪول آهن جنهن ۾ پڙهندڙ شاگردن جو تعداد 72227 آهي، جنهن ۾ پهريون ڪچي ڪلاس ۾ پڙهندڙ شاگردن جو تعداد 5177، پهرئين پڪي ۾ پڙهندڙ شاگردن جو تعداد 20920، ٻئي ڪلاس ۾ 12057، ٽئين ڪلاس ۾ 9069، چوٿين ۾ 6690، پنجين ۾ 5060 ۽ اهڙي طرح سان مڊل، هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگردن جا انگ اکر ٻڌائي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو پر ان صاحب کان اها ڳالهه وسري وئي ته تعليم ڪاتي طرفان نيٽ تي رکيل پڙهندڙ شاگردن جي انرولمينٽ مطابق ٺٽي ضلعي ۾ 72227 شاگردن لاءِ پڙهائيندڙ ٽوٽل استاد 2866 آهن جن مان 690 فقط ليڊي ٽيچر آهن جيڪو تعداد گهٽ هجڻ ڪري اڄ به ٺٽي جي 40 يونين ڪائونسلن ۾ هزارين شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم آهن. ان جو وڏو سبب سياسي مداخلت ۽ سفارشي ڪلچر جي ڪري ڪيترن استادن جي ڊيوٽي تي نه وڃڻ ڪري ڪيترائي اسڪول بند پيل آهن. آئون تازو ڊسمبر 2017 جي آخري ڏينهن تي ٺٽي جي يونين ڪائونسل ڄنگهڙي گهمڻ ويو هئس ته اتان مک ڳوٺ ڄنگهڙي جي گورنمينٽ مڊل گرلس اسڪول جي بهترين نهيل عمارت جي حالت ڏسڻ بعد پڪ ٿي ته ڪامورن جي رڪارڊ ۾ سڀ سٺو ئي لکيل ۽ نهيل هوندو آهي باقي حقيقت ان جي ابتڙ ئي هوندي آهي جيڪا ڄنگهڙي جي مڊل اسڪول جي ڏسڻ ۾ آئي اتان جي ڳوٺاڻن ٻڌايو ته ستن، ائن ڪمرن تي تعمير ٿيل مڊل گرلز اسڪول جي هيءَ بهترين عمارت 1990ع ۾ ٺهي هئي پر ان وقت کان اڄ ڏينهن تائين مطلب ته 26، 27 سالن تائين هڪ به استاد پڙهائڻ لاءِ مقرر نه ٿي سگهيو آهي جيڪو معصوم نياڻين کي تعليم جي زيور سان سينگاري سگهي. ان سلسلي ۾ ڄنگهڙي يونين ڪائونسل جي پ پ اميدوار چيئرمين حسين شورو ٻڌايو ته اسان ڪيترا ڀيرا وسوارن کي دانهون ڏنيون آهن پرڪو به تعليمي معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي. هن ٻڌايو ته ٺٽي جي 40 يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن سان ادي فريال جي هڪ ميٽنگ ۾ مون ڄنگهڙي جي 18 اسڪولن مان بند پيل 16 اسڪول کولرائڻ لاءِ استادن جي گهر ڪئي پر هنن چيو ته نالين جي مرمت يا نهرائڻ جي ٺيڪن جي ڳالهه ڪريو باقي في الحال اسڪولن کولرائڻ ۽ استادن جي بدلين جي ڳالهه نه ڪريو. ان مان اها ڳالهه ڇٽي آهي ته سرڪار تعليم جي معاملي ۾ سنجيده نه آهي. مون ڄنگهڙي جي هڪ پرائمري اسڪول جي حالت ڏٺي جنهن جا ڪلاس ڪچري سان ڀريل هئا جنهن متعلق ڳوٺاڻن ٻڌايو ته 2011 ڌاري ڏراوت ڊيم ٺهڻ دوران اهو اسڪول 3 سال واپڊا وارن هلايو هو جنهن ۾ ڄنگهڙي جي پسگردائي جي پڙهيل نوجوانن کي پگهار تي مقرر ڪري پڙهائي شروع ڪرائي پر ڏراوت ڊيم جي اڏاوت مڪمل ٿيڻ بعد واپڊا وارن جي وڃڻ بعد آباد ٿيل اسڪول جا به ٽيڙ ماڻهو ڪٽي ڪلاسن ۾ ڪن ڪري دريون ٽوڙي تباهه ڪري ويا مون تقريبن 15 هزارن جي يونين ڪائونسل ڄنگهڙي جي سيني اسڪولن جي حالت ساڳي ڏٺي پر اهڙو مثال منهنجو خيال آهي ته ڪٿي به نه ملي سگهندو جو هڪ يونين ڪائونسل جي سرڪاري 18 اسڪولن مان 16 اسڪول هڪ ئي وقت بند هجن. ان سلسلي ۾ يونين ڪائونسل ڄنگهڙي جي ماڻهن مايوسي ڏيکاريندي ڪجهه نالا ڳڻائيندي ٻڌايو ته يونين ڪائونسل ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد رمضان دل، محمد ابراهيم شورو، محمد رحيم پالاري، علي محمد شورو، حاجي شفيع محمد شورو، منون شورو، گودڙ شورو، حاجي جان محمد شورو، حاجي جامن شورو، محمد يوسف شورو، حاجي الهه بخش شورو ۽ حسين بخش شورو سميت ٻيا اسڪول وڏي عرصي کان بند پيل آهن. ان سلسلي ۾ ڪائونسلر ايوب شورو، محمد سليم، پهلوان، خدا بخش ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان اٺ، ڏهه ڀيرا تعلقه آفيسر ٺٽو نور محمد سرائي سان ملاقات ڪري شڪايت ڪئي آهي ته اسان جي ڳوٺ جا 16 اسڪول ڪيتري وقت کان بند آهن اهي کوليا وڃن پر تعلقه آفيسر توڙي ڊسٽرڪٽ آفيسر فقط آسرا ڏئي ڳالهه کي ٽاريندا هجن ڄڻ هو ويچارا خود بيوس هجن. هنن اهو به ٻڌايو ته آفيسرن جي بي وسي تڏهن ثابت ٿي جو اسان جي مسلسل رڙيون، ڪوڪون ڪرڻ تي آخر تعلقه آفيسر بيزار ٿي جواب ڏنو ته آئون ڪجهه به نٿو ڪري سگهان جنهن بعد ڊي. اي. او تعليم ٺٽو ميڊم افروز ۽ ڊي سي ٺٽو ۽ ان جي سيڪريٽري سان لکت ۾ پڻ رابطو ڪيو آهي پر انهن اڄ ڏينهن تائين اسڪول کولرائي ڏيڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه ورتي آهي. هنن چيو ته يونين ڪائونسل ڄنگهڙي جي بند پيل 16 اسڪولن جا ٻار ٻن کليل اسڪولن ڏانهن وڃي رهيا آهن جتي ٻارن جي رش وڌي وڃڻ ۽ استادن جي کوٽ ڪري ٻارن جو رزلٽ تمام خراب اچي رهيو آهي، ٻنهي طرفن کان معصومن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي. هنن امڪان ظاهر ڪندي ٻڌايو ته بابو ميٽرڪ جو چوٻول هوندي به بند پيل اسڪولن تي جيڪي استاد مقرر ٿيل آهن اهي ويزا تي يا بااثر ماڻهن جا سفارشي هجڻ ڪري ڊيوٽي ڪرڻ بجاءِ گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن جيڪا ڳالهه عملدارن جي تعاون نه ڪرڻ مان ثابت آهي. ان ڳالهه کي سچ ان ڪري سمجهان ٿو ته مون خود ڪيترن استادن کي ايم پي اي ۽ ايم اين اي جي بنگلن تي منشي گيري ڪندي ڏٺو آهي جيڪا ڳالهه مون هڪ ايم پي اي کي ٻڌائي ته هو گهڻن ماڻهن جي موجودگي ۾ ٿورو ڦڪو ٿيو هو، بهرحال ڄنگهڙي جي دوري دوران ڳوٺ شفيع محمد شورو جي رهواسين ٻڌايو ته ڄنگهڙي جا اسڪول بند هجڻ جي ڪري اسان جا ٻار 20 ڪلو ميٽر پري سپر هاءِ لڳ ننڍي شهر لوٽي ڪوٽ جي پرائمري ۽ مڊل اسڪول ۾ پڙهڻ ويندا آهن ۽ اٺون ڪلاس پاس ڪرڻ بعد ڪيترائي ٻار جهمپير هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج پڙهڻ لاءِ ٺٽو ويندا آهن. آئون لوٽي ڪوٽ ويس ته اتي جي هڪ شاگرد ٻڌايو ته آگسٽ 2017 کان لوٽي ڪوٽ جو مڊل اسڪول بند هو اسان جي اسڪول ۾ پڙهائيندڙ هڪ ئي استاد هو جنهن کي جهمپير ۾ بدلي ڪري 100 شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تعليم کان محروم ڪيو ويو. هن ٻڌايو ته اسان سيني شاگردن گڏجي ٻه مهينا لڳاتار ڪوٽڙي، حيدرآباد پريس ڪلبن جي اڳيان ڌرڻا هنيا، لکپڙهه ڪئي تڏهن وڃي لوٽي ڪوٽ جي مڊل اسڪول کي استاد واپس مليو. اهڙيءَ طرح والدين کي مستقبل جي معمارن جو مستقبل بچائڻ لاءِ فقط ڳالهيون ڪندڙ حاڪمن ۽ ڪامورن کي منٿ ڪرڻ بجاءِ لوٽي ڪوٽ جي شاگردن وانگر روڊن تي نڪرڻو پوندو. اسان کي ئي پنهنجن ٻچن جي مستقبل لاءِ پنهنجون اکيون کولي رکڻيون پونديون ڇو جو اليڪشن ويجهي آهي ۽ بااثرن جو ڳوٺن، شهرن، واهڻن ۾ دورا ڪري دلفريب ڳالهين ڪرڻ جو موسم ويجهو آهي.

# جيوواني بوڪيشو (1313_1375)

ڊاڪٽر بدر اجڻ

بوڪيشو اٽليءَ جي شهر تسڪاني ۾ هڪ واپاريءَ جي گهر ۾ ڄائو هو، ٻالڪپڻو فلارينس ۾ گذريس، هن کي والد ابتدائي تعليم، ادب ۽ ڪاروباري ڄاڻ ۾ حاصل ڪرائي. سال 1327ع ۾ نيپلس ۾ ڏنڌي جي تربيت وٺڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو، بوڪيشو جو لاڙو ڪورٽ جي ڪرت ۽ اوچ آدرشي ماحول ۾ گذارڻ طرف هو، جتي هن نظم ۽ نثر مٿان قلم هلائڻ جي ڪوشش ڪئي، انهن ئي ڏينهن ۾ هن هڪ مالدار عورت سان اڪيون اٽڪائڻ شروع ڪيون، ان ئي دور ۾ بوڪيشو جون تحريرون منظر عام تي اچي ويون، انهن منجهان هڪ مشهور ٽروئيلس ۽ ڪريسيڊا واري تحرير هئي جيڪا چاسر ۽ شيڪسپيئر لاءِ ابتدائي درس ثابت ٿي، جنهن مان چاسر "سورمي جي ڪهاڻي" گهڙي ورتي هئي.

سال 1341ع ۾ بوڪيشو فلارينس موٽي آيو، جتي هن کي روايتي ادب ۽ علمي ماحول مليو، دانتي جي علم ۽ اڪابريءَ جا اتي چرچا هئا. 1848ع ۾ اٽليءَ ۾ پليگ پکڙجي وئي، ان جا ستايل شهر کان ٻاهر هڪ هنڌ رهايا ويا جن کي ذهني سڪون ۽ وندر مهيا ڪرڻ لاءِ هن کي ڪوٺ ڏني وئي، بوڪيشو اهڙيون ڪهاڻيون گهڙڻ شروع ڪيون جن سان مريضن کي وندر ميسر ٿيڻ لڳي، انهن ڪهاڻين جو تعداد سَئو تائين پهتو جن جو ڪتاب جوڙيو ويو ۽ عنوان ڊيڪا ميران (Decameron) رکيو ويو ۽ سال 1358ع ۾ اهو ڇپايو ويو جيڪو سندس شهرت جو سبب بڻيو.

سال 1350ع کان 1362ع جي وچ ۾ بوڪيشو ٻيا ڪتاب به جوڙيا جيڪي، ادب، رومن تاريخ، قديم يوناني نسخن منجهان اهم واقعا ۽ ڊراما، اهم ماڻهن، مرد ۽ عورتن جون مشهور ڪهاڻيون ۽ قصا هئا. سال 1362ع ۾ بوڪيشو ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿيو، سيڪيولر سلسلو ڇڏي هولي آرڊرز مڃڻ لاءِ ڪيس مجبور ڪيو ويو. سال ڪن ڪانپوءِ هو پنهنجي اباڻي شهر واپس وريو ۽ اتي اچي سياست ۾ پير پاتائين.

سال 1373ع تائين، بوڪيشو پنهنجي بايوگرافي لکي چڪو هو، دانتي جي حياتيءَ جو احوال مڪمل ڪيائين، ان ئي سال ۾ انگريزيءَ جي ابي شاعر چاسر سان فلارينس ۾ ملاقات ڪيائين، ٻن سالن ڪانپوءِ پنهنجي ڳوٺ Celadon ۾ آخر گذاري ويو.

اٽلي ۽ ان جو ادب يونان کان ٻئي نمبر تي اچي ٿو، بوڪيشو جي ڪوشش هئي ته يوناني ديو مالائي قصن ۽ ڪهاڻين کي اٽلي جي ادب ۾ داخل ڪري، ان لاءِ لوڪ ادب تي ڪم ڪرڻ لڳو، اهڙي طرح سان نثر ۾ سندس جوڙيل ڪتاب "ڊيڪا ميران" شاهڪار بڻيو جنهن ۾ نصيحت آموز سئو ڪهاڻيون آهن. لوڪ ادب جي حوالي سان لوڪ فنڪار ۽ لوڪ ادب تي بوڪيشو جو وڏو ڪم ٿيل هو جنهن جي جهلڪ انگريزي ادب جي پهرين شاعر چاسر جي لوڪ ادب جي داستانن واري ڪتاب "ڪينٽر- بري- ٽيلس" مان ملي ٿي. بوڪيشو جي گهڙيل ادبي ذخيري منجهان پليٽو ۽ ارسطو به فيضياب ٿيا. ان کان علاوه اٽلي جو ادب، پندرهين صديءَ جي ادبي تحريڪ Renaissance لاءِ مواد به اتان ئي حاصل ڪيو ويو.

بوڪيشو جا همعصر: هوريس، دانتي، پيٽرارڪ هئا. ٻه صديون پوءِ به شاعريءَ جي دفاع جو چرچو جاري رهيو، جنهن منجهان اثر وٺڻ

سدني، ٽينيسن وارا هئا سر فلپ ۽ آرنولڊ ۽ انگريزي ادب وارا ٻيا به بوڪيشو جي تحريرن منجهان ڄاڻ حاصل ڪندا هئا خاص طور تي شيڪسپيئر جو نالو به انهن منجهه شامل آهي.

بوڪيشو جي خاص ڪاوش شاهي راڻين ۽ مشهور عورتن بابت به آهي جنهن جو عنوان آهي (Concerning Famous Women) آخر ۾ بوڪيشو جي هڪ ڪهاڻي جنهن جو عنوان "سخاوت ۽ ساڙ" آهي. ان منجهان مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

ان دور جي هڪ خاندان منجهه هڪڙو معزز انسان رهندو هو جيڪو سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، دولت به هن وٽ جام هئي، ملڪ جي هڪ وڏي شاهراهه تي هن هڪ شاندار مسافر خانو ٺهرايو، ان رستي تان تمام گهڻا مسافر لنگهندا هئا. مسافر خاني ۾ فرنيچر به شاهاڻو رکرايائين، ان مهمان خاني جي شهرت ايتري ته وڌي وئي جو هر مسافر اتي رهڻ لاءِ ايندو هو، مسافرن ڪانسواءِ ڪيترا ضرورتمند به اتي اچي رهندا هئا، طعام به شاهاڻو هوندو هو ته ضروتمند جيڪي گهرندا هئا اهو به کين ملي ويندو هو، اهڙي طرح هن جي سخاوت ۽ فياضيءَ جا چرچا ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ ملڪ کان ٻاهر به مشهور ٿي ويا.

ان مهمان خاني کان پرپرو هڪ ٻيو نوجوان به اسريو، ان وٽ به دولت جا انبار هئا، هن جي دل ۾ به اهڙو خيال آيو ته سخاوت ڪجي سو هن به مسافر خانو ٺهرايو ۽ سخاوت جي شروعات ڪيائين ۽ خيال آيس ته پهرين سخي مرد کان وڌيڪ سخاوت ڪري ڏيکاري.

هڪ ڏينهن هڪڙو سائل وٽس آيو، ان جي ٽهل ٽڪور چڱي ٿي، پر ان کي ڪا ضرورت به هئي جنهن جو اظهار ڪيائين، سخي ڏاتار کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ ڪيس ڇڙٻ ڏنائين ته ادا ڪاڏهن پيتو هاڻي وري اوهان جي ضرورت به پوري ڪجي... مون کي معاف ڪيو ائين نه ٿيندو.

سائل کي ڏک ٿيو ۽ ميزبان کي چيائين ته سائين توهان جي اولهه ۾ ڪو ٻيو به مسافر خانو آهي ڇا؟ جنهن جو مالڪ ٻئي ضرورتون پوريون ڪري ٿو، نوجوان کي ڪاوڙ لڳي ۽ دل ۾ ساڙ ۽ بغض اڀري آيس هن دل ۾ ارادو ڪيو ته ان پوڙهي سخيءَ کي ڇو نه ختم ڪري سندس محلات نما مسافر خاني تي قبضو ڪري سخاوت جا رڪارڊ ٽيجي ڇڏيان.

هڪ ڏينهن اهو نوجوان، ويس بدلائي پوڙهي سخيءَ سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. پوڙهو سخي پنهنجو روپ بدلائي خدمتگار جو روپ اختيار ڪري دروازي تي هر سائل جو پاڻ آڌر ڀاءُ ڪندو هو ۽ ملازمن کي سمجهائي ڇڏيو هئائين ته اهو راز ڪنهن سان نه سلين.

پوڙهو سخي، جوان سائل سان دروازي تي وڏي عاجزي ۽ نياز سان مليو ۽ ان جي روزانو خدمت چاڪري به پاڻ ڪندو رهيو. سائل پوڙهي کي ملازم سمجهي ان کي چيو ته ڪيس سخي ڏاتار سان ملڻو آهي، پوڙهي پريان پهاڙيءَ ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايس ته سخي

مرد ان پهاڙيءَ تي جهوپڙي نما ڇپري ۾ رهندو آهي ۽ اٿين ڏينهن هتي ايندو آهي، توهان کي اگر ملڻو ٿي آهي تہ صبح سوير اونداهيءَ ۾ اتي پهچندا تہ هو ملي سگهندو.
صبح جو سوير نوجوان جهوپڙي وٽ پهچڻ وارو هو تہ اندر ڪنهن کي موجود محسوس ڪرڻ لڳو، پوڙهي کي پٽڪو بدل هو ۽ منهن لڪل هئس، نوجوان حسد ۾ سڙڻ لڳو ۽ دل ۾ چيائين تہ پوڙهي سخيءَ کي ڏسندس ۽ پوءِ ڪيس مارڻ جو سبب بڌائيندس، ايتري ۾ تلوار ڪڍي هڪل ڪري چيائينس تہ سخي ڏاتار اچ تنهنجي پڄاڻي آ، تلوار جي ڇهنب سان هن سخيءَ جو پٽڪو هٽايو تہ حيرت جي حد نہ رهيس جو سامهون اهو ئي پوڙهو خدمتگار بيٺو هو ۽ چوڻ لڳو تہ: منهنجا پوءِ ڀاوا مهمان، اگر تون منهنجي موت کان خوش آهين تہ اها منهنجي خوش قسمتي چئبي، نوجوان ڏاڍو پشيمان ٿيو، اکين اڳيان اونداهہ اچڻ ويس، ندامت ۽ شرم وچان اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس ۽ پوڙهي جي قدمن ۾ وڃي ڪري پيو.
سخي ڏاتار چوڻ لڳس تہ منهنجا محترم مهمان ان تلوار سان منهنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪري جلدي هتان هليو وڃ توکي ڪنهن بہ ڏٺو ناهي، اهڙي طرح مون جهڙي ڪميني ۽ گنهگار کي نجات ملي ويندي.
سخي مرد نوجوان کي پيرن مان اٿاري شفقت سان ڳراٽڙي پائيندي چوڻ لڳس تہ منهنجا نوجوان پٽڙا، اگر تون ان قسم جي سوچ سان مون کي قتل ڪرڻ آئين تہ مون ڪانپوءِ خوب سخاوت ڪندين تہ مان تنهنجي ان عمل کي ڏوهہ ڪونہ چوندس، منهنجي دل ۾ تولاءِ عزت ۽ محبت آهي. دولت کي غريبن ۽ نادار شخصن ۾ ورهائڻ جي نيت رکڻ وارا شخص دنيا ۾ ڪيترا هوندا؟ منهنجا پيارا تون عظيم آهين، هن دنيا ۾ تہ ماڻهو دولت ڪسيندا آهن، ٻين ملڪن تي جنگ مڙهي قبضو ڪندا آهن، انهن جي حوس پوري نہ ٿيندي آهي، هن دنيا ۾ اگر ڪو ماڻهو سخاوت ڪري دولت غريبن ۾ ورهائي ٿو تہ اهو عظيم آهي.
منڙا پٽ، هن وقت تائين منهنجي محلات مان ڪوبہ مايوس ٿي ڪونہ موٽيو آهي، افسوس اهو آهي تہ اڄ تائين تو جيان ڪنهن منهنجي جان حاصل ڪرڻ جي صدا ڪونہ هنئي آهي، جيڪڏهن ڪو گهري ها تہ مان جان ڏئي ڇڏيانس ها، ڀلا هاڻي مان اسي سالن جو پوڙهو ٿي چڪو آهيان، اڳتي زنده رهي ڇا ڪندس. ها ڀلا پنهنجي منشا کان هٽي ڪري توکي مايوس ڪيئن ڪندس، نوجوان اوڇنگارون ڏئي وري روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ "اوهان جي جان ڪيتري قيمتي آهي؟" اها خبر مون کي آهي، منهنجي وس ۾ هجي تہ مان پنهنجي حياتي بہ توهان کي ڏيان ها.
پوڙهي مسڪرائيندي وراڻيس تہ منهنجا ٻچا، ائين ٿي سگهي ٿو تہ تون هت رهہ منهنجي جڳهہ تي ۽ مان تنهنجي مسافر خاني تي وڃي ٿو رهان، ان طرح سان پوءِ سموري سخاوت ۽ نيڪيءَ جي شهرت تنهنجي کاتي ۾ اچي ويندي، تنهنجي جاءِ تي مان حياتيءَ جا باقي ڏينهن سکون سان گذاري پورا ڪندس.
نوجوان وراڻيو: منهنجا بزرگ، مان ڏاڍو پشيمان آهيان، توهان جهڙو ڪوبہ ٿي نٿو سگهي... مان واعدو ٿو ڪريان تہ توهان جي نقش قدم تي هلندي توهان جهڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس.
نوجوان نِوڙي پوڙهي سخيءَ کان موڪلايو، جنهن پيار ۽ پاٻوهہ سان ڪيس رخصت ڪيو.

**بوڪيشو جا شاعري بابت ويچار**

**شاعريءَ جي عبارت، ان جو بنيادي عمل:**

شاعري جيڪي سيڪڙاٽ شاعر گهڙين ٿا، جنهن ۾ انهن جا جوان جذبا شامل آهن، تقرير هجي يا تحرير جنهن ۾ گرم جوشي شامل هجي، اها انهن جي ذهن جي تخليق آهي. ان قسم جي اظهار ۾ آفاقيت شامل هوندي آهي، خالق پاران ڏات جو حصو بہ هوندو آهي، انهن منجهان ڪجهہ ماڻهو هوندا آهن جن کي ڏات ڏٺي چيو ويندو آهي انهن جي شاعري کي اوچ آدرشي، انگريزي ۾ چيو وڃي ٿو. اهو روح جو آواز ۽ ادائگي سان ڀرپور هوندو آهي، اها تخليق نئين ۽ اڻ بدل يا اڳ ۾ اڻ ڏٺل، تصور ۽ خيالن سان ڀرپور نون لفظن ۽ ويچارن سان ٺمٺار. لفظ اهي جيڪي سچ ۽ سونهن جا مجسما، سچ ۽ سونهن جي پوشاڪ ۾ سجايل، دائمي ۽ پُراثر هوندا آهن، ان قسم جي شاعري جا جادوئي اثر جيڪي بادشاهن کي ترار ڪڻڻ لاءِ اڀاريندا آهن، بي شمار انسانن کي جنگي جوڌا بڻائڻ ۾ مدد ڪندا آهن. نوجوان دوشيزائن جي وارن، ويڻين ۽ ڳچيءَ جا هار بڻجي پوندا آهن، اخلاق کي بہ اوچاين تي پهچائيند آهن، ان کي ئي عظيم شاعر ۽ سندس شاعريءَ کي عظيم، آفاقي ۽ الحامي شاعري چيو ويندو آهي.
اهو تہ هو هڪ پاسو، بوڪيشو ٻي پهلوءَ بابت بہ خيال آرائي ڪئي آهي، جنهن کي هو ترقي پسند فن چوي ٿو، ان جي وضاحت ڪندي چوي ٿو شاعري ڪرڻ ۽ ان جي اثرن کي وڌيڪ طاقت ڏيڻ لاءِ علم عروض ۽ ان سان گڏ علم ۾ واڌارو آڻڻ لاءِ ٻين علمي شعبن جو مطالعو بہ ضروري آهي، اطالوي زبان جيئن تہ وسيع آهي، ان منجهان بہ لفظ لکيا اٿس جيڪي هن طرح آهن: Trivium (i) جنهن ۾ ٽي شعبا، هرهڪ گرامر، ريٽارڪ ۽ لاجڪ اچن ٿا. Quadrivium (ii) جنهن ۾ چار شعبا: انگي حساب، جاميٽري، ميوزڪ ۽ ايسٽرانامي اچي وڃن ٿا. هن جو چوڻ آهي شاعر کي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ مٿين شعبن جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي، جيئن تہ هر شاعر مادري زبان ۾ شاعري ڪري ٿو تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ ٻين شعبن جو مطالعو ڪري تہ سندس شاعريءَ ۽ ٻوليءَ ۾ نواڻ ۽ نکار اچي ويندو. جاگرافيءَ جو مطالعو ڪرڻ بہ بوڪيشو جي چوڻ مطابق ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ اتي جي زمين، سمنڊ، ندين ۽ جبلن جي ذڪر ڪرڻ مهل، ڪا ڪچائي نہ رهجي وڃي، فطرت جو مطالعو ڪرڻ لاءِ بہ بوڪيشو هدايت ڪري ٿو، جنهن سان آسماني اظهارن ۽ ڌرتيءَ مٿان وڇايل سونهن ڀريل مظهرن کي شامل ڪري سگهجي ٿو. ان طرح سان بوڪيشو شاعري جي اوچ آدرشي خيالن جي نشاندهي ڪندي ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ ان کي ئي "فن" چئبو آهي ۽ ان جا اثر سماج مٿان صحتمند پوندا ۽ اهو سماج اعليٰ سوچ ۽ اوچن خيال وارو هجڻ ڪري عالمگيريت حاصل ڪري سگهي ٿو.
بوڪيشو جو ٻيو خيال اهو آهي تہ مشڪل يا نون لفظن واري شاعريءَ کي "مشڪل شاعري" سمجهي ان کي شاعريءَ جي صنف کان ٻاهر نہ ڪڍيو وڃي. ان لاءِ مثال ڏيندي، هن مذهبي شاعري لاءِ نشاندهي ڪئي آهي تہ ان ۾ مشڪل لفظ يا اشارا هجڻ ڪري ان کي رد ڪيو وڃي، اهو ٺيڪ ناهي، مشڪل شاعري ۾ ڪيترا آسماني يا آفاقي لفظ بہ اچي وڃن ٿا، پر جيئن تہ انهن منجهان سچائي ٻکي ٿي تنهنڪري اهو بہ شاعريءَ جو حصو آهن، تنهنڪري اها بہ شاعري ئي آهي.



### تجزيو ـ (حصو پهريون)

# محمد عثمان ڊيپلائي جا ضبط ٿيل ڪتاب

گل محمد عمراڻي



سنڌ ۾ مزاحمتي ادب جا سرواڻ محمد ابراهيم جويو، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، رسول بخش پليجو ۽ انيڪ نامور مفڪرن، دانشورن، ليکڪن ۾ پيا بہ شامل آهن ۽ سائين جي ايم سيد انهن سيني ۾ سرفهرست آهي ۽ سندس ڪتاب ضبط ٿيندا رهيا آهن. ناول جي ڪيتر ۾ ڊيپلائي صاحب 1955ع واري تاريڪ دور ۾ ون يونٽي ڍڪاءُ ڪان عتاب ۾ رهيو آهي ۽ هن جا پنج ڪتاب هڪ "ڏڪار" (خيالي ڊرامو) ۽ چار ناولٽ، جن مان ٽي تہ ناولٽ چئي سگهجن ٿا پر چوٿون "انسان جي تاريخ هڪ طويل مقالو آهي. اهي ٽي ناوليٽ آهن 1857ع جي "آزادي جي جنگ"، "انور پاشا" ۽ "جاپاني گڏي". انهن ناولن جي ليکڪ محمد عثما ڊيپلائي شروعات ۾ پير پرستي جي خلاف هڪ طويل جنگ ڪندي، تحريڪ پاڪستان جو وڏو مبلغ ۽ حامي ٿيو پر بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ بقول سندس فرزند محمد علي ڊيپلائي جي پاڻ ذهني طور تي ملتِ اسلاميہ ۽ حڪومت الاهيہ يعني (جماعت اسلامي جا نظرئي ۽ نعرن) ڪان سخت متاثر هو ۽ 1947ع ۾ ڪيس انهيءَ خواب جي تعبير پاڪستان جي شڪل ۾ ملي پر ترت ئي ڪيس صدما سهڻا پيا." (مهاڳ ڊيپلائي جون تحريرون) انهيءَ سچي واردات قلبي ۽ ذهني سخت اٿل پٿل يا ڪايا پلٽ جي داستان بہ نهايت ڳنڀير ۽ دک دائڪ آهي. جنهن کي "وڏو ڊيپلائي صاحب وري هينئن مهاڳ ۾ بيان ڪري ٿو: "شروع ۾ مذهبي چڪر ۾ اچڻ سبب منهنجو اهو ئي تصور هو تہ مسلم هين هم وطن هي سارا جهان همارا" انهيءَ ڪري مون کي وطن يعني (هندستان) سان ڪا بہ محبت ڪانہ هئي، پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ جڏهن اول ڪراچي سنڌ کان کسي وئي ۽ پوءِ سنڌ جي زمين، جائيدادون، نوڪريون، واپار، تعليم، ادب ۽ ٻوليءَ تي غير سنڌي پاڻن جون برادرانِ يوسف واريون بدنيت نظرون اٿيون، جيڪي اڳتي هلي عظيم پنجاب عرف ون يونٽ جي روپ ۾ نروار ٿيون، تڏهن منهنجي ذهن کي سخت صدمو پهتو... جنهن بہ انسان کي پنهنجي تڏي سان محبت نہ آهي اهو سامين، کهيرين، گرگلن ۽ واڳهيڙين وانگر سدائين رولو رهي ٿو ۽ ان لاءِ هن دنيا ۾ ڪو بہ صحيح نڪاڻو ڪونهي!" عثمان ڊيپلائي صاحب جا پنج ڪتاب جيڪي ون يونٽ جي لاهوري سرڪار ضبط ڪيا اهي مٿي بيان ڪيا ويا آهن پر انهن جو مختصر تعارف ساڳئي مهاڳ ۾ محمد علي ڊيپلائي ڏئي ٿو ۽ قارئين کي باخبر ڪري ٿو. اهي ڳُٽڪا 1956ع کان لکجڻ ۾ آيا ۽ اهو سچو سلسلو 1957 کان 1959 تائين جاري رهيو. فقط ناول "سانگهڙ" (1963) ضبط نہ ٿيو چاڪاڻ تہ انهيءَ جو مرڪزي ڪردار پير صاحب پاڳارو سيد صبغت الله شاهه سورهيہ بادشاهه پاڻ هو ۽ ايوب خان انهيءَ خانزادي سان هٿ اٽڪائڻ کان پرهيز ڪري ان ڪتاب کي ڇڏي ڏنو بلڪ 1963ع ڪانپوءِ انهيءَ کي سرڪاري درباري اديبن جي وڏي تنظيم (جنهن کي قدرت الله شهاب ئي هلائيندو هو ۽ جميل الدين عالي ان جو جنرل سيڪريٽري هو) کان بهترين سنڌي ناول جو ايوارڊ بہ مليو. انهن ضبط ٿيل ڪتابڙن ۾ هڪ ناٽڪ ڏڪار آهي جنهن جي متعلق محمد علي ڊيپلائي جي راءِ آهي تہ "ڊسمبر 1956ع ۾ هالا ۾ ٿيل هڪ ادبي محفل ۾ ڊيپلائي صاحب خالي پنا اٿلائيندي هي ڊرامو زباني پڙهيو." آهي نہ هي واقعو ڪيترو عجيب پر شايد محمد عثمان ڊيپلائي صاحب لاءِ هي ڪو وڏو ڪم نہ هو. چاڪاڻ تہ هو نثر جو بادشاهه هو ۽ تقرير ۽ تحرير هن جي غلام هئي. ڏڪار جو سچو ڊرامو ون يونٽ دور واري لاهوري سرڪار تي هڪ بي پناهه طنز ۽ تبصرو آهي. پلاٽ هن ريت آهي تہ ڏڪاريل ٿرين جي بدحالي ۽ هيٺائيءَ تي پنجابي حاڪمن جي حاڪماڻي رد عمل کي مذاق جو نيڪ نشانو بڻايو ويو آهي. ٻيو ڪتاب "انسان جي تاريخ" 1957ع ۾ لکيو ويو هو، جنهن جو مقصد عام سنڌي قاري کي يورپ جي اونداهي دور يا جهالت واري عرصي جي تاريخ کان واقف ڪرائي ۽ ان ۾ پادرين ۽ ڪليسائن جي سائنس ۽ عقليت پسندي خلاف ڏاڍ ۽ جبر کي بي نقاب ڪجي تہ جيئن اسين هتي سنڌ ۾ اهو سبق حاصل ڪيون تہ ملائيت پير پرستي ۽ انڌي عقيده پرستي جي جار مان نڪري وري يورپي نشاط ثانيہ جهڙي اتساهي وقت لاءِ جاکوڙيون. هن ڪتاب جو تمام گهڻو اثر سنڌ جي نئين نسل تي ٿيو آهي جنهن جي شاهدي اول تہ هن ڪتاب مٿان پابندي ۽ بعد ۾ ان جا لڳاتار پنج ايڊيشن آهن ۽ انهيءَ ڪتاب پهريون دفعو انسان جي تاريخ جي ذهني (Intellectual) سفر کي آسان طرز بيان ۽ سراهت سان پيش ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ هن ڪتاب جي انداز تي خليل جبران جي نظماڻي نثر جو اثر نمايان آهي. چاڪاڻ تہ ان وقت اردو ۾ ن. م راشد، ميراجي، قيوم نظر، حفيظ هوشيارپوري ۽ مهان ڪوي رابندر ناٿ ٽيگور بہ خليل جبران جي طرز ۾ اهڙي لطيف نثري صنف اپنائي چڪا هئا جيڪا هتي پاڻ وٽ ڊيپلائي صاحب اختيار ڪري بظاهر هڪ خشڪ علمي و علم الانساني موضوع کي دلچسپ بڻايو. اهو ڊيپلائي صاحب جي اعليٰ فهم ۽ فراصت جو ڪمال آهي. هي سچو قصو مهاڳ ۾ تحرير ٿيل آهي جنهن کي پڙهڻ بہ جڻ هڪ نظرئي جو اپٽار ڪرڻ آهي اهو نظريو انسان دوستي آهي،

اي انسان!
تون هن غلامي جي غير حقيقي ماڙي ۾،
ٻارن وانگر ڪيستائين مٽيءَ سان راند ڪندين؟
...اٿ!
اهي ڌوڙ سان پُر ڪنپ ۽ ڪنيڙائيون ڇنڊي،
آزادي جي ايوانن تائين اڏام!
تون ابراهيم خليل وانگر،
وهمن جي دنيا مان نڪري
صحيح حقيقت جي مالڪ جو دروازو کڙڪائي
اعلان ڪر تہ
مون کي اهي اصل نٿا وڻن
جي زوال پذير آهن!"

جام ساقي هن ڪتاب کان ئي متاثر ٿي چوي ٿو تہ:



هن ڪتاب منهنجي زندگي ۾ وڏي تبديلي آندي مون ڳالهين ٻولهين ۾ ۽ ٻين ڪچهرين ۾ ويهي انهيءَ ڪتاب جي تعليمات تي عمل بہ ڪيو. ڪتاب دوستن کي پڙهڻ لاءِ بہ ڏنو. ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شرڪت ڪانپوءِ مان پنهنجن دوستن کي هي ڪتاب پڙهڻ لاءِ چوندو هئس ۽ آئون چاهيندس تہ منهنجا ٻار بہ پڙهن...(هلندڙ)...

# سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر

اياز علي

تحقيق، دراصل، هڪ نهايت گوڙهو، گهڻ-طرفو ۽ محنت طلب ڪَمُ هجي ٿو. تحقيق جو بُنيادي ڪارج صرف ڪنهن بہ موضوع يا سوال جي ڇڪاس ۽ اپياس ڪرڻ نٿو هجي، پر اُن سان گڏ تحقيق هيٺ آيل سوال يا موضوع سان لاڳاپيل اصل حقيقتن ۽ سچائي کي ڳولهي هٿ ڪري انساني صورتحال جي بهتري ۽ چڱ ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ، دراصل، علم تحقيق جو بنيادي ڪارج هجي ٿو. (1) ۽ جيئن تہ اِهو سڄو ڪَمُ علم تحقيق پنهنجي مضبوط استدلالي ۽ منطقي طريقي ڪار تحت مڪمل سائنسي ۽ علمي نظام جي صورت ۾ سرانجام ڏئي ٿي، اُن ڪري علم جي دنيا ۾ تحقيق جي علم کي وڏي اهميت ۽ قدر جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي. (2) ڪيترائي ماهر تہ علم تحقيق کي علمن جو علم (Science of Sciences) بہ چون ٿا. (3) البتہ سنڌ ۾ علم تحقيق جي بنيادي اصولن ۽ طريقيڪار مطابق ڪيترو ڪامياب تحقيقي ڪم ٿيندو رهيو آهي، اُهو سوال هميشہ ڇڪاس جو طلبگار رهيو آهي. (4) جيتوڻيڪ اسان وٽ ٻولي، ادب ۽ تاريخ جي موضوعن تي گهڻو ڪَمُ ٿيندو رهي ٿو، منهنجي خيال ۾ اُنهن مان بنهہ ٿوري مواد ۽ ڪتاب کي ڪامياب تحقيق جي ذمري ۾ آڻي سگهجي ٿو.

اصل ۾ ڪنهن بہ اهم سوال يا موضوع تي ڪامياب تحقيق لاءِ ٽن بنيادي ڳالهين جهڙوڪ: (1) تحقيقي سنجيدگي، (2) علمي بصيرت ۽ (3) تجزياتي گهرائي جو هجڻ ضروري هجي ٿو ۽ ڪنهن بہ موضوع تي ٿيل تحقيق ۾ جيڪڏهن اُهي ٽئي پاسا ڪمزور هجن ٿا تہ اُن کي ڪامياب تحقيق يا ڪامياب تحقيقي ڪتاب/مقالي جي ذمري ۾ آڻي نٿو سگهجي. مقالي جي غير ضروري طوالت ۽ ڊيگهہ مقالي جي ڪاميابي جي مُحرڪ ٻٽيل اُنهن ٽنهي پاسن کي متاثر ڪري ٿي، پر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجي هِنَ تحقيقي مقالي "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" ۾ طوالت جي باوجود ان تحقيقي سنجيدگي، عملي بصيرت ۽ تجزياتي گهرائي کي برقرار رکيو آهي، اهو ئي اُن جو مثبت پهلو آهي.

اسان وٽ ڊاڪٽرالهداد ٻوهئي جي لاڏاڻي ڪانپوءِ سنڌي ادب ۾ ٿيندڙ تجزياتي تحقيق جو دور ڄڻ تہ ختم ٿي چڪو هو ۽ اِهو ئي سبب هو جو هيلتائين ادب ۽ ٻوليءَ جي ڪنهن بہ اهم پاسي ڪان ڪوبہ ڳٽپ جوڳي فڪري تحقيقي ڪم ظاهر نہ ٿي سگهيو. اهڙي صورتحال ۾ هڪ ملاقات دوران جڏهن ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ مون کي پنهنجو ڪتاب "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" پڙهڻ ۽ تبصري ڪرڻ لاءِ ڏنو تہ مون کي ڏاڍي سرهائي ٿي ۽ اُنهيءَ سرهائي جا هيٺيان ٻہ ڪارڻ هئا:

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو مون کي ڪنهن مُحقق جو ادب، خاص طور تي سنڌي ادب جي فڪري پسمنظر ۾ تحقيقي ڪم پڙهڻ، ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مليو ۽ ٻيو تہ، سنڌي ادب جي فڪري پسمنظر ۽ اُن جي مُحرڪن جي حوالي سان جيڪا اضافي تحقيق (Relative Research) ٿيڻ کپندي هئي، اُن جي شروعات ڊاڪٽر عبدالغفور جي هِنَ مقالي "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" سان ڪئي وئي آهي، جيڪا اِنهيءَ موضوع تي وڌيڪ تحقيق لاءِ هڪ اهم پيش رفت واري حيثيت رکي ٿي.

جيتوڻيڪ اسان وٽ، تاريخ، سياست ۽ قومي معاملن تي تجزياتي تحقيق جو پاسو نهايت ڪمزور رهيو آهي، پر خوشي جي ڳالهہ اِها آهي تہ اسان وٽ، ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان تحقيق جا بنياد ڪافي سگهارا ۽ مضبوط ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڊاڪٽر عبدالغفور جو هيءُ ڪتاب بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جي تجزياتي تحقيق جي سگهاري هجڻ جي ساک ڏئي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب هِنَ ڪتاب ۾ تجزياتي تحقيق سان گڏ جيڪو علمي، تعارفي ۽ تبصراتي تحقيق جو نئون تجربو ڪيو آهي، اُن جا سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي ايندڙ دور ۾ ٿيندڙ تحقيق تي پڻ وڏا مثبت اثر پوندا.

بهرحال هيءُ ڪتاب "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" بنيادي طور تي، ڪل ڇهن بابن تي ٻڌل آهي. ڪتاب جو پهريون باب "سنڌي ماڻهن جو فلسفياڻو پسمنظر" جي نالي سان آهي، جنهن ۾ اوائلي انساني فِڪِر جي ارتقاءَ کان وٺي قديم سِنڌي فِڪِر جي پسمنظر، سِنڌ ۾آرين ۽ عربن جي ڪاهہ ۽ اُن جي سِنڌي سماج تي پوندڙ اثرن جو هڪ گهڻ-طرفو جائزو ورتو ويو آهي. هِنَ بابَ ۾ جتي ننڍي کنڊ جي مُختلف فِڪري ڌارائن جهڙوڪ: ويدن جو فڪر، ٻڌ مت، جين مت ۽ چار واڪ جي فلسفي ۽ فِڪِر تي بحث ڪيو ويو آهي، اُتي سِنڌ جي اهم اثاثي سنڌي شاعرن قاضي قادن، شاهہ ڪريم ۽ ڀٽائي جي شاعري ۽ فِڪِر کان وٺي سچل سرمت، بيدل فقير، مصري شاهہ، امر لعل هنگوراڻي ۽ شيخ اياز تائين سنڌي فِڪر جو تجزيو ڪري، اُنهي سِنڌي فڪر جو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي پوندڙ اثرن جو هڪ مڪمل جائزو ورتو ويو آهي ۽ آخر ۾ گهربل نتيجا ڪڍيا ويا آهن. مواد ۽ تجزيي جي پيشڪش نوس علمي ۽ اڪيڊمڪ قسم جي آهي، جيڪا هن جي تحقيق جي علم ۽ اُن جي لوازمات کان واقفيت جو ثبوت آهي.

ڪتابَ جو هيءُ پهريون باب لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو صفحن کان بہ وڌيڪ آهي، جيڪا ڳالهہ غير رواجي لڳي ٿي. بهرحال ڪتاب جي هِنَ پهرين بابَ هيٺين ڪجهہ ڳالهين منهنجي ڄاڻ ۾ اضافو آندو آهي. آرين جي اچڻ کان اڳ سِنڌ ۾ مادري نظام (Matriarchal) رائج هو. آرين جي اچڻ بعد سِنڌ ۾ پدري نظام (Patriarchal) جي شروعات ٿي. آرين ڪانپوءِ سِنڌ تي مصر جي بادشاهن حملا ڪيا. تن ڏينهن مصر علم ۽ ادب جو مرڪز هو. يونان جي عظيم مفڪر فيثا غورث ۽ مشهور يوناني تاريخ نويس هيرو ڊوٽس مصر جي درسگاهن مان تعليم ورتي هئي. محمد بن قاسم اروڙ کي فتح ڪرڻ بعد راجا ڏاهر جي ٻن ڌيئرن کي شاهي خزاني جي تحفن سان گڏ خليفہ مسلمين ڏانهن موڪلي ڇڏيو.

موهن جي دڙي مان ڪوبہ جنگي هٿيار ناهي مليو. اُها ڳالهہ سِنڌي ماڻهن جي فطري امن پسنديءَ کي ظاهر ڪري ٿي.

سِنڌ ۾ وسيلن جي جهجهائي سِنڌي ماڻهن کي خانہ بدوش ٿيڻجي، رولاڪيون ڪري، مُختلف ڏيهن ۾ ورسائڻ کان بچائي ورتو آهي ۽ منجهن امن پسنديءَ جي مُحرڪَ کي سَگهَہ ڏيارائي آهي.

سِنڌين جو ٻاهرين دنيا ڏانهن نڪرڻ ۽ وقت جي وهڪري سان پاڻ کي هم آهنگ ڪري، تبديلين جي اثر کي ترت قبول نہ ڪرڻ جي پويان سِنڌ جي ڌارين جي حملن ۽ بيرحم قرلٽ وارا لقاءَ اهم محرڪ واري حيثيت رکن ٿا.

بهرحال، ڪتاب جي هِنَ پهرين باب ۾ سنڌ ۾ آرين جي اچڻ ۽ نہ اچڻ بابت بہ نهايت پر مغز بحث ڪيو ويو آهي ۽ اِن حوالي سان، ليڪڪ جو فِڪِري جهڪاءُ سراج صاحب جي نقطہِ نظر ڏانهن ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيتوڻيڪ سراج صاحب جو سِنڌي ٻولي ۽ آرين بابت تحقيقي نظريو بي حد مُتضاد ۽ تڪراري رهيو آهي ۽ اِهو ئي سبب آهي، سِنڌ جي ڪجهہ عملي حلقن طرفان سراج مٿان تنقيد بہ ٿيندي رهي آهي، پر جيئن تہ تحقيق جي دنيا ۾ تڪراري ۽ مُتضاد ويچارن جي وڏي اهميت هجي ٿي، جو دراصل، تحقيق مُتضاد معاملن ۽ نظرين

تي ٿي ٿيندي آهي، اُن ڪري، مُنهنجو خيال آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ ۾ آرين جي اچڻ جي حوالي سان سراج صاحب جي نظرئي ۽ ويچارن کي مثبت طرح سان وٺڻ گهرجي. ڊاڪٽر عبدالغفور پنهنجي هنَ ڪتاب ۾ اُنهي مثبت سوچ ۽ مقصد جو اظهار ڪيو آهي. ڪتاب جي هنَ پهرين بابَ ۾ ليکڪ سنڌ جي صوفي فڪر لاءِ مثبت وجودي فڪر وارو اصطلاح بہ استعمال هيٺ آندو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين ٺهڪندڙ پاسجي ٿو. البتہ وجودي فڪر موجوده دور ۽ حالتن ۾ طبقاتي سماج اندر ساهہ کڻندڙ انسان ۽ اُن جي مسئلن کي سمجهڻ ۾ ڪيترو ڪارگر ڪردار رکي ٿو، اُن تي ويچار ضرور ڪري سگهجي ٿو.

وجوديت، دراصل، انسان جي اندر جي احساس ۽ ولوڙ جي فڪري اظهار جو نالو آهي، جنهن جو جوهر بُنيادي طرح سان داخليت (Subjectivism) تي ٻڌل هجي ٿو ۽ جيئن تہ فلسفي جي علم مان اُهو بنهہ واضح ٿئي ٿو تہ سچائي تائين پهچڻ جو اصل رستو داخليت يا موضوعيت نہ پر معروضيت (Objectivism) وارو آهي، اُن ڪري، سائنس جا عالم وجودي فڪر کي سائنسي فڪر جو درجو تہ نٿا ڏين. البتہ وجودي فڪر تحت ٻي عالمي جنگ کانپوءِ جيڪو انساني زندگيءَ بابت بي معنويت وارو نعرو هنيو ويو ۽ اُن جهڙي طرح سان جتي سڄي دنيا جي ترقي پسند ليکارين کي متاثر ڪيو، اُتي اُن سنڌ جي ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ دانشورن تي بہ وڏا اثر ڇڏيا. اُن ڪري، اُن جي فڪري ۽ ادبي اثر کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي. اِهو ئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ وجودي فڪر هيٺ تمام گهڻو ادب سرجي تيار بہ ٿيو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب جي هنَ پهرين باب ۾ وجوديت جي اپٽار ۽ اُن جي وضاحت جي پسمنظر ۾ سنڌي ادب جي پوندڙ مختلف فڪري ۽ نظرياتي اثرن جو جائزو وٺي، تفصيل سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌي ادب ۽ ليکارين تي وجودي فڪر جو اثر نمايان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر اِن حوالي سان، سنڌ جي هڪ وڏي برک ڏاهي رسول بخش پليجي پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌي ذات هنجن" ۾ جيڪا فڪري ۽ نظرياتي تنقيد ڪئي آهي، اُن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

ڪتابَ جو هيءُ پهريون بابُ واضح طور ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پهرين ڀاڱي ۾ قديم سنڌي سماج جي فڪري پسمنظر جي جائزي وٺڻ سان گڏ سنڌ تي ڌارين جي حملن جي تشريح توڙي اُنهن حملن جي اثرن کي بيان ڪيو ويو آهي. ٻي ڀاڱي ۾ سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ ۽ ان جي فڪري ڪردار جي اپٽار ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ قاضي قادن، شاهہ ڪريم ۽ ڀٽائي جي فن ۽ فڪر جو جائزو وٺي، سنڌي ادبَ جي فڪري مُحرڪن کي واضح ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ڪتاب جو ٽيون ڀاڱو انگريزن جي دور بابت آهي، جنهن ۾ تفصيل سان مرزا قليچ بيگ کان وٺي شيخ اياز جي دور تائين سنڌ اندر ٿيل علمي، فڪري ۽ ادبي ارتقاءَ ۽ اُن ۾ انگريز رياست جي ڪردار کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. هنَ سڄي بابَ جو فڪري ڪئنواس نهايت گهرو، گهڻ-طرفو ۽ گهڻ-موضوعاتي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ڪتاب جو ٻيو باب "ننڍي کنڊ ۾ پاڪستان ٺهڻ جو فڪري پسمنظر" آهي، جنهن ۾ 1947ع ۾ ٿيندڙ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام جي نتيجي ۾ سنڌي ادب تي پوندڙ فڪري اثرن جو جائزو ورتو ويو آهي. هِن باب ۾ جتي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ ۾ سرجندڙ مزاحمتي ادب تي بحث ڪيو ويو آهي، اُتي وري پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ جي وڏن شهرن ڪراچي ۽ حيدرآباد وغيره ۾ مُهاجر آباديءَ جي اچڻ سان سنڌ جي آبادي تي پوندڙ اثرن، سنڌي ادب ۽ ٻولي لاءِ پيدا ٿيندڙ اکيچار خطرن، سنڌين جي قومي ۽ سياسي سجاڳي، 1952ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي بنياد پوڻ ۽ اُن جي پويان سنڌ جي سماجياتي صورتحال، هاري ڪميٽي ۽ حيدر بخش جتوئي جي جدوجهد، طبقاتي تضاد، سنڌين جي قومي سوچ ۽ پاڪستان جي رياستي نظرئي ۾ پيدا ٿيندڙ ٽڪراءَ واري صورتحال، ڪراچيءَ ۾ جديديت جي اُڀار ۽ ان جي اثر هيٺ سنڌي شاعري، ناول ۽ ڪهاڻي جو نئين هيئيت ۾ تخليق ٿيڻ واري لاڙي جو تحقيقي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي هنَ ٻي بابَ ۾، ليکڪ جيئن تہ سرسيد احمد خان، پاڪستان جي ٺهڻ واري لقاءَ، جناح ۽ مُسلم ليگ بابت بہ خيالن جو اظهار ڪيو آهي جنهن سبب ڪجهہ جاين تي مون کي ڪجهہ تضاد بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ جيئن تہ مان بہ، تاريخ ۽ سياست جي هڪ شاگرد طور اِنهن معاملن کي هڪ سبجيڪٽ طور پڙهندو، سوچيندو ۽ لکندو رهيو آهيان، اُن ڪري، مان اُهو ضروري سمجهان ٿو تہ هنَ ڪتاب ۾ اظهاريل ڪن اهم ۽ بنيادي قسم جي نقطن بابت هيٺ پنهنجو مؤقفُ بہ چئني طرح سان بيان ڪريان.

جيتوڻيڪ اِها حقيقت آهي تہ سنڌ تي عربن جي حملي کانپوءِ سنڌي سماج ۽ سنڌي قوم واضح طور ٻن مذهبي فرقن ۾ ورهائجي وئي، پر قطع نظر اُن جي، اِها بہ تاريخي حقيقت رهي آهي تہ سنڌي ماڻهو ڪڏهن بہ مذهبي جنونيت ۽ شدت پسنديءَ جا قائل ناهن رهيا.

ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن جو اقتصادي، سماجي ۽ تعليمي طور تي پوئتي رهجي وڃڻ جو هڪ وڏو سبب انگريز رياست جي اِسٽريٽجڪ پاليسي سان ڳنڍيل آهي، اُن کي سمجهڻ کانسواءِ ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن جي پسماندگيءَ کي سمجهڻ ممڪن نہ ٿيندو. دراصل، گڏيل هندوستان ۾ انگريزن جي اِها سوچيل سمجهيل پاليسي هئي تہ هندن تي هٿ رکي، کين مُعاشي فائدن سان نوازي، اڳتي آڻي، کين انگريز رياست جي اسٽيڪ هولڊر واري حيثيت ڏني وڃي. جڏهن تہ انگريزن ننڍي کنڊ ۾ اقتدار مسلمانن کان کسيو هو، اُن ڪري، مسلمانن بابت سندن پاليسي واضح طور سياسي تعصب ۽ متڀيد تي ٻڌل هئي. اِهو ئي سبب هو، ننڍي کنڊ ۾ انگريزن جي بہ سئو سالن واري حڪومتي دور مسلمان هرطرح سان پوئتي پيل رهيا ۽ هندو هر ميدان ۾ اڳتي وڌيل رهيا. اُن سڄي صورتحال ۾ مذهبي عنصر جو ڪوبہ عمل دخل نہ هو. اِهو سڄو لقاءُ انگريزن جي اسٽريٽجڪ پاليسي جو هڪُ نتيجو هو، جيڪو دراصل هڪ طرفو ۽ هندو مراعات تي ٻڌل هو. مثال طور: ننڍي کنڊ ۾ بنگال مسلم اڪثريتي صوبو هو، پر جڏهن انگريزن 1935ع وارو آئين آندو تہ اُن ۾ بنگال آئين ساز اسيمبليءَ جي 250 سيٽن مان مسلمانن کي جمهوري طريقيڪار مطابق اڌ يا اڌ کان وڌيڪ سيٽون ڏيڻ بدران صرف 119 سيٽون ڏنيون ويون. جڏهن تہ 131 سيٽون هندن کي ڏنيون ويون، جيڪا دراصل بنگالي مسلمانن سان ناانصافي هئي. اُن ڪري ننڍي کنڊ ۾ جيڪڏهن مسلمان تعليمي، سياسي، معاشي، اقتصادي ۽ سماجي طرح سان پوئتي پيل رهيا تہ اُن ۾ سندن مذهبي سوچ جو عمل دخل گهٽ پر اِسٽريٽجڪ پاليسيءَ جو وڌيڪ ڪردار هو.

ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ جي اڪيڊمڪ اڀياس مان اُهو پڌريءَ پٽ پتو پوي ٿو تہ پاڪستان جو قيام تاريخ جي جَبَر جي پيداوار هو. اصل ۾ ننڍي کنڊ جي سياسي صورتحال ۾ 1946ع کانپوءِ هڪ وڏي تبديلي آئي، جنهن سبب پاڪستان جي ٺهڻ جا امڪان ظاهر ٿيا، جو جناح جڏهن گڏيل هندوستان جي وَفاق ۾ هندن سان گڏ مسلمانن کي برابريءَ واري حيثيت ڏيارڻ لاءِ Parity جو مطالبو ڪيو ۽ ڪانگريس اُن کي رد ڪيو تہ هڪ وڏي تڪراري سياسي صورتحال پيدا ٿي ۽ اُنهي تڪراري صورتحال کي ختم ڪرڻ، هندن ۽ مسلمانن ۾ مُفاهمت ڪرائڻ لاءِ جڏهن برطانيا طرفان ڪيبينيٽ مشن وفد اچي، محدود مرڪز جي تصور تي ٻڌل گڏيل هندوستان لاءِ حڪومتي نظام بابت آئيني منصوبو پيش ڪيو تہ ڪانگريس اُن کي بہ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اُن سبب ڪانگريس ۽

## حصو چوٿون

# ڪاسل گوندلوفو

اعجاز منگي

هي قلعو روم کان تقريبن 20 ڪلو ميٽر پري آهي انگريزي مان جيڪڏهن ڪاسل جو سنڌي ترجمو ڪريون ته قلعو ٿيندو پر هتي ان کي ولا چون ٿا. مان سمجهان ٿو ته ولا اصل ۾ لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو انگريزي ۾ اچي ويو آهي اسلام آباد، ڪراچي سميت ملڪ جي وڏن شهرن جي پاش علائقن ۾ سفيد پوش سڏائيندڙ ماڻهو گهرن جا نالا پنهنجن ٻارن جي پنيان ڪجهه هيئن رکندا آهن. پرنسز ولا، ماهم ولا وغيره پر فرانسڪاتي جي آسپاس پکڙيل ولاز ان دور جي رئيسن جون رهائش گاهون آهن. ڪجهه ته حضرت عيسيٰ مسيح جي پيدائش کان به اڳ جا آهن. مان گهمڻ ڦرڻ جو شوقين ماڻهو حسن کان شديد متاثر ٿيندڙ ماڻهو فطرت جي انهن حسين نظارن کي ڏسڻ کانسواءِ ڪيئن ٿو رهي سگهان. اڄ جو ڏينهن هو صبح جو ٿورو دير سان سجاڳ ٿيس، روم جي صبح جي پنهنجي خوبصورتي آهي، ٿڌي هوا ۽ ساوڪ، پکين جي هلڪي لات ڪرسمس ٽري جا ڊگها وڻ ڪمري جي دري کولڻ سان روشني هوا ۽ پکين جون لاتيون اندر اچي وينديون آهن. عجيب خوشيءَ جو احساس ٿيندو آهي.

ناشتو ڪري هيٺ وڃي لوڪا کان پڇيم ته گوندلوفو وڃڻو آهي ڪيئن پهچان؟ لوڪا ٻڌايو ته فرانسڪاتي جي ڊائون ٽائون وچ اتي BAR ۾ ٽڪيٽ ملندي پر اچڻ وڃڻ جي ٽڪيٽ اتان وٺجانءِ ڇو ته گوندلوفو مان نه ملندئي. جينز جاگرز ۽ ٽي شرٽ پائي نڪري پيس، فرانسڪاتي جو سٽي سينٽر اوچائي تي آهي سو مزي مزي سان ٿڌي ٿڌي هوا ۽ سر سبز ۽ خوبصورت روڊن تي گهمڻ جو مزو وٺندي وڃي مٿي پهتس بار ۾ ٽڪيٽون وٺي گاڏي جي بس اسٽينڊ تي پهچي پڇا ڪيم ته گوندلوفو لاءِ ڪهڙي وقت گاڏي ايندي. هڪ نوخيز مرڪندي انگريزيءَ ۾ چيو ته چارٽ تي ڏسي وٺ جيڪو اسٽينڊ جي پنيان آهي مهرباني چئي ٽائيم ڏٺم 15 منٽ هئا سو هيڊ فون لڳائي يو ٽيوب تي عابده



پروين جا ڪلام ٻڌڻ لڳس. ٽائيم تي بس پهتي بس جي مهاڙي ۽ پاسن کان اليڪٽرانڪ بورڊ لڳل هئا جتي هر هڪ اسٽاپ جو نالو پيو اچي پڪ ڪيم ته اها بس منهنجي منزل تي وڃي ٿي ڊرائيور انگريزي ته نه سمجهي پر ڪنڌ ڌوڻي ها ڪيائين ته اها ئي بس گوندلوفو ويندي وڃي اندر ويٺس بس چڙهندي رهي مان دري کان ٻاهر جي خوبصورتي ڏسندو رهيس ڪافي دير هلڻ ڪانپوءِ اوچتو اکين اڳيان خوبصورت ڍنڍ نظر آئي نيرو پاڻي ۽ خوبصورت گل شايد پرين جي ديس ۾ اچي ويس ايڏي خوبصورت ڍنڍ ته خوابن ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿي ڍنڍ کي ويجهو ڏسڻ لاءِ اتاولو ٿيڻ لڳس، بس اسٽاپ تي پهتي ته روڊ ڪراس ڪري مٿي چاڙهي تي چڙهڻ لڳس ٿوري پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ خوبصورت قلعو اچي ويو جيڪو ڪئي هزار سال پراڻو هو، دروازي جي ٻنهي طرفن کان خوبصورت مجسما هئا اندر داخل ٿيس ته واهه ڇا ته نظارا هئا. هڪ ننڍڙي خوبصورت بازار، هڪڙو ريسٽورينٽ ۽ ٻه هزار سال پراڻو چرچ ۽ هڪ ايترو ئي پراڻو هڪ ٻيو ولا يا قلعو. اصل ۾ ڪاسل گوندلوفو پوپ جي اونهاري جي رهائش گاهه يا ثمر ڪئمپ آهي. پوپ هونئن ته ويٽيڪن سٽي ۾ رهندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن هتي به عبادت ڪرڻ ايندو آهي يا اڪثر گرمين ۾ اچي هتي ديرو ڄمائيندو آهي. ڇو نه اچي ايتري خوبصورت جڳهه تي، ايتري خوبصورت جڳهه تي ته مسيح به پاڻ اچي رهي ها. هڪ چرچ ۾ عبادت پئي ٿي مان به اندر هليو ويس صرف اهو ڏسڻ لاءِ ته هاڻ يورپ ۾ مذهبي رجحان ڪيترو آهي. خاموشيءَ سان وڃي بينچ تي ويهي رهيس، سامهون پادري اطالوي ۾ دعا پيو گهري ۽ رکي رکي آمين جا لفظ پيا اچن. لڳي ٿو ته آمين لفظ اسلام ۾ عيسائيت کان آيو اڪثر وڏي عمر جا ماڻهو ويٺا هئا ۽ ڪن کي جهولي ۾ پوٽا پوٽيون ۽ ڏوهٽا ڏوهٽيون هيون سڀ عبادت ۾ مشغول هئا ۽ پنهنجن گناهن جي بخشش ڪرائڻ ۾ پورا هئا. مان ڪجهه دير ويهي پوءِ ٻاهر نڪري آيس ۽ ڍنڍ جي طرف هليو ويس. مان جتي بيٺو هئس اتان ڍنڍ انتهائي گهرائي ۾ هئي چوڌاري جبل ۽ انهن جي وچ ۾ نيرو پاڻي، نيري پاڻي جي مٿان اڏامندڙ اڇا پکي، چوڌاري املتاس جي رنگ جهڙا وڻ، جنت ۾ به ڪجهه اهڙا ئي نظارا هوندا. شام ٿيڻ واري هئي ٿڌي ٿڌي هوا لڳڻ لڳي هوا ۾ خنڪي وڌي وئي ۽ گوندلوفو جون جايون لهندڙ سج ۾ ايئن چمڪڻ لڳيون ڄڻ مٿن ڪنهن سون پگهاري هاري ڇڏيو هجي. مون جهڙي فطرت جي عاشق لاءِ اهي نظارا ڪنهن سنڌري جي نظر کان گهٽ ناهن. خوبصورت ڍنڍ جي خوبصورتي ۾ ايئن گم ٿي ويس جو وقت جو احساس ئي نه رهيو. ڪجهه وقت ايئن لڳو ڄڻ خوابن جي نگري ۾ هليو ويو هجان. سجاڳ تڏهن ٿيس جڏهن ٿڌ جو احساس وڌي ويو ته بک جو احساس ٿيو ته ننڍڙي بازار ۾ ننڍڙي ريسٽورينٽ ۾ هليو ويس. ننڍڙي بازار جي هر ريسٽورينٽ جي اڳيان ڪرسيون ۽ ميزون لڳل هيون. شام جو هلڪي روشني وارا گهٽي ۾ لڳل بلب ٻرڻ لڳا ڏاڍو مزو اچڻ لڳو ڍنڍ جي خوبصورتي، صاف هوا ۽ خوبصورت ننڍڙا ننڍڙا ريسٽورينٽ ۽ خوبصورت ننڍڙي بازار ۾ اطاولي پيزا کائي واپس ورڻ لاءِ بس اسٽاپ ڏانهن وڃڻ لڳس رستي تي هڪ خوبصورت مجسمو نظر آيو. هڪ عورت پنهنجي ٻار کي هنج ۾ کنيو بيٺي هئي. مجسمي جو رنگ ڪاراڻ مائل نيرو هو. عجيب چمڪ هئي ان مجسمي ۾ ۽ عجيب ڪشش هئي ان عورت جي اکين ۾ اها خوبصورتي اکين ۾ سمائي بس اسٽاپ تي پهتس بس ۾ هڪ پوڙهي اطالوي عورت خبر ناهي الائي ڪنهن تي ڪاوڙيل هئي ۽ مسلسل پئي ڳالهائي سڀ سندس ڳالهائڻ مان مزو وٺڻ لڳا مسڪراهٽون پکڙيل هيون مان به مسڪرائيندو اچي فرانسڪاتي جي سٽي سينٽر ۾ پهتس... (هلندڙ).

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد







پئنل انٽرويو

# سنڌ جي نوجوان سنڌو نواز گهانگهرو سان ڳالهه ٻولهه

منظور ٿهيم، ڊاڪٽر اشو ٿامام، زاهده ابڙو

تعارف: آئون ڪنڊيارو ۾ ڄائي هئس، چوٿين درجي تائين ڪنڊيارو ۾ ڪو ايڊيوڪيشن ۾ پڙهيس ۽ پوءِ حيدرآباد مان ميٽرڪ تائين ماڊل اسڪول ۾ پڙهيس، سپريئر ڪاليج مان انٽر ڪئي ۽ پوءِ ڪراچي هليا وياسين، ان وقت تائين مون کي آرٽ جي باري ۾ ڪا گهڻي ڄاڻ نہ هئي تہ ان جي باقائده تعليم حاصل ڪري سگهجي ٿي، منهنجو ارادو تہ انجنيئر ٿيڻ جو هو. ڪراچي ۾ اينٽري ٽيسٽ جي تياري لاءِ ويس تہ اتي مون کي خبر پئي تہ منهنجو لاڙو فائن آرٽس جي طرف آهي. اسڪول کان ڪاليج تائين پڙهائي ۾ ڏاڍي سٺي رهيس ۽ تقريري مقابلن ۾ راندين ۾ حصو وٺندي هئس. گهر جو ماحول ادبي هو. اسان جي گهر ۾ هميشہ ادبي هلڪي سان تعلق رکندڙ ماڻهن علي بابا، الطاف شيخ، امر جليل، امداد حسيني جو اچڻ وڃڻ رهيو. سچي ڳالهه اها آهي تہ اسان ننڍا هئاسين ۽ اسان کي اهو احساس ئي ڪونہ هو تہ ڪي اهي ايترا وڏا انسان آهن. اهي اسان کي پنهنجي خاندان جي ٻين فردن وانگر محسوس ٿيندا هئا، هاڻي جڏهن انهن کي ڏسان ٿي تہ مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ اهي ڪيڏا نہ وڏا ماڻهو هئا جن سان منهنجو ننڍپڻ گذريو. بابا وٽ سٺن ڪتابن جو ذخيرو آهي. علي بابا ايندو هو تہ پنهنجا لکيل ڪتاب اسان کي تحفي ۾ ڏيندو هو، آئون ڇهين درجي ۾ هيس تڏهن کان مون علي بابا کي پڙهڻ شروع ڪيو. خورشيد قائمخاني اسان جي گهر هر خميس جي ڏينهن تي ايندو هو، بابا اسان ٻينرن کي انهن ڪچهرين ۾ ويهاريندو هو تہ جيئن اسان انهن دانشورن سان گڏ ويهي ڪجهہ سکي سگهون. جنهن سان اسان جي اندر وڏيڪ ذهني پختگي پيدا ٿي. خورشيد قائمخاني اسان سان گڏ جڏهن بہ ويهندو هو تہ اسان کي دنيا جي مختلف علمن ۽ آرٽ جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندو رهندو هو تہ اسان ڪٿي ڪٿي ڪم ڪري سگهون ٿا. ان وقت ۾ تہ مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ ايندي هئي آئون ننڍي هئس، هو اسان کي پنهنجن تجربن ۽ دوستن جي باري ۾ ٻڌائيندو هو. مديحہ گوهر جي باري ۾ ٻڌائيندو هو تہ هوءَ تمام سٺي آرٽسٽ آهي ۽ هوءَ سندس سٺي دوست آهي. ان کان علاوه ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. انهن سڀني شين اڻ سڌي طرح آرٽ ڏانهن منهنجو لاڙو پيدا ڪيو.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: خورشيد قائمخاني جو خانا بدوشن ۽ هٽان جي اصلي رهاڪن تي تمام گهڻو توجهہ رهيو، ڇا سندس تربيت توهان جي دل ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ ڪا حساسيت پيدا ڪئي.

سنڌو: هن خانا بدوشن لاءِ جيڪو ايريا ٺاهيو آهي اتي ڪنهن کي بہ نہ وٺي ويندو آهي. آئون ڪڏهن ڪڏهن اتي ويندي هئس ۽ انهن خانا بدوشن سان ملندي هئس جن سان هو گڏجي ويهي کائيندو بہ هو مون کي ڏاڍي حيرت بہ ٿيندي هئي تہ ڪو ماڻهو ڏارين جي لاءِ ايتري محبت ڪيئن ٿو رکي سگهي. آهستي آهستي سمجهہ ايندي وئي تہ رشتا صرف رت جا ناهن ٿيندا، رت جي رشتن کان بہ ڪجهہ رشتا تمام مٿانهان ٿيندا آهن. اڳتي هلي هن اها پراپرٽي خانا بدوشن جي حوالي ڪري ڇڏي. مون ۽ منهنجي ڪجهہ دوستن "وال آف هيومينيٽي" جي نالي سان هڪ سرگرمي شروع ڪئي. مان سمجهان ٿي تہ ان جي پٺيان اهي سڀ ماڻهو جيڪي اسان جي تربيت ۾ شامل رهيا انهن جو اثر آهي، جو منهنجي اندر ڪجهہ چيئرٽي ڪرڻ جو اهو احساس موجود آهي.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: توهان مديحہ گوهر ۽ مليحہ گوهر جي ڳالهہ ڪئي جن "اجهوڪا" لانچ ڪئي، مون کي لڳي ٿو تہ توهان جو آرٽ طرف رجحان بہ انهن جي اثر هيٺ آهي، ڇا توهان سان انهن جي ڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي.

سنڌو: نہ منهنجو انهن سان ڪوبہ اهڙو واسطو نہ رهيو، انٽر تائين تہ مون کي آرٽ جي ڪا خبر ئي نہ هئي، انٽر ڪانپوءِ جڏهن آئون ڪراچي ويس اتان منهنجي زندگي ۾ تبديلي آئي. ڪراچي ۾ جنهن سوسائٽي سان اٿڻ ويهڻ ٿيو اهي ٻار اهڙا هئا جن لاءِ آرٽ هڪ عام ڳالهہ آهي. اهي ننڍي هوندي کان پنهنجن گهرن ۾ انهن سيني شين کي ڏسن ۽ ٻڌن ٿا ۽ مختلف تجربا حاصل ڪن ٿا. تنهنڪري انهن جو ڪم ڪرڻ جو رجحان بہ اسان جهڙن نوجوانن کان مختلف آهي جيڪي سنڌ جي ننڍن ننڍن شهرن يا ٻهراڙين مان اچن ٿا. انهن کي ڏسي مون کي لڳندو هو تہ هي تہ الڳ ماڻهو آهن. هڪ ڏينهن سينٽر تي آئون آرٽ واري سائيڊ تي هلي ويس جتي مون کي ڏاڍو سٺو لڳو ۽ آرٽ طرف رجحان پيدا ٿيو۽ پوءِ گهر اچي بابا سان ڳالهہ ڪيم تہ منهنجي دلچسپي تہ آرٽ ۾ آهي. بابا مون کي آرٽ جو سبجيڪٽ آپشنل طور کڻڻ جي صلاح ڏني. منهنجي ٽيچر منهنجي ڪم جي ساراهہ ڪندي هئي ۽ چوندي هئي تہ منهنجي ڪم ۾ پختگي آهي. پوءِ خبر پئي تہ دنيا ۾ تمام گهڻيون شيون آهن جن کي سکي سگهجي ٿو ۽ پنهنجو ڪيريئر بہ ٺاهي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر آشو ٺاما: نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور ۾ سنڌ جي شاگرديائٽي کي ڪيئن آجيان ڏني وئي؟

سنڌو: اين. سي. اي ڪاليج ۾ داخلا ملڻ تمام وڏو اعزاز آهي ۽ مون کي لڳندو آهي تہ سنڌي ڳالهائيندڙ ڇوڪرين ۾ شايد آئون پهرين ڇوڪري هجان جيڪا اتي پڙهي آئي هجي. اين. سي. اي ۾ جن ٻارن کي داخلا ملندي آهي اهي پوري پاڪستان جا اهي شاگرد هوندا آهن جيڪي گهڻا حساس هوندا آهن ۽ انهن جو آرٽ ڏانهن سڪڻ جو رويو تمام گهڻو سنجيده هوندو آهي. مون جيڪو بہ ڪجهہ سکيو اتان ئي سکيو ان کان پهرين مان ڪجهہ بہ نہ هئس. اتي ثانيہ سعيد، سرمد کوسٽ، علي نور، پرويز هود پائي. ان کان علاوه انڊيا، سڊني ۽ نيو يارڪ مان ٽيچرز ايندا هئا جيڪي اسان کي مختلف سبجيڪٽ پڙهائيندا هئا. هن وقت جيتري بہ مون کي ڄاڻ آهي اها ان اداري جي ڪري ۽ انهن استادن جي ڪري ئي آهي.

ڊاڪٽر آشو ٺاما: آرٽ جي توهان ڪهڙي شعبي ڏانهن ويا؟

سنڌو: حالانڪہ آئون فائن آرٽس جي شاگرد هئس پر مون کي ان وقت احساس ٿيو تہ فلم ميڪنگ مستقبل جو مضبوط ميڊيم هوندو ۽ مون فلم ميڪنگ کي چونڊيو. فلم جي ذريعي توهان پنهنجو پيغام پوري دنيا تائين ٿوري وقت ۾ پهچائي سگهو ٿا. فائونڊيشن ايئر جي هر سيميسٽر ۾ توهان کي مختلف شيون پڙهائيندا آهن. جنهن ۾ ايڊورٽائزمينٽ، ڊاڪيومينٽري، ڇهہ ڇهہ مهينا انهن جو ڪورس هوندو آهي ۽ سيميسٽر جي آخر ۾ توهان کي ان جون ٽي پراڊڪٽس ڏيڻيون هونديون آهن. اين. سي. اي ۾ فائن آرٽس، فلم ميڪنگ، ٽيڪسٽائل ڊزائننگ، ڪميونيڪيشن، آرڪيٽيڪچر ۽ هاڻي ڪلچرل اسٽڊيز بہ شامل ڪيو ويو آهي. هن وقت جيڪي شعبا مون کي اهم لڳن ٿا اهي ڪميونيڪيشن ۽ ٽيڪسٽائل ڊزائننگ آهن. سنڌ جي ٻارن کي ڪميونيڪيشن (گرافڪس) ۾ وڃڻ کپي. ڇو جو هن وقت هر شيءِ گرافڪس جا ماهر ناهين ٿا بل بورڊس کان وٺي ويب سائيٽس تائين اهي ماڻهو ئي ناهين ٿا ۽ سنڌ جو شاگرد اتي نظر نٿو اچي. جڏهن مان اتي وئي هئس تہ اسان کي ڪابہ بنيادي ڄاڻ نہ هئي پر هاڻي تہ ڪافي ادارا موجود آهن جيئن ڄامشورو ۾ CEAD ۽ ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ادارا آهن جتان اهي بنيادي شيون سکي ۽ پوءِ اين. سي. اي تائين پهچي سگهن ٿا. توهان کي حيرت ٿيندي تہ هر ڊپارٽمينٽ ۾ سنڌ جون ٽي سيٽون هونديون آهن جيڪي اسان جا ٻار آساني سان ڀري سگهن ٿا. پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ مان جيڪو ٽئلنٽ وڃي ٿو اهو رڳو ڪراچي مان وڃي ٿو، ڇو تہ انهن کي خبر آهي ۽ اهي ئي اميدوار هوندا آهن ۽ گهڻو ڪري اهي شاگرد هوندا آهن جنهن جي خاندان ۾ اڳ ۾ ڪو نہ ڪو آرٽسٽ موجود هوندو آهي تنهنڪري اتي انهن جي رسائي سولي ٿئي ٿي. توهان کي حيرت ٿيندي تہ اين. سي. اي ڪاليج ۾ مشهور آهي تہ سنڌ مان جيڪي شاگرد اچن ٿا اهي قدرتي آرٽسٽ هوندا آهن جيڪو هڪ وڏو ڪامپليمينٽ آهي.

منظور ٿهيم: سنڌ جي آرٽ ڪاليجز ۽ اين. سي. اي جي تعليمي معيار جي وچ ۾ توهان ڪيئن ڀيٽ ڪندوَ.

سنڌو: منهنجو خيال آهي تہ انهن جي ڪا ڀيٽ ڪونهي، زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. ڇو تہ اين. سي. اي وارن وٽ تمام زبردست قسم جا استاد موجود آهن جيڪي توهان کي اهڙي طريقي سان سيکارين ٿا جو توهان کي خبر بہ نٿي پوي تہ توهان سکو پيا. هو توهان کي انهيءَ ڳالهہ لاءِ آماده ڪندا آهن تہ پاڻ شين کي ڳوليو. ٻاهرين ملڪن کان استاد اچن ٿا جيڪي مختلف سبجيڪٽ پڙهائين ٿا، شبانہ اعظمي، نصير الدين شاهہ، سرمد کوسٽ، ثانيہ سعيد اهي اسان کي پڙهائيندا هئا. شاگردن کي گهڻو Exposure ملي ٿو جنهن سان گهڻ رخي Learning ٿئي ٿي، اتي مختلف سوسائٽيز ٺهيل آهن جيئن "الف آداب" اها ڊراما سوسائٽي آهي، "نوٽنڪي" ۽ "ميوزڪ" جتي جرمني ۽ يونان جا استاد اچي پڙهائيندا آهن جيڪي اسان کي ڇهہ ڇهہ مهينا ورڪشاپ ڪرائيندا هئا، اهي ڊائريڪٽر شپ شاگردن ۾ منتقل ڪندا ويندا آهن. سنڌ ۾ تعليم جي معيار کي وڌائڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. هتي ٽيچرز جو معيار اهو ناهي جيڪو هجڻ کپي، اتان جي استادن جو رويو اهڙو آهي جو آرٽ کي هو مذهب جي حيثيت ڏين ٿا. هتان جي استادن جو رويو تمام سطحي آهي جنهن کي ڏسي ٿوري مايوسي ٿيندي آهي. هتان جو ٽيچر شاگرد جي سکيا کان لاتعلق نظر اچي ٿو شاگرد جي سکيا ان جي لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي هن کي پگهار ملي ٿو ۽ پگهار کڻي گهر وڃي ٿو. ان کان علاوه هتي جيڪو ڪم آئون ڏسان ٿي اهو اصلي ڪونهي، ڪيترائي پراجيڪٽس شاگردن جا اهڙا هوندا آهن جيڪي ڪاپي ڪيل هوندا آهن جيڪا يقينن هڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي. ان قسم جي رويي سان ٻارن جو ٽئلنٽ ضايع ٿئي ٿو. آرٽسٽ جي ڪم ڪرڻ لاءِ اها ڳالهہ تمام گهڻي اهم آهي تہ هن جو خيال اصلي هجي. ان ۾ شاگردن جو بہ ڏوهہ آهي تہ اهي محنت ڪرڻ نٿا چاهين انهن کي گهڻو ڪري ان ڳالهہ جي ڳڻتي هوندي آهي تہ ڪين مارڪون ملي وڃن ۽ هو پاس ٿي ڊگري حاصل ڪري وٺن. ان قسم جو رويو اداري ۽ اتان نڪرندڙ شاگرد ٻنهي لاءِ نقصانڪار آهي.

زاهده ابڙو: سنڌ ۾ ادارن کي اهڙو ڇا ڪرڻ گهرجي جنهن سان استادن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت وڌي سگهي ۽ اين. سي. اي جي برابري ڪري سگهن.

سنڌو: هتي سڀ کان وڏيڪ ڳڻتي جوڳو رجحان اهو آهي تہ سينئر ماڻهو ڪنهن بہ با صلاحيت نوجوان کي جاءِ نٿو ڏيڻ چاهي، جيڪي نوجوان ٻاهران يا ٻين وڏن ادارن مان پڙهي اچن ٿا انهن ۾ نوان رجحان موجود هوندا آهن ۽ وڌيڪ صلاحيت هوندي آهي ۽ اهي وڌيڪ بهتر ڪم ڪري سگهن ٿا. تيستائين سنڌ جا تعليمي ادارا پنجاب جي تعليمي ادارن جي برابري نٿا ڪري سگهن. ڪجهہ اين. سي. اي جا گريجوئيٽس اهڙا آهن جن کي اڃا تائين ڪابہ نوڪري ناهي ملي، جيتوڻيڪ انهن کي تمام گهڻو ڪم اچي ٿو پر انهن جو خانداني پسمنظر اهڙو ناهي جو انهن جي ڪو پٺڀرائي ڪري سگهي.

ڊاڪٽر اشو ٺاما: توهان کي اتان جي مقامي سوسائٽي تي اين. سي. اي جو اثر ڪيتري حد تائين نظر اچي.

سنڌو: لاهور ۾ الحمرا هال ۾ هڪ لٽريچر فيسٽيول ٿيندو آهي جتي اوهان کي اسي سالن جي پوڙهي کان وٺي ڇئن سالن جي ٻارن تائين ماڻهو نظر ايندا، جيڪو مشاهدو هتي ڪونہ ٿيندو. هتي اسان جا فيسٽيولز رونشي لاءِ ڪيا ويندا آهن، جنهن جو ڪو سنجيده مقصد نہ هوندو آهي. اتي ماڻهو ليڪڪن کي ٻڌڻ ايندا آهن، هتي اسان وٽ ليڪڪن وارا سيشن اڪثر خالي نظر ايندا جتي ميوزڪ ۽ رونشو هوندو اتي توهان کي رش نظر ايندو. ان ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ مون ٿورو غور ڪيو آخر اهو فرق ٻنهي سماجن ۾ ڇو آهي. مون کي اهو ئي سبب نظر آيو تہ هنن جون ٽي چار پيڙهيون آرٽ ۽ لٽريچر سان لاڳاپيل آهن ۽ اتان جي ماڻهن جو ذوق اعليٰ آهي تنهنڪري آرٽ لاءِ انهن جا رويا بہ سنجيده آهن.

زاهده ابڙو: آرٽ جي ڪجهہ صنفن جيئن ڳائڻ، موسيقي جا ساز وڄائڻ ۽ ڇوڪرين جو ڪلاسيڪل ڊانس اسان وٽ ناپسنديده سمجهيا وڃن ٿا توهان ان کي ڪيئن ٿا ڏسو.

سنڌو: سنڌ ۾ آرٽ جي لاءِ شايد قبوليت جو درجو اهو نہ آهي جيڪو پنجاب ۾ آهي ڇو تہ اسان وٽ خواندگي جي شرح بہ گهٽ آهي ۽ ٻيو غربت بہ گهڻي آهي اهي ٻئي شيون گڏجي اسان جي سماج کي آرٽ ۽ فن کان پري ڌڪين پيون پر پنجاب ۾ پڙهيل لکيل ۽ ترقي پسند طبقو آرٽ کي پسند ڪري ٿو ۽ ماڻهو مالي طور تي خوشحال بہ آهن جنهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. آئون جڏهن پڙهائڻ لاءِ ويندي آهيان تہ مون کي پنهنجو پيغام شاگردن تائين پهچائڻ ۾ مسئلو ٿيندو آهي جو اهي ان ڳالهہ کي سمجهي نہ سگهندا آهن. ڇو تہ انهن جو بنيادي ڪم ٺيل نہ آهي ۽ ڪين اهو ماحول مليل نہ آهي.

ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160

اين. سي. اي ۾ تعليم دوران مون ڪڏهن بہ شاگردن کي مارڪن لاءِ استادن جي پٺيان ڦرندي نہ ڏٺو اهڙي قسم جو ڪوبہ تصور ڪونهي، هتي سسٽم ان جي ابتڙ آهي. اسان جي شاگردن کي ان رجحان کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اسان جو استاد بہ ان ۾ ڏوهاري آهي جو هو انهن شاگردن کي فيور ڏئي ٿو جيڪي سندس جيءُ حضوري ڪن ٿا. اسان وٽ نوڪري ڏيڻ لاءِ معيار ان جي قابليت نہ پر رشتيداري يا ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ڪو ٻيو سماجي تعلق آهي جيڪڏهن اهو ئي معيار اسان قائم رکيو تہ اسان جا ادارا وڏي ويجهي نٿا سگهن. آرٽ سماج جي واڌ ويجهہ لاءِ تمام ضروري آهي جنهن سماج ۾ آرٽ موجود ڪونهي اهو سماج مرده سڏجي ٿو. اسان جا ماڻهو ڪميونيڪيشن جي فيلڊ ۾ تمام گهٽ ٿا وڃن جيڪا تمام گهڻي وسيع آهي. دنيا جي هر شيءِ ڪميونيڪيشن ۾ اچي ٿي. اسان جي سرڪاري ادارن ۾ ان جي لاءِ تمام گهڻيون نوڪريون موجود آهن پر اسان وٽ افرادي قوت تيار نٿي ڪئي وڃي.

منظور ٿهيم: هڪ آرٽ گريجوئيٽ جي حيثيت سان توهان هتي ڪهڙا چئلينجز محسوس ڪريو ٿا؟

سنڌو: سڀني کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ هتي ماڻهو هر شيءِ جو جڳاڙ ڳولهين ٿا، چاهي اهو استاد هجي يا شاگرد. شاگرد اسائنمينٽ کي آخري لمحن ۾ جڳاڙ ڪري پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. آرٽ هڪ اهڙي دنيا آهي جنهن ۾ شوق جو وڏو عمل دخل هوندو آهي. شاگردن کي آرٽ جي لاءِ چرياڻپ جي حد تائين شوق پيدا ڪرڻو پوندو. هتي آئون شاگردن ۾ اهو شوق نٿي ڏسان ۽ اهو شوق پيدا ڪرڻ وارو يقينن استاد هوندو آهي. استاد جو ڪردار ڏاڍو ڏکيو آهي. هن وقت اسان جي ادارن کي ان شيءِ جي سخت ضرورت آهي تہ ٻاهران کان استاد گهرايا وڃن تہ جيئن اهي شاگردن کي بين الاقوامي سطح جي تعليم ڏئي سگهن. هتي الميو اهو آهي تہ ٽيچرز اهو سبجيڪٽ پڙهائي رهيا آهن جنهن ۾ انهن کي مهارت ڪونهي. منهنجو مقصد آهي تہ اهو ڪم ان ماڻهو کي نہ ڪرڻ گهرجي جيڪو هو نٿو ڪري سگهي، شيون پنهنجي جاءِ تي صحيح رکيل ڪونہ آهن. شاگردن کي صحيح رهنمائي نٿي ڏني وڃي. استادن کي منهنجي اپيل آهي تہ هو هن ميدان ۾ محنت ڪري پڙهائين. استادن جي ڀرتي کان پهرين انهن جي قابليت کي ضرور جاچيو وڃي تہ ڇا جنهن شيءِ لاءِ انهن کي رکيو پيو وڃي اهي ان ڪم ڪرڻ جي قابل بہ آهن يا نہ. هتي ماڻهو پنهنجا پنهنجا دڪان کولي ويٺا آهن.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: اسان جي پڙهندڙن کي پنهنجي ٿيٽر جي سرگرمي جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو.

سنڌو: ڀٽ شاهہ تي مون پهريون ٿيٽر ڪيو هو اهو منهنجي لاءِ هڪ وڏو موقعو هو. سيئي ان ڳالهہ کي ڏاڍو مان ڏيئي رهيا هئا تہ پهريون ڀيرو ڪنهن سنڌي ڇوڪري اسٽيج ڊرامو ڊائريڪٽ ڪيو آهي. سنڌ جي ماڻهن کي ٿيٽر جو گهڻو تجربو ڪونهي پر ان هوندي بہ منهنجو هي تجربو ڏاڍو سٺو رهيو. شو دوران تمام گهڻي خاموشي هئي، آڊينس ڏاڍو ميچوئر هو. يقين ڪريو تہ لاهور ۾ بہ ايترو ميچوئر آڊينس نہ آهي. شو ڪانپوءِ ٿرپارڪر ۽ مٺي جا ڪي نوجوان مون سان ملڻ آيا، جيڪي ٿيٽر جي لاءِ ڏاڍا پرجوش پئي نظر آيا تہ اهي بہ ڪم سکڻ چاهين ٿا. منهنجو خيال آهي تہ نوجوانن کي ان طرف راغب ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٿيٽر مان سماج جي تبديلي جو تمام وڏو ڪم وٺي سگهجي ٿو. نوجوان ان ۾ پنهنجو ڪيرئير ٺاهي سگهن ٿا. نوجوانن کي هڪڙي صلاح ضرور ڏينديس تہ مهرباني ڪري جڳاڙ جو رستو اختيار نہ ڪن، جيڪو بہ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا ان کي پوري طريقي سان سکن. اين. سي. اي ۾ اسان کي استاد صرف رهنمائي ڏيندا هئا ۽ پوءِ اسان پاڻ هر شيءِ جي ڳولا گوگل تي ڪري سگهندا هئاسين. جيڪي ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهن ٿا يا ٻهراڙين مان اچن ٿا اهي تمام گهڻا باصلاحيت آهن بنسبت شهر جي ٻارن جي. اسان هر سال انڊيا ۽ ترڪي ٻارن جو وفد وٺي ويندا آهيون، هن دفعي اسان انهن ٻارن کي وٺي ويندا سين جن جو تعلق ٻهراڙين سان آهي تہ جيئن انهن کي دنيا ڏسڻ جو موقعو ملي جنهن سان هو پنهنجي زندگي کي تبديل ڪري سگهن ٿا.

زاهده ابڙو: ٻارن جو وفد جيڪو توهان پرڏيهہ وٺي ويندا آهيو ان جي باري ۾ اسان جي پڙهندڙن کي ٿورو تفصيل سان ٻڌايو.

سنڌو: سڄي دنيا ۾ نوجوانن جي لاءِ ڪنوينشن ٿيندا آهن، يوٿ ايڪسچينج پروگرام ٿيندا آهن. هينئر اسان نوجوانن کي ملائيشيا ۽ انڊيا وٺي ويندا سين، جنهن ۾ دنيا جا وڏا وڏا آرٽسٽ ايندا ۽ ورڪ شاپس ٿيندا، هر فيلڊ ۾ سکيا ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ اسڪرپ رائيٽنگ کان وٺي اسڪلپچر ميڪنگ شامل هوندو آهي. پوءِ پروگرام جي آخر ۾ انهن سڀني سان گڏجي نوجوانن کي پرفارم ڪرڻو پوندو آهي. جنهن ۾ روٽين تمام سخت هوندو آهي، ڏينهن جي شروعات يوگا ڪلاسز کان ٿيندي آهي ۽ پوءِ پوري ڏينهن جو شيڊيول هوندو آهي جنهن تي سختي سان عمل ڪرايو ويندو آهي، جيڪو هڪ مزيدار تجربو هوندو آهي. اها ڳالهہ ٻڌائيندي هلان تہ ان ڪنوينشن ۾ ڪنهن بہ يونيورسٽي جو ڪوبہ نوجوان وڃي سگهي ٿو، ضروري نہ آهي تہ ان جو تعلق آرٽ سان هجي.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: سڄي دنيا ۾ سماجي تبديلي ۾ آرٽ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ ۾ جنهن قسم جي سياسي ۽ سماجي صورتحال آهي ڇا ان ۾ آرٽ ماڻهن جي احساسن کي تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ هٿيار طور استعمال ٿي سگهي ٿو، جيئن اسٽريٽ يا پوليٽيڪل ٿيٽرز آهن ان جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو.

سنڌو: سماجي تبديلي ۾ آرٽ جو هڪ تمام اهم ڪردار رهيو آهي، اين. سي. اي ۾ جيڪي نمائشون ٿينديون آهن اتي سماجي مسئلن کي ئي اجاگر ڪيو ويندو آهي. هن وقت جيڪي سماج ۾ مسئلا آهن جيئن خودڪش حملا، ڇوڪرين سان زيادتيون، بم ڌماڪا انهن تي وڏيڪ ڪم ٿي رهيو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ آرٽ ڪٿان نڪري ٿو، آرٽ توهان جي اندر مان نڪري ٿو. آرٽسٽ جي اندر جيڪا مونجهہ هوندي آهي ان کي پنهنجي فن جي ذريعي ڪڍندو آهي. آئون تمام گهڻي فيمينسٽ آهيان منهنجو ڪم ان جي عڪاسي ڪري ٿو. اسٽريٽ ٿيٽر سڄي دنيا ۾ ٿين ٿا لاهور ۾ بہ تمام گهڻو رجحان آهي، مختلف سوسائٽيز ان تي ڪم ڪن ٿيون. سنڌ ۾ بہ سماج جي تبديلي لاءِ ان تي گهڻو ڪم ٿي سگهي ٿو. هن وقت اسان کي رڳو



مومل راڻي ۽ ليليٰ چنيسر کي ڪونهي ڊيڪارڻو پر سماجي مسئلن کي مخاطب ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو ڪم تمام سنجيدگي سان ٿي سگهي ٿو جنهن جو مقصد ئي سماج کي تبديل ڪرڻ هجي. ڪمرشل بنيادن تي اهو ڪم ٿيڻ ممڪن ڪونهي. الحمرا هال ۾ اسان ڪارو ڪاري تي هڪ ٿيئٽر ڪيو، جنهن جي اسان کي ڏاڍي سٺي موٽ ملي. ڪا اهڙي آرگنائيزيشن هجي جيڪا ان قسم جي سرگرمي کي هٿي ڏئي ته پنهنجي مدد پاڻ تحت ماڻهو اهو ڪم ڪري سجاڳي پيدا ڪري سگهن ٿا. حيدرآباد ۾ جيڪڏهن ٻه ٽي اسٽريٽ ٿيئٽر ٿي وڃن ته هڪ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي. هيستائين اسان وال آف هيومينٽي جي ذريعي ماڻهن کي سجاڳي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان کان علاوه ڪچين آبادين ۾ ٻارن کي مختلف قسمن جون نصيحت آميز فلمون ڏيکارڻ جو به بندوبست ڪندا آهيون ته جيئن هو ان مان ڪجهه سکي سگهن.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: هڪ آرٽ جي استاد جي حيثيت سان توهان سنڌي اليڪٽرونڪ ميڊيا جي ڪارڪردگيءَ کي ڪيئن ٿا ڏسو.

سنڌو: سچ اهو آهي ته سنڌي ميڊيا مڪمل طور تي ڪمرشلائزڊ آهي ۽ ڪنهن خاص مقصد تحت ڪم نٿي ڪري ۽ اتي ڪي باصلاحيت ماڻهو به موجود ڪونه آهن جنهن جي ڪري انهن جي ڪارڪردگي بهتر ٿي سگهي. ٻيو ته هو ڪنهن با مقصد ڪم لاءِ بجيٽ ڪيڻ لاءِ تيار ئي ڪونه آهن، هر شيءِ گهٽ بجيٽ ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي، ان لاءِ معيار توهان جي اڳيان آهي.

منظور ٿهيم: توهان پنهنجي آرٽ کي سماج سان ڪيئن ٿا ڳنڍيو جتي فيوڊلزم، انتها پسندي ۽ مرداڻو معاشرو آهي اتي توهان ماڻهن جو بيانيو آرٽ سان ڪيئن تبديل ڪندوَ.

سنڌو: آئون پاڻ خود کو ايڏو وڏو قدم کڻڻ جي صلاحيت نه ٿي رکان پر جيڪڏهن توهان کي تبديلي آڻڻي آهي ته توهان کي حڪومت جي پاليسين خلاف ۽ سماج جي روين خلاف وڃڻو پوندو. مون هڪ اسائنمينٽ تي ڪم پئي ڪيو جنهن جو موضوع هندو ڇوڪرين جي زبردستي مذهب جي تبديلي هو، ان لاءِ مون کي ادارو موڪلڻ ڏيڻ جي حامي نه ڀري رهيو هو. سوچو ته ايترو وڏو ادارو به ان شيءِ کان خوفزده آهي ۽ اهڙن مسئلن تي شاگردن کي ڪم ڪرڻ کان روڪي ٿو پر منهنجي ضد جي اڳيان هنن مون کي موڪل ته ڏني جيڪا ڪنهن حد تائين مشروط هئي.

منظور ٿهيم: سياسي طور تي ڪجهه تحريڪون هلن پيون جيڪي ماڻهن جي سماجي آزاديءَ ۽ بنيادي حقن جي بحالي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون آهن، توهان آرٽ کي سياست جو حصو بڻائي تبديلي آڻڻ جا حامي آهيو يا الڳ رکي ڪم ڪرڻ جا.

سنڌو: منهنجو خيال آهي ته حڪومت سان گڏجي ڪم ڪجي. ڇو ته حڪومت وٽ تمام گهڻا وسيلا هوندا آهن ۽ مون محسوس ڪيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪافي ڪم ڪرڻ چاهي ٿي، پر اهڙن ماڻهن کي ٿي کڻي جن کي صحيح ڪم جي سمجهه ڪونهي ان ڪري انهن جا پروگرام ان معيار جا ثابت نٿا ٿين جيترو انهن تي خرچ ڪيو ٿو وڃي. ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ جيڪي ماڻهو گرافڪس تي ڪم ڪري رهيا آهن انهن کي گرافڪس جي خبر ڪونهي تنهنڪري انهن جو رزلٽ به تمام هيٺانهين سطح جو هوندو آهي.

زاهده ابڙو: آرٽ کي ٻارن جي شروعاتي تعليم سان ڳنڍيو وڃي جو اهو سليبس جو حصو بڻجي اسان جي معاشري کي سٺا آرٽسٽ ڏيئي سگهي.

سنڌو: بنيادي تعليم کان وٺي ٻارن کي آرٽ جي تعليم ڏني وڃي ۽ سٺا آرٽ ٽيچر به متعين ڪيا وڃن. ان کان علاوه ننڍين ٻارن کي آرٽ جون مختلف سرگرميون ڪرايون وڃن جنهن سان هو رنگن جي سجاڳپ ۽ مختلف تجربا ڪن، پنهنجن خيالن کي آرٽ جي ذريعي ظاهر ڪرڻ جو فن سکي سگهن. سڌريل ملڪن ۾ پڙهائي کان وڏيڪ ٻارن کي آرٽ جي سرگرمين جي ذريعي سيکاريو ٿو وڃي، جنهن ۾ هو وڏيڪ سکن ٿا. اسان وٽ ٻارن کي صرف شين کي رٽايو ٿو وڃي جنهن سان ننڍا ٻار اسڪول ڏانهن وڃڻ لاءِ دلچسپي وڃائي ويهن ٿا.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: آءِ. ٽي جو انقلاب سنڌ جي معاشري کي تيزي سان تبديل ڪري رهيو آهي توهان جو ان باري ۾ ڇا خيال آهي.

سنڌو: آءِ. ٽي جي ذريعي سڄي دنيا ۾ تمام گهڻي تيزي سان تبديلي اچي رهي آهي ۽ اها تبديلي ان جي صحيح استعمال سان لاڳاپيل آهي. سنڌ ۾ اسان جو نوجوان ماڊرن گيجٽس ته استعمال ڪري ٿو پر انهن جو استعمال ڪيئن ۽ ڪٿي ڪرڻ گهرجي اهو هڪ وڏو سوال آهي. اسان جي نوجوانن کي صحيح ڊائريڪشن ۾ هلڻو پوندو جيڪڏهن ائين نه ٿيندو ته اسان جو اهو مقصد حاصل ٿي نه سگهندو جنهن سان اسين سماج ۾ تبديلي آڻي سگهون. اڄڪلهه جو نوجوان ٽيڪنالاجي جو تمام گهڻو استعمال ڪري رهيو آهي ۽ سڄي دنيا سان ڳنڍيل به آهي هن وٽ تمام گهڻا موقعا به آهن ضروري آهي ته هو انهن سڀني شين کي سمجهي ۽ ڊجيٽل دنيا ۾ با مقصد طريقي سان ڪم ڪري پر اسان وٽ ان جي ابتڙ ٿي رهيو آهي.

زاهده ابڙو: اسان جي نوجوانن کي ٻڌايو ته ڇا موويءَ ميڪنگ ۾ شارٽ ڪورسز ڪرڻ کانپوءِ ڪيريئر شروع ڪري سگهجي ٿو يا ان جي لاءِ پروفيشنل تعليم حاصل ڪرڻ ضروري آهي؟

سنڌو: شارٽ ڪورسز کان پوءِ توهان ڪنهن يونيورسٽي جي لاءِ اپلاءِ نه ڪري سگهو ٿا ته اتي وڃي توهان تعليم حاصل ڪريو ان کان پهرين توهان پنهنجو ڪيريئر شروع نٿا ڪري سگهو ۽ نه ئي ڪرڻ گهرجي. شارٽ ڪورسز توهان کي صرف ڪجهه بنيادي ڄاڻ ڏين ٿا پر مهارت نٿا ڏين. شارٽ ڪورسز کانپوءِ ڪيريئر شروع ڪرڻ منهنجي نظر ۾ ڄڳاڙ آهي.

زاهده ابڙو: هڪ عورت آرٽسٽ هجڻ جي حيثيت سان توهان کي ڪهڙا چئلينجز آهن؟

سنڌو: اسان جو سماج ڇوڪرين کي اڃا تائين اهڙن پيشن ۾ قبول نٿو ڪري. ڪجهه مخصوص پيشا آهن جن ۾ ڏسڻ ٿو چاهي. ڇوڪريون جڏهن ٻاهر نڪرن ٿيون ته تمام گهڻو غير محفوظ محسوس ڪن ٿيون. اسان جي سماج کي پنهنجن روين ۾ تبديلي آڻڻي پوندي ۽ ڇوڪرين کي ٻهادري سان هر ميدان ۾ جنهن ۾ هو چاهين ٿيون ڪم ڪرڻو پوندو، ان سان ئي سوچ تبديل ٿي سگهي ٿي. پٽ شاهه جو پروجيڪٽ شروع ۾ مون کي ڏيڻ کان لنوايو پئي ويو ته مان شايد نه ڪري سگهندس ۽ پوءِ اهو منهنجي لاءِ هڪ چئلينج بڻجي ويو. ڇوڪرين لاءِ موقعا به آهن ته خطرا به گهڻا آهن. اسان جون ڇوڪريون به اڃان ميچوئر رويو نٿيون رکن جنهن جي ڪري گهڻا ڌڪ کائين ٿيون.

زاهده ابڙو: اين. سي. اي ۾ داخلا وٺڻ لاءِ معيار ڇا آهي ۽ ڪهڙا شرط آهن؟

سنڌو: انٽر پاس ڪوبه شاگرد اين. سي. اي لاءِ اميدوار ٿي سگهي ٿو سبجيڪٽ جي ڪابه پابندي نه آهي. سڀ کان سٺي ڳالهه اها آهي ته پرسنٽيج جي به ڪا حد مقرر نه آهي. هڪ ٽيسٽ ورتو ويندو آهي جنهن ۾ توهان جي بنيادي ڊرائنگ چيڪ ڪئي ويندي آهي. ان کان علاوه جنهن ڊپارٽمينٽ ۾ توهان وڃڻ چاهيو ٿا ان سان لاڳاپيل ڪجهه سوال پڇيا ويندا آهن. ٽيسٽ پاس ڪرڻ ڪو وڏو مسئلو نه آهي، اصل ۾ انٽرويو تمام ڏکيو مرحلو هوندو آهي. انٽرويو پئنل اميدوار کي ان ڳالهه تي ڪونه جاچيندو آهي ته ان کي ڪم ڪيترو ٿو اچي پر هو توهان جي دلچسپي ۽ ايمانداري کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو. جيڪڏهن توهان غلط بيان ڪئي آهي ته توهان کي ڪوبه فائدو نه ٿيندو. جيڪا شيءِ توهان کي نٿي اچي ان جي لاءِ سچ ڳالهايو ته اها شيءِ توهان کي نٿي اچي.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: موويءَ ميڪنگ ۾ توهان جا مستقبل جا منصوبا ڇا آهن؟

سنڌو: مستقبل ۾ آئون ڊاڪيومينٽريز تي ڪم ڪرڻ ٿي چاهيان، جيڪي اسان جي سماج جي عڪاسي ڪري سگهن ۽ مسئلن کي سڄي دنيا جي اڳيان پيش ڪرڻ ٿي چاهيان. هينئر مون هڪڙي بين الاقوامي مقابلي ۾ حصو ورتو آهي ۽ ان ۾ منهنجي چونڊ به ٿي وئي آهي، جلد ئي اسان جو ورڪشاپ شروع ٿيڻ وارو آهي جنهن ۾ سوئس ايجنسي اسان کي سکيا ڏيندي. پاڪستان مان ڪل ويهه اميدوار چونڊيا ويا آهن. بيچ لگزري هوٽل ۾ پنجن ڏينهن جو ورڪشاپ ٿيندو. ان کانپوءِ اسان کي ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ لاءِ فنڊنگ ڪندا.



همسري ماهوار مئگزين حيدرآباد

## ناول_ قسط ارڙهين

# رنگ گِرهڻ

**ضراب حيدر**

سمرينا جڏهن مون کي چماٽ هنئي هئي تہ مان ڪيترن ڏينهن تائين تپيل رهيو هئس. ائين اڪثر ٿيندو هو. مون کي جڏهن بہ ڪو دڙڪو، چماٽ يا وري اسڪول ۾ ڪا سزا ملندي هئي تہ مون کي شديد بخار ٿي پوندو هو.

هڪ دفعي جڏهن پاڙيسريءَ جي ٻار جي پيءُ جي رنگين پينسلن واري ڳالهہ تان مان روئيندو رهيو هئس ۽ امان زور ڪري مون کان سبب پُڇيو هو تہ مون کيس سموري ڳالهہ ٻُڌائي هئي اُن لمحي بہ امان مون کي هڪ زوردار چماٽ هنئي هئي. اُن پيري بہ مان ڪيترا ڏينهن بيمار رهيو هئس. ڪيترا ڏينهن علاج باوجود منهنجو تپ نٿي لٿو. جنهنڪري ماما نبن امان جو ماسات مون کي هڪڙي جهوني ڊاڪٽر ڏي وٺي ويو هو، جنهن جي دوا کانپوءِ مان ٽُرت چڱو ڀلو ٿي ويو هئس. اُن کانپوءِ اڪثر مان دوا درمل لاءِ ساڳئي ڊاڪٽر ڏانهن ئي ويندو هئس. ڪافي عرصي تائين اُهو ڊاڪٽر جيئرو هو. مان جڏهن يونيورسٽي پهتو هئس تڏهن بہ وٽس ويندو هئس، ساڻس پنهنجي دوري واري ڪيفيت بہ شيئر ڪئي هئي.

ڊاڪٽر رائو بشير هڪڙو ڪنورٽ ٿيل ڊاڪٽر هو، مطلب هو ايلو پيٿيءَ مان هوميو پيٿيءَ طرف راغب ٿيو هو. ايم بي بي ايس هُجڻ سان گڏ ڊي ايچ ايم ڊاڪٽر آف هوميو پيٿي ميڊيسن جي ڊگري بہ ورتي هئائين ۽ اڪثر ٻنهي طريقن واري علاج جي پريڪٽس ڪندو هو. ڊاڪٽريءَ جون ٻئي ڊگريون ڪلڪتي مان ڪيون هيائين ۽ ورهاڱي کان اڳ ئي اچي هتي وسيو هو. ماما نبن جو پراڻو دوست هو. ماما نبن ڳوٺان سوڪڙيون پاڪڙيون آڻي ڪيس ڏيندو هو. ڊاڪٽر رائو بشير مون کان ڪڏهن بہ دوا جا پئسا نہ ورتا هئا، پر هو ڪنهن بہ ٻار کان دوا جا پئسا نہ وٺندو هو.

منهنجو اِهو گمان پنهنجي جاءِ تي درست هو تہ ڊاڪٽر رائو بشير ماما نبن جي ڪري مون کان دوا جا پئسا نہ وٺندو آهي جو مان جڏهن وڏو ٿي ويو هئس تہ بہ ماما نبن جي لحاظ ۾ هُن ڪڏهن بہ دوا جا پئسا نہ ورتا. اڳتي هلي هو پڻ منهنجو دوست بڻجي ويو. مان اڪثر واندڪائيءَ ۾ بہ وٽس هليو ويندو هئس ۽ ساڻس ڪچهري ڪندو هئس. ڊاڪٽر رائو بشير علم ۽ ڄاڻ جو ڀنڊار هو. دنيا جي هر موضوع تي ڳالهائڻ جي وٽس وڏي صلاحيت هوندي هئي.

ڊاڪٽر رائو بشير جو چوڻ هوندو هو تہ انسان جي ڪيميا ۽ بناوٽ اهڙي آهي، جيڪا مونجهارن ۽ مرضن سان ڀريل آهي، سو هو ڪنهن بہ ريت ڪڏهن صحتمند ۽ نيڪ ناهي ٿيڻو. مٽيءَ جي ٻنوڙي مان ٺهيل هي آدم جنهن روح سان جڙيو ويو آهي اُن جي ساڻس هم آهنگي ڪڏهن بہ جٽادار ناهي رهي نہ ئي رهڻي آهي.

ڊاڪٽر رائو بشير جي مَرض ۽ شِفا جي حوالي سان پنهنجي فلاسافي هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو هڪڙو هلڪڙو ٽهڪ ڏئي، مَرض ۽ شِفا جي حوالي سان اَڻ سِڌي طرح چئي ويندو هو، "جهڙا روح تهڙا ختما" ۽ ڪڏهن ڪڏهن اِهو اشارو پڻ ڪندو هو تہ، بيماريءَ جو سِڌو سنئون واسطو شِر سان آهي، شِر جيڪو ماڻهوءَ جي پنهنجي ئي اندر ۾ موجود آهي، پنهنجي ئي سوچ ۾ آهي، سو ئي بيماريءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڊاڪٽر رائو بشير جنت ۽ آدم جي تخليق تائين وڃي اُن شِر اُن مرض جي تشريح ڪندو هو، جيڪا ڏاڍي دلچسپ هوندي هئي. ڊاڪٽر رائو بشير چوندو هو تہ انسان جو نفس ئي سمورين خرابين، بُرائين ۽ بيمارين جو ڪارڻ بڻجي ٿو. نفس جنهن مان سوچ جنم وٺي ٿي، نفس جيڪو خيالن جو ڀنڊار آهي. هو چوندو هو تہ دنيا ۾ وڻ ٻوٽا پنهنجي حساب سان پيدا ٿين ٿا باوجود ٽڏي ڪوسِي، هوائن طوفانن جي سدائين وڌندا رهن ٿا ساوا سرسبز رهن ٿا. ايئن ئي حيوان ۽ جانور پنهنجي فطري زندگي گذارين ٿا ۽ طبعي زندگي گذاري مرن ٿا. پر انسان جيڪو اشرف المخلوقات آهي اُهو ڇو بي انتها مرضن ۽ بيمارين جو شڪار ٿِئي ٿو. ڄائي ڄم کان بيمارين ناچاقين سان وڙهي ٿو ويندي مرڻ گهڙي تائين لوڙهي ۽ پوڳي ٿو.

ڇا! اها ڳالهہ غور طلب ۽ ڏک جهڙي ناهي؟

هو مون ڏانهن نِهاريندي چوندو هو تہ انجيل موجب آدم ۽ حوا جڏهن خلقيا ويا تہ اُهي گناهن ۽ بُرائين کان مٿانهان هئا، پر جيئن ئي شِر جي پاسي ٿيا ۽ خدائي حُڪم جي خلاف ٿيا تہ اُنهن جي اندر ۾ بہ بُرائي ۽ شِر وارو عنصر ڪاهي پيو ۽ اُهو سڀ ڪجهہ سندن نسلن تائين منتقِل ٿيندو رهيو!

ايئن نہ هجي ها تہ نوح وارو سيلاب يا طوفان نہ اچي ها، توکي خبر آهي تہ نوح وارو طوفان ڇا لاءِ آيو هو؟

مان خاموش کيس ڏسندو رهندو هئس هو هڪڙو هلڪو ٽهڪ ڏيندي چوندو هو تہ ڪائنات ۾ انساني ڪهاڻي ڏاڍي دلچسپ هجڻ سان گڏوگڏ ڏاڍي ڏڪائيندڙ بہ آهي. نوح واري طوفان کان اڳ ڪيتريون بيماريون ۽ مرض ماڻهن ۾ وبا جيان ڦهليل هئا جن جو ڪنهن حد تائين نوح واري طوفان کانپوءِ خاتمو ٿيو پر پوءِ بہ ڪوڙهہ جو مرض وبا جي صورت ۾ موجود رهيو ۽ وڏي انساني تباهي ڪيائين ۽ ڊارون جي ٿيوري موجب اُها وبا پنهنجي شدت ۾ ڪيئن گهٽي اُن جا بہ ڪي محرڪ آهن.



ڊاڪٽر رائو بشير چوندو هو تہ نفس خيالن جي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڪائنات آهي جنهن ۾ ايڏو ڪجهہ پريل ۽ ڳُتيل آهي جو اسين اُن ڪي سنڀالڻ يا سارڻ ۾ بيوس آهيون.
ڪائنات تي جيڪڏهن نظر وجهبي تہ سموري عالم ۾ خيال جي قوت ئي ڪم ڪندي نظر ايندي ڪيترن پهتل ماڻهن ۽ اوليائن تہ اِن حد تائين بہ چيو آهي تہ ڪائنات هڪ ئي خيال جي پيداوار آهي هڪ ئي خيال جو ڪرشمو آهي. پوءِ اُن کي خدا چئجي يا ڪجهہ ٻيو.
هو چوندو هو تہ يسوع مسيح چيو آهي تہ "توهان جيئن سوچيندؤ تيئن ئي ٿيندو" ايئن ئي هر مذهب جا بزرگ بہ چون ٿا. هندن جو يوڳ، اسلام جي رياضت، اُلهندي واري تهذيب جو هيپناٽيزم ۽ مِيسمريزم سڀني جو انحصار خيالن جي قوت تي آهي. اِهوئي خيال آهي جيڪو انسان کي پيچيدگين ۽ بُرائين جو گولو بارود بڻائي ٿو. مان حيرت وچان کيس ڏسندو رهندو هئس، هو ٿورو کِلندي چوندو هو توکي پڪ سان منهنجون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ اينديون هونديون پر آهستي آهستي سمجهہ ۾ اچي وينديون مان توکي سڀ ڪجهہ واضح ڪري ثابت ڪري ٻڌائيندسُ.
اڳتي هلي مون جڏهن پنهنجي خوابن واري ڪيفيت جو تذڪرو ڊاڪٽر رائو بشير سان ڪيو هو تہ هُن منهنجو باقاعدي علاج شروع ڪيو هو، جنهنڪري منهنجي طبيعت ۾ چڱو خاصو سُڌارو آيو هو. اُهي دورا جيڪي مهيني ماسي ٿيندا هئا سي ڇتي ڇهہ ماهي ٿيڻ لڳا هئا. اُن ڏس ۾ ڊاڪٽر رائو بشير چوندو هو تہ مان گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪڙو دفعو وٽس ضرور وڃان ۽ ساڻس ڪُلي ڪچهري ڪريان.
ڪچهري دوران ڊاڪٽر رائو بشير مون کان عجيب عجيب قسم جا سوال پُڇندو هو، مون کي محسوس ٿيندو هو تہ هو جيڪي سوال ڪندو هو تن مان ڪي سوال تہ اهڙا هوندا هئا جن جو ڪنهن بہ ريت مون سان يا منهنجي بيماريءَ سان ڳانڍاپو ڪونہ هوندو هو، پر منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر رائو بشير پنهنجي جاءِ تي بلڪل درست هوندو هو.
جڏهن مون کي بخار وغيره ٿيندو هو تہ هو مون کان پُڇندو هو تہ، "مان بخار واري ڪيفيت ۾ ڇا محسوس ڪندو آهيان ۽ پنهنجي وجود کي ڪيئن پائيندو آهيان."
مان کيس ٻڌائيندو هئس تہ:
"تيز بخار واري ڪفيت ۾ مون کي ائين لڳندو آهي، ڄڻ منهنجو جسم ڪمند جي ڳُرين جيان وڏن وڏن حصن ۾ ورهائجي بي وزن ٿي فضا ۾ تحليل ٿي رهيو آهي."
اُن لمحي ڊاڪٽر رائو بشير رڙ ڪري چوندو هو،
"پوءِ....!"
مان خاموش حيرت وچان کيس نهاريندو هئس، هو مون سان بي صبريءَ وچان مخاطب ٿيندي چوندو هو.
"ها... ها ٻڌاءِ... پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟"
مان کيس ٻڌائيندو هئس تہ:
"پوءِ منهنجو دماغ ڪنهن هٿوڙي جيان ڳرو ۽ ٻي جان ٿي وسامڻ لڳندو آهي.."
هو يڪدم هڪڙو ٺهڪ ڏيندو هو ۽ ٺهڪ ڏئي پنهنجي ئي ڇپن ۾ ڪجهہ چوندو هو، مان کيس چوندو هئس:
"ڊاڪٽر صاحب توهان ٺهڪ ڏئي ڪِليا ڇو؟ ۽ ڇپن ئي ڇپن ۾ ڇا چيو."
"اِهي اسان جا ڊاڪٽري مسئلا آهن، تون ڄاڻي نہ سگهندين ۽ تون ڄاڻي ڪندين بہ ڇا..؟ منهنجو جيڪو تنهنجي طبيعت مطابق اندازو هو سو درست پيو ثابت ٿئي..."
"ڊاڪٽر صاحب، پليز ٻڌايو نہ ڪجهہ، ائين تہ مان وڌيڪ وهم ۾ مبتلا ٿي ويندس.."

ڊاڪٽر رائو بشير وري ٺهڪ ڏنو هو ۽ چيو هئائين:
"تون سودائي تہ آهين اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، پر بخار يا تپ ۾ تنهنجي طبيعت ۾ غنودگي لهي ايندي آهي. اِها حالت بخار ۾ چند ماڻهن جي ٿيندي آهي، هر ماڻهو بخار يا تپ ۾ ائين محسوس ناهي ڪندو جيئن تون ڪندو آهين، لڪن هزارن ۾ چند ماڻهو ئي اهڙي حالت مان گُذرندا آهن."
مان خاموش ٿي کيس نهاريندو رهيس.
"چئبو تہ ڊاڪٽر صاحب مان ڪنهن وڏي روڳ ۾ ورتل آهيان."
"چئي سگهجي ٿو پر اُن کان بہ وڌيڪ تون هڪ ائبنارملٽيءَ جو شِڪار آهين، ائين سمجهہ تہ سُپر نارملٽي جو شڪار آهين."
"ڊاڪٽر صاحب، سو وري ڪيئن مان سمجهي نہ سگهيس؟"
هو ڪجهہ دير مون کي جاچيندو ۽ نهاريندو رهيو ۽ پوءِ چيائين:
"اِها تہ تنهنجي تيز بخار ۾ ڪيفيت هوندي آهي، هلڪي بخار ۾ يا بخار لهڻ کان يڪدم پوءِ ڇا محسوس ڪندو آهين؟"
مان ڪن پل ڪنهن ويچار ۾ پئجي ويس، ڌيان ڏنم ۽ سوچيم،
"ها ڊاڪٽر صاحب! اُن لمحي هڪڙو واضح دائرو منهنجي اکين ۾ گُهمندو رهندو آهي."
هُن مون طرف نهاريو ۽ چيائين:
"۽ اکين پورڻ سان...؟"
"اکيون پورڻ سان اُهو دائرو وڌيڪ رنگين ۽ واضح ٿي ويندو آهي."
"ڇا تون اُن دائري جي شڪل ٻڌائي سگهين ٿو تہ اُهو ڪيئن ۽ ڪهڙو هوندو آهي."
"ڊاڪٽر صاحب اُهو دائرو رانهن (ڇؤنري) جهڙو هوندو آهي، ائين سمجهيو ايمبريو وانگي."
"پوءِ تہ پڪ توکي اُن جي رنگ جي بہ خبر هوندي تہ رنگ ڪهڙو هوندو اٿس...؟"
"ڊاڪٽر صاحب وانگڻائي ۽ تيز ڳاڙهو."
"اڇا... معنيٰ اُهو دائرو ايمبريو وانگي هوندو آهي، جيئن ٻج سَلي ۾ بند هوندو آهي يا ڪٽي ائين چئجي تہ جيئن ڪو ڪچو ٻار ٻچي دانيءَ ۾ ويڙهيل هوندو آهي."
"جي جي، بلڪل ڊاڪٽر صاحب ائين ئي..."
اُن کانپوءِ ڊاڪٽر ڪي پهر خاموش ٿي ويو هو، ڪي لمحا ڪنهن گهري سوچ ۾ هليو ويو هو، آئون خاموش کيس تڪيندو رهيو هئس.
"توکي ننڊپڻ ۾ ڪو ڏڪ وغيره لڳو هو ڇا؟"
"ڊاڪٽر صاحب مون کي ياد ڪونهي، ننڊپڻ ۾ تہ ٻار اڪثر ڪِرندا ۽ ڏڪ ڪائيندا رهندا آهن، ٿي سگهي ٿو مون سان بہ ائين ٿيو هُجي."
"بهرحال.." ۽ پوءِ هو مون کي ڪا دوا ڏئي روانو ڪري ڇڏيندو هو.
هڪڙي دفعي ڊاڪٽر رائو بشير ڪچهري دوران مون کان رنگن جي باري ۾ پُڇيو هو، مون ساڻس رنگن جي باري ۾ ڳالهايو هو اسان جو موضوع طويل ٿي ويو هو اسين ڪيترائي ڪلاڪ رنگن جي باري ۾ ڳالهائيندا رهيا هئاسين. اُن ڏينهن ڊاڪٽر رائو بشير مون کي بنفشي يعني وايوليٽ رنگ جي گلاس ۾ پاڻي پيئڻ جو تاڪيد ڪيو هو. اِهو بہ چيو هئائين تہ جنهن جڳ يا بوتل ۾ پاڻي پري رکندو آهيان اُن جو رنگ بہ بنفشو يا سوسني هجڻ گهرجي.
مون ڪانئس سبب پڇيو هو تہ هُن وراڻيو هو تہ رنگن جو اثر ماڻهوءَ جي طبيعت ۽ زندگي تي تمام گهڻو پوندو آهي نہ صرف طبعي طور پر نفسياتي طور بہ رنگ ڪيترائي بدلاءُ آڻيندا آهن. جسماني ۽ روحاني طور بہ رنگ پنهنجا غير معمولي اثر ڇڏيندا آهن. اِن علم کي ڪرومو ٿراپي چوندا آهن ۽ اِهو علم يا طريقو تمام آڳاٽو آهي.

مختلف رنگن جي شيشن ۾ پاڻي ڀري اُس ۾ رکڻ ۽ اُن کي واپارائڻ مختلف بيمارين جي حوالي سان تمام گهڻو لاڀائتو هوندو آهي. روشني جڏهن ڪنهن به رنگ جي شيشي يا پرزم مان گذرندي آهي ته اُها اُن رنگ جي نسبت سان پنهنجي مخصوص جزن ۾ ٽُٽندي آهي جنهن جا بنهه فطري ۽ سائنسي اثر آهن.

مختلف رنگن جا ڪپڙا پائڻ، مختلف رنگن جي ٻُرن واريون مُنديون پائڻ به ماڻهوءَ جي طبيعت ۾ وڏو بدلاءُ آڻينديون آهن. نه صرف ايترو پر ڀچيداڻي ۾ موجود ٻار تي به رنگن جا وڏا اثر پوندا آهن. انجيل جي حوالي سان هُن ٻڌايو هو ته يسوع مسيح هڪ دفعي سمنڊ جي ڪناري تي هڪ رنگ برنگي ڪپڙو لڳائي ڇڏيو هو جتان رڍون روز پاڻي پيئنديون هيون، جڏهن اُنهن رڍن کي ٻچا ٿيا ته اُهي سمورا اُن ڪپڙي جيان رنگ برنگي هئا. رنگن جو ئي نه پر سوچ ۽ خيالن جو اثر به نسلن ۾ منتقل ٿيندو آهي.

هڪ ڀيري ڊاڪٽر رائو بشير ڳالهين ڳالهين ۾ مون کان منهنجي خوابن متعلق پڇيو هو، مون کيس پنهنجي خوابن متعلق ٻڌايو هو هُن مون کان اِهو پُڇي مون کي ڇرڪائي ڇڏيو هو ته:

”مان جيڪي خواب ڏسندو آهيان سي رنگين هوندا آهن يا بليڪ اينڊ وائيٽ؟“

مان ڪي لمحا خاموش رهيو هئس، مان جيڪي خواب ڏسندو هئس تن مان ڪجهه ياد رهندا هئا ته ڪجهه وسري ويندا هئا، پر مون ته ڪڏهن اِهو سوچيو يا ويچاريو ئي نه هو ته اُهي خواب رنگين هوندا آهن يا بليڪ اينڊ وائيٽ!

جيستائين منهنجو خيال هو ته اُهو هڪڙو مخصوص خواب جنهن منهنجي زندگيءَ کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو ۽ منهنجي دوري واري ڪيفيت ٿي ويندي هئي. اُن ۾ ڪي رنگ ضرور هوندا هئا.

حيرت جي ڳالهه ته اِها هئي ته مان جيڪو خواب ڏسندو هئس اُن جو پهريون حصو مون کي بنهه ياد نه رهندو هو، زندگي ۾ جيترا ڀيرا به منهنجي اُن خواب دوران جيڪا دوري واري ڪيفيت ٿي ويندي هئي، اُن ڪانپوءِ صرف خواب جو آخري حصو ياد رهندو هئم. منهنجي دماغ ۾ هڪڙو زوردار ڌماڪو ٿيندو هو ۽ منهنجو دماغ اوجهڙي ڪيمپ وانگي ذرين ذرين ٿي ويندو هو. جنهن ڪانپوءِ باهه جا وڏا طوفان منهنجي ذهن ۾ ڪاهي پوندا هئا جيڪي منهنجي مغز جي جيوگهرڙن ۽ تاندورن جي مادي کي ساڙڻ لڳندا هئا منهنجا سمورا عضوا ائٽم جيان ٽهجي اُڏامڻ لڳندا هئا جن جو وزن تمام گهڻو ڳرو ٿي ويندو هو. منهنجي ذهن جا سمورا خُليا ڪنڊ جي وڏن ذرن يا آئيس ڪيوبس وانگي سموري ڪائنات ۾ پکڙجي ويندا هئا جن مان باهه جا اُلا نڪرندا هئا، منهنجي جسم جا ٽُڪرا خلا ۾ اُڏامندا هئا پر سُجيل لڳندا هئا ايئن جيئن پاڻيءَ ۾ پيل جسم سُڄي ويندو آهي.

مان ڪيتري وقت تائين ڊاڪٽر رائو بشير جي سوال جو جواب ڏئي نه سگهيو هئس. ڊاڪٽر رائو بشير جي علاج سبب ڪيترن ڏينهن تائين مون ڪوبہ خواب نه ڏٺو هو، اگر جيڪي به خواب ڏٺا هئم جيڪي ياد به هئا ٿورا ٿورا تن جي بي رنگ يا رنگين هجڻ جو يادگيرو مون کي صفا به نه پئي آيو. ڊاڪٽر رائو بشير ڪيترا ڀيرا مون کان خوابن جي رنگن بابت پُڇيو پر مان کيس جواب ڏئي نه سگهيس. ”مان سوچيندس ۽ سوچي ٻڌائيندس“ جو چئي ڳالهه ٽاري ويندو هئس.

اُن رات اسين دير تائين رنگن متعلق ڳالهائيندا رهيا هئاسين ۽ ٽائيم جو ڪو احساس ئي نه رهيو هو. ڊاڪٽر رائو بشير معمول موجب شام جو ڇهين وڳي دواخانو کوليندو هو ۽ ڏهين بجي بند ڪري هليو ويندو هو پر اُن رات اسان کي رات جا ساڍا ٻارنهن ٿي ويا هئا. جڏهن اوچتو ٽائيم گهڻو ٿي وڃڻ جو احساس ڊاڪٽر رائو بشير کي ٿيو هو ته چيو هيائين:

”توکي دوا به ڏيڻي هئي ۽ دير به ڪافي ٿي وئي آهي، جيڪا دوا توکي ڏيڻي هئم سا گهر واري دواخاني تي رکيل آهي. سو ايئن ٿا ڪريون ته هتان گڏيا ٿا هلون مان گهران توکي دوا ڪڍي ٿو ڏيان پوءِ تون پنهنجي گهر روانو ٿي وڃجان رستو ته ٿوري فرق سان پاڻ ٻنهي جو ساڳيو ئي آهي.“

مان ساڻس گڏ سندس ففٽي موٽرسائيڪل تي روانو ٿيو هئس، ٿوري ساعت ۾ اسين سندس گهر وٽ پهچي ويا هئاسين. هُن پنهنجي گهر جي دروازي جو تالو کوليو هو ۽ موٽرسائيڪل اندر ڪئي هئائين ۽ مون کي به اندر اچڻ جو چيو هئائين. اسين هڪڙي ڪُشادي پڌر مان اُڪري ورانڊي مان هڪڙي ڪمري جو دروازو کولي اندر داخل ٿياسين.. اُن ڪمري ۾ به هڪڙو چڱو خاصو دواخانو موجود هو جنهن ۾ پڻ لاتعداد دوائون رکيل هيون. ڊاڪٽر جڏهن ڪمري جو ڪڙو کوليو هو ته اُن جي آواز تي پرسان واري ڪمري مان هڪ عورت جو آواز آيو هو. اُها عورت ڊاڪٽر کي گاريون ۽ پٽون پاراتا ڏئي رهي هئي نه صرف ايترو هوءَ کيس قتل ڪرڻ جو به چئي رهي هئي. اُهڙو ڳرو ۽ دهشت ناڪ آواز مون اڳ ۾ ڪڏهن به نه ٻڌو هو. اُنهن آوازن تي مان حيرت وچان ڊاڪٽر ڏانهن نهاري رهيو هئس جو ڪجهه پُڇڻ جي ته مون کي همٿ ئي نه پئي ٿي. مون کي ايئن گهٻرايل ڏسي ڊاڪٽر رائو بشير مُرڪندي چيو هو ته ”گهٻراءِ نه اِها منهنجي زال آهي جيڪا پرسان واري ڪمري ۾ زنجيرن سان ٻڌل آهي. هوءَ نفسياتي مريض يعني چري آهي جنهن جي ڪَل ٽڙئي کي ورهيه ٿيا آهن. مون کيس ڪنهن پاگل خاني ۾ داخل اِن لاءِ نه ڪرايو جو اُتي کيس ٻي واهو ڪري ماري ڇڏين ها.“

مون هٻڪندي ڊاڪٽر کي چيو هو ته:

”پوءِ هِن جي سارسنڀال ڪير لهندو آهي؟“

ڊاڪٽر مُرڪندي چيو هو

”مان ئي لهندو آهيانس، هونئن هوءَ ڏاڍي سُٺي آهي، مون کي پياري به ڏاڍي آهي پر بس ڪڏهن ڪڏهن مٿس جنون جا دورا پوندا آهن ۽ نقصان ڪري وجهندي آهي تنهنڪري ٻڌل رکندو آهيانس. بس اِها به انسان جي هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي ڪڏهن ٻڌائيندوسانءِ.“

”ڊاڪٽر صاحب پوءِ گهر جو ڪم ڪار، ماني ٽڪي ڪير ڪندو آهي؟ توهان کي اولاد وغيره ڪونهي ڇا؟“

”هڪڙي مائي رکيل آهي جيڪا گهر جو ڪم ڪار ڪندي آهي ۽ منجهند جي ماني به ڪري ويندي آهي. باقي اولاد ۾ هڪڙو پُٽ اٿم سو وري اڃا به مٺي ڦريل ۽ ڏوهاري قسم جو ماڻهو آهي جيڪو گهر ۾ گهٽ رهندو آهي. هڪڙو چڱو پُٽ هئم سو وري جوانيءَ ۾ ئي قتل ٿي ويو.“

هُن ڳالهائيندي دواخاني مان هڪ دوا ڪڍي رنگين گورين ۾ ٺاهي ڏني ۽ چيائين:

”هي دوا وٺ ۽ تون هاڻي هل، توکي ڪافي دير ٿي وئي آهي. هل ته مان توکي ٻاهرين روڊ تائين ڇڏي اچان، متان ڀُلجي نه پوين.“

”نه ڊاڪٽر صاحب توهان اِها تڪليف نه ڪريو مان پاڻهي هليو ويندس ۽ بلڪل به نه ڀُلجندس.“

”ٺيڪ وڏيڪ تفصيلي ڳالهيون پوءِ ڪنداسين.“

ٻاهرين دروازي تائين هو مون سان گڏ آيو ۽ موڪلائي دروازو بند ڪري ڇڏيائين. مون پوئتي نِهاري هڪ نظر بند دروازي کي ڏٺو ۽ خيالن خيالن ۾ پنڌ الائي ڪهڙي مهل پنهنجي فليٽ تي پهتس. ٻڪايل هجڻ باوجود بيڊ تي ڪريس ته مون کي ننڊ ڪٺي وئي...(هلندڙ)...



# اکري سٽو وکري

## بيت_ شاھہ لطيف

جوڳيڙا جَھانَ ۾، ھُئا مَنجِھہ حَمامَ1،
آرامان2 اَرَڳُ3 ٿِيا، اوڏا نہ آرامَ،
ڪَيائوُن قِيامَ4، آئون نہ جِئندي اُنِ ري.

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

(1) حَمامَ- تابش (عشق جي). (2) آرامان- آرام کان،
(3) اَرَڳَ- ڏار، پري. (4) قِيامَ- قيامت، قهر.

******

## پهاڪو

ٻُڏي ٻيڙيءَ جون هريڙيون بہ پليون:
جتان ڪجهہ ملڻ جي اميد نہ هجي، اتان ڪجهہ ملي تہ غنيمت.

******

## نثري نظم

هاڻي مان توکي الوداع نہ چوندس
پارس حميد

شايد مان توکي
الوداع چئي نہ سگهان
مون بس ۾ وينل
نيري ڪانن پهريل
ڇوڪريءَ کي الوداع چيو تہ
اکين کان اوجهل ٿي ويئي
هڪ ڀار کي الوداع چيو تہ
ڏک جي جهنگل ۾ وڃائجي ويو
خواب کي الوداع چيو تہ
اکين جي آکيري مان
پکين جيان ڀڙڪو ڏيئي اُڏامي ويو
۽ هاڻي جي مان توکي الوداع چوندس تہ
هن دنيا جي حدن ۾ ئي نہ هوندس.

******

## آزاد نظم

اقبال بلوچ

ميار

توسان منهنجو ناتو
ساھ جي ان ڪچي تند جيان آهي
جيڪو ڪڏهن بہ ٽٽي سگهي ٿو
جڏهن ساھ تي ڪا ميار نہ آهي
تہ توتي ڪهڙي ميار.

******

## مختصر ڪهاڻي (پيڊ)

پير عبيد راشدي

اوچتو لڪڻ جو ڪکر پانورو احساسن تي ڇانيل. ڪيسي ۾ هٿ، نہ ڪاڳر نہ پين، رستو ۽ پوءِ گيلاني ريل اسٽيشن لتاڙي سپر اسٽور جي پيھہ ۾ ڪلها گس خبر نہ ٿي پئي ڪير ڪنهن سان گڏ يا اڪيلو مرد عورتن جي ساهن جي هبڪار "پيڊ ۽ پين کپي.." چيائين تہ ليٽر پيڊ پر گوڙ آواز جي ڪري سيلز مين پڇيس: "توهان کي فل سائيز ڪپندي يا وچولي...؟" سيلز مين پر ۾ بيٺل اجنبي اوپري ليڊي کي ڏسندي پڇيس، ڪن پل ۾ هن جي آڏو پيڊ جو پيڪيٽ پيو هو، "ليٽر پيڊ گهري هئم...!" هن پڪائي سان مرڪندي چيو: "سر موبائل نيٽ چيٽ جي دور ۾ اجا خط لکو ٿا...!؟" سيلزمين حيرت ۾ ورتل گلشن اقبال تي ڇانيل بادل اجا وسڻ جا ويس ڪن، ان کان اڳ هن ڪاڳر تي احساس وسائي ڇڏيا.

******

## مختصر ڪهاڻي (معصوم خواب)

گلاب خان سولنگي

هاريءَ پنهنجي ٻالڪ کان پڇيو "پٽ! وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟" ٻالڪ وراڻيو "بابا سائين! مان وڏو ٿي وڏيري کان پنهنجي زمين آزاد ڪرائي آباد ڪندس ۽ ان ڪيتيءَ مان ٿيندڙ اُپت خرچ ڪري اسڪول بہ ويندس، پنهنجي ڪکائين جهوپڙي کي پڪائين سِرن سان جوڙائيندس ۽ ڳوٺ جي غريب رولو ڇوڪرن جي سهائتا ڪري علم پرائڻ تي آماده ڪندس. آخر ۾ پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي شهر جي وڏي درسگاھ ۾ داخلا وٺي ڏيندس."

******

## ڪمال پٽ جا فائدا

ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

ڪمال پٽ قديم زماني کان رڌ پچاءَ ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ اهم وکر آهي. يوناني ۽ رومي هن جي ساراھ جا ڍڪ پريندڙ رهيا، سندن ويساھ هو تہ ڪمال پٽ جو ٻوٽو ڏاهپ، امن ۽ حفاظت جي نشاني آهي. هن ۾ ڪيترائي ڪيميائي مادا، معدنيات ۽ پروٽين ٿين ٿا. اسان جي خطي ۾ ڪيترن ئي طعامن ۾ ان جو عام استعمال ٿئي ٿو.

هاضمي جا فائدا

هن ۾ انوکي قسم جون اينزائيمون ٿين ٿيون جڏهن اسان ڪا زهريلي شيءِ کائي وجون ٿا تہ ڪمال پٽ جسم کي ان زهريلي اثرن کان بچائڻ لاءِ يا تہ پيشاب جي عمل کي تيز ڪري ٿو يا وري الٽي واري عمل کي تيز ڪري ڇڏيندو آهي، منجهس موجود نامياتي مرڪب هجڻ سبب معدي جي گڙ ٻڙ ۽ پيٽ جي تڪليفن کي گهٽائي ٿو.

وارن جي صحت سڌاري ٿو

ڪمال پٽ ۾ ڪي اهڙا طاقتور ڪافوري وکر ۽ ڪيميائي مادا ٿين ٿا جيڪي خشڪ چمڙي ۽ ٻِقي لاءِ فائديمند ٿين ٿا. شيمپو ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪمال پٽ جي پاڻيءَ سان مٿو ڌوئبو تہ ٻقو ختم ٿي ويندو ۽ وار بہ صحتمند ٿي ويندا.

ڪينسر کان بچائي ٿو

ڪمال پٽ ۾ فري ريڊيڪلن کان بچائڻ جي خاصيت ٿئي ٿي، جيڪي بدقسمتي سان صحتمند گهرڙن کي ڪينسري ڪري ڇڏين ٿا. ڪمال پٽ ۾ اينٽي آڪسيڊنٽن سميت انهن مرڪبن جو هڪ شاندار مڪسچر موجود ٿئي ٿو جيڪي اهڙي سڄي عمل کي رد ڪري ڇڏين ٿا.

# سوشل ميڊيا

**همسري**

## علي مردان راھوجو

بيروزگاري

مان هڪ هفتي کان پنهنجي ڳوٺ ۾ آهيان. شام جو مچ ڪچهري تي اڪثر منهنجي ۽ پرپاسي وارن ڳوٺن جا ماڻهون ملڻ ايندا آهن ۽ پنهنجا حال اوريندا آهن. منهنجا ٻه ننڍا ڀائر ٻه سٺن عهدن تي فائز آهن تنهنڪري گهڻو ڪري ماڻهون پنهنجي ننڍن وڏن مسئلن جي حل ڪرائڻ لاءِ اسان وٽ پيڙي ايندا آهن. انهن مان اڪثريت اهڙن نوجوانن جي ٻه هوندي آهي جن وٽ تمام وڏيون ڊگريون يعني BA ، MA سٺن گريڊن ۾ ٿيل هوندي آهي پر ڪين ڪا مناسب نوڪري نه ملي سگهي آهي. تنهنڪري نوڪري جون درخواستون کڻي ايندا آهن. ائين ٻه ڏينهن اڳ هڪ نوجوان آيو جنهن جي MA- Economics ۾ ٿيل آهي ۽ نوڪري جي ڳولها ۾ آهي. مون هن کان سوال ڪيو ته اوهان ايم. اي اڪنامڪس آهيو. ڀلا اهو ٻڌايو ته اڪنامڪس آهي ڇا؟ نواجوان بلڪل خاموش ٿي ويو ۽ ٻڌايائين ته اها ڊگري هن نقل ڪري ڪئي آهي تنهنڪري هن کي ڪا خبر نه آهي ته اها اڪنامڪس ڇاجو مڪس آهي. ڪالهه ٻيو نوجوان درخواست کڻي پهتو ٻڌايائين ته هو مئٽرڪ پاس آهي ۽ بيروزگار آهي. مان سوال ڪيو ته Matriculation جي خالي اسپيلنگ ته ٻڌايو، پر هن کي اها به نه آئي. مان اهو ڏسي، ڊڪرن ۾ پئجي ويس ته ڏسو اسان جي تعليم جو معيار ڪيترو ڪري چڪو آهي جو هنن کي صرف پنهنجي هٿ ۾ آيل ڊگري جي به خبر نه آهي پر پوءِ به هو پاڻ کي پڙهيل لکيل سمجهن ٿا ۽ وڏين نوڪرين جي انتظار ۾ پنهنجو روايتي پورهيو ڪرڻ ۾ عار محسوس ڪن ٿا. مون وري ان سوال ته غور ڪيو ته ان صورتحال جو قصوروار ڪير آهي. مون کي وري به ان جي قصوروار حڪومت وقت لڳي. حڪومت ئي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو آهي، ڪاپي ڪلچر عام آهي، پئسن تي گريڊ ملن ٿا، سفارش ۽ روڪڙي تي نوڪريون ملن، پوءِ رشوت جي بازار گرم. ان ماحول ۾ ڪير جاکوڙ ڪندو. ڪير محنت ڪندو، جتي چور ۽ ٺوڳي حاڪم ۽ حڪمران هجن اتي هنن غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جو ڪهڙو قصور. ڪجهه سوچيو، ڪجهه ڪريو.

******

## شمس الدين زنئور

فري ڪراچي

سنڌ وحدت تي نئون وار

مها فاشسٽ ۽ انڊين ايجنٽ الطاف جي چوڻ تي سندس آمريڪا ۾ ترسيل چيلن نديم نصرت، بابر غوري ۽ واسع جليل فري ڪراچي جي نالي سان سنڌ کي ڪاٽ هڻڻ جي نئين مهم شروع ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ آمريڪا جي ناميارِي اخبار واشنگٽن ٽائمز جي ڪالهوڪي شماري ذريعي هڪ پوسٽر ٽائيپ پمفليٽ به ورهايو ويو آهي. بظاهر اقليتي وحدتن کي تحفظ ڏيارڻ جي نالي ۾ اها سڌي سنئين سنڌ جي وحدت خلاف مهم آهي جنهن کي پاڪستان گورنمينٽ ته سرڪاري سطح تي کنيو آهي پر ان ڏس ۾ اسان سنڌ واسين کي به پوئتي نه رهڻ گهرجي ۽ جنهن ميمبر کي ڪمپيوٽر آپريٽ ڪرڻ ايندو آهي اهو واشنگٽن ٽائيمز اخبار جي ويب سائيٽ تي وڃي پنهنجو احتجاج ضرور رڪارڊ ڪرائي.

******

## سهيل ميمڻ

واهه شڪارپور تنهنجا ڀاڳ

سنڌ جي پاڻي ڪميشن ڪيس جي شڪارپور چائي درخواستگذار وڪيل شهاب اوستو جي محنت جا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. شڪارپور ميونسپلٽي جي ويهن سالن کان قبضا گيرن وٽ يرغمال ٻڌيل اربين رپين جي 135 ايڪڙ زمين جيڪا قبضا گيرن کان آجي ڪرائڻ جو حڪم ڪميشن هڪ سال اڳ 17 جنوري 2017 تي ڏنو هو. زمين قبضا گيرن کان آجي ٿي ميونسپلٽي کي موٽي ملي آهي. ڪميشن اڄ ان زمين تي عملي قدم کڻڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي. ضروري ڪارروائين بعد اهي معاملا عمل ۾ اچڻ وارا آهن ان اربين رپين جي قيمتي زمين تي ڪينٽل ڪالوني جوڙڻ جي رٿا آهي. شڪارپور واسي هوشيار ٿين متان ڪو سياستدان اتي به سياست ڪري وڃي. ميرٽ تي واڙن وارن کي پلاٽ ۽ حق ملڻ گهرجي، ڪا ناانصافي ڪا اقربا پروري نه ٿيڻ گهرجي. ڪو وزير، مشير، ايم اين اي، ايم پي اي سياست چمڪائي ته ان تي به نظر رکجو. هي سڀ عدالتي حڪمن تحت پاڻي ڪميشن پٽيشن جو نتيجو آهي، ڪنهن جو احسان ناهي. ان ڪم لاءِ 12 ڪروڙ رپيا به رليز ٿيا آهن. شڪارپور واسين کي اک کولي ان معاملي تي نظر رکڻ گهرجي، عدالتي ڪميشن جو ان معاملي ۾ حڪم تمام واضح آهي ته ڪميشن پاڻ تمام جلد هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ جو دورو ڪندو ۽ شڪارپور ۾ ان ڪم جي پروگريس به ڏسندو. ميٺهن جا واڙا شهر کان ٻاهر وڃڻ معنيٰ منو شهر پاڻ مرادو صاف ٿي وڃڻ آهي. مون پڻ اوستو صاحب جي معرفت روهڙي شهر مان ميٺهن جا واڙا ٻاهر ڪڍڻ جي دانهن ڪميشن آڏو پڄائي آهي.

******

## ڪونج انصاري

نظيران پٽي کي انصاف ملندو يا جرگو؟

سنڌ جي هڪ ننڍڙي شهر صالح پٽ ۾ جيءُ جهوريندڙ واقعو هڪ جوابدار پاران نظيران پٽيءَ کي لڄالٽ ڪرڻ بعد باهه ڏئي ساڙي مارڻ جي ڪوشش، نظيران کي تشويشناڪ حالت ۾ سکر اسپتال داخل ڪيو ويو، صالح پٽ ٿاڻي لڳ وحشي جوابدار مشتاق پٽي گهر ۾ اڪيلي رهندڙ 30 سالا نظيران پٽي کي لڄالٽ ڪرڻ بعد سندس مٿان پيٽرول هاري باهه ڏئي ساڙي زخمي ڪري ڇڏيو. سنڌ جو مقدر اهو آهي ڇا؟

### ڪهاڻي

# وصيت

**ڊاڪٽر اعجاز سمون**

جڏهن سئنيما جو عروج هو ته هو شهر جي ٻن ايئر ڪنڊيشنڊ سئنيمائن تي فلم جا بينر ٺاهيندو هو. هفتي جي پهرين ڏينهن ۾ سئنيما تي ماڻهن جي رش، نئين فلم جي ٺاهيل بينر کي ڏسڻ لاءِ بي چين هوندي هئي، ڄڻ ماڻهن جو هڪ ميلو هجي. سئنيما جا مالڪ هُن کي استاد.. استاد چوڻ ۾ پيا اڳيان پٺيان ڦرندا هُئا.. جنهن تي هُو پيو گدِ گدِ ٿيندو هو پر فلم جي بينر ٺاهڻ دوران هُو هر ماڻهوءَ لاءِ اجنبي بڻيل رهندو هو. ڪا ڳالهه ٻڌائڻي هجي يا پڇڻي هجي ته جواب رڳو هون..ها..هون.. ڏيندو هو. بس رڳو هن جي هٿ ۾ برش جيڪو مختلف رنگن ۾ پيو ٻڏندو رهندو هو جنهن سان هن جو ڪنڌ به مسلسل پيو هلندو رهندو هو ۽ اکيون تصوير ۾ ئي ٽڪيل رهنديون هيون. ان ڪانپوءِ هڪ خوبصورت آرٽ سيني ڏسندڙن جي سامهون ايندو هو... هُو فلم جي ايڪٽرن جي ٺاهيل تصويرن تي ائين رنگ اُڇلائيندو هو، ڄڻ رنگ هن سان پاڻ ڳالهائيندا هجن.. تصوير مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ائين لڳندو هو ڄڻ سامهون ايڪٽر جي تصوير نه پر زنده ايڪٽر پاڻ بيٺو هجي.. انهي ڪري سئنيما تي هر نئين فلم جا ٺاهيل بينر ڄڻ فلم جي هائوس فل هئڻ جي ضمانت هوندا هئا.. هُو جڏهن سنگيتا يا مسرت شاهين جون تصويرون ٺاهيندو هو ته ان ڏينهن ڏاڍو خوش رهندو هو، چو ته جڏهن مسرت شاهين يا سنگيتا جي اپريل چاتين تي برش ڦيري رنگن جا اسٽروڪ هڻندو هو ته هن کي ڪجهه لمحن لاءِ پنهنجي وجود ۾ ڪرنٽ ڊوڙندي محسوس ٿيندو هو. هن جا هٿ ڏڪڻ لڳندا هئا، نرڙ تي هلڪو پگهر اچي ويندو هو ۽ وات خشڪ ٿي پوندو هُئس. اهڙي لڳاتار ڪيفيت ۾ ڪيس ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ هن جو هڪڙو هٿ سنگيتا جي ڇاتيءَ ۾ آهي ۽ ٻيو هٿ مسرت شاهين جي چيلهه ۾... هن جي وجود ۾ اهڙي ڪيفيت کي سندس شاگرد سمجهي ويندا هئا ۽ پنهنجي منهن پيا مرڪندا هئا ۽ سرٻاٽن ۾ سس پس ڪري ونندا هئا. شاگردن جي اهڙي مرڪڻ سس پس تي هو پاڻ کي سنڀالي وٺندو هو پوءِ پاٽي جي جڳ مان جنهن تي مختلف رنگن جا داغ لڳل هوندا هئا، برش پري هنن کي چنبا هڻندو هو. پاٽي جي ڇنڊن لڳڻ سان سڀئي شاگرد خاموش ٿي پنهنجي پنهنجي ڪم سان لڳي ويندا هئا.. ماحول کي مٺائڻ لاءِ پوءِ هو سيني کان ننڍي شاگرد کي ڪير پتي چانهه وٺي اچڻ لاءِ چوندو هو... هو سنگيتا ۽ مسرت شاهين تي سالن کان عاشق هو، ان ڪري بازار مان گذرندڙ هر عورت جي وجود ۾ هو سنگيتا ۽ مسرت شاهين کي ڳولهيندو هو ۽ تيز نظرن جا تير هڻي اندر ۾ پيو خوش ٿيندو هو.

هو ڪيترائي ڀيرا لاهور به ويو هو گهمڻ ڪاڻ نه پر سنگيتا ۽ مسرت شاهين کي ڏسڻ ڪاڻ! پر هر دفعي مايوس ٿي موٽيو هو. چو ته فلم اسٽوڊيو جي گيٽ تي وينل ٺلهي متاري، وڏين مُڇين واري پٺاڻ هن کي اسٽوڊيو جو گيٽ ئي ٽپڻ ڪونه ڏنو هو...! اها ڳالهه هُو پاڻ ٻڌائيندو هو ۽ پوءِ پٺاڻ کي ڏاڍيون گاريون ڏيندو هو. هن جي طبيعت ۾ ڪاوڙ ۽ چڙچڙائپ حد کان وڌيڪ ڀريل هئي ۽ گهڻي ڪاوڙ ۾ هن جا ٻئي ڳِٽا ڦڙڪڻ لڳندا هُئا. انهيءَ ڪري هن جو بلڊ پريشر اڪثر چڙهيل رهندو هو.. جنهن جي دوا پڻ کائيندو هو جيڪا هن جي پاسي واري ڪيسي ۾ ساڻ هوندي هُئس. هن کي ڪاوڙ ان وقت به ڏاڍي ايندي هئي، جڏهن ڪنهن فلم جي هيري جي پاڪر ۾ سنگيتا يا مسرت شاهين کي ڏسندو هو،، ان وقت هن جي بيچينيءَ واري ڪيفيت ڏسڻ وٽان هوندي هئي ۽ سڄي وجود ۾ ڪروڌ جنم وٺندو هُئس ۽ دل چوندي هُئس ته هيري جو سڄو چهرو ڪاري رنگ سان مَلي ڇڏي پر هو ائين چاهيندي به نه ڪري سگهندو هو. پوءِ پنهنجي آرٽ مان فائدو وٺندي اندر جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ هو هيري جي تصوير ۾ ڪاري رنگ ۾ اڇو رنگ ملائي "مونو ڪلر" ۾ تصوير ٺاهي، اندر ۾ پيو خوش ٿيندو ۽ پنهنجي منهن گنگنائيندو هو.

"هي اپنا دل تو آوارا، نه جاني ڪس پي آئيگا"

پر جڏهن سئنيما جي عروج کي زوال ڳڙڪايو ۽ سئنيمائون ڊهنديون ويون انهن جي جاءِ تي پلازائون ٺهنديون ويون ته هن جي زندگي به بي ترتيب ۽ بي رنگ بڻجندي وئي.. هاڻي هو گهڻو وقت ٻاڪرا هوٽلن تي گذارڻ لڳو هو.. جن هوٽلن تي وي سي آر تي انڊين فلمون به هلنديون هيون. هن جي طبيعت ۾ ٺهراءُ اصل ڪونه هو، هر وقت جي چڙ ۽ ڪاوڙ هن کي رت جي رشتن کان به پري ڪري ڇڏيو هو، ٻه ڀائر هئا ۽ هڪ ڀيڻ، جيڪي سالن کان ڪراچيءَ هليا ويا هئا جيڪي نه هن ڏانهن ايندا هئا ۽ نه ئي وري هُو انهن ڏانهن ويندو هو... جڏهن ماءُ جيئري هُئن ته ڪڏهن ڪڏهن ماءُ سان ملڻ ايندا هئا پر ماءُ جي مرڻ ڪانپوءِ هو ڄڻ هن کي به ماءُ سان قبر ۾ پوري ويا هئا... انهي ڪري هر رشتو هن لاءِ به معنيٰ بڻجي ويو هو، هُو اڪيلي زندگي گذارڻ جو عادي بڻجي چڪو هو. رات جو گهر مان نڪري وڃڻ ۽ دير سان گهر ڏانهن موٽي اچڻ هِن جي طبيعت جو حصو ٿي چڪو هو. هاڻ اهائي هن جي زندگي هئي پر نجمه سان شادي ٿيڻ کان پوءِ هن جي بي ترتيب زندگيءَ ۾ ڪجهه ماناڻ آئي، پر راتين جي رولاڪين جو سلسلو ساڳيو ئي رهيس. نجمه هن جي هٿن جي آڱرين سان ٺهيل جادو ۽ ڪرشماتي تصويرن جي ننڍپڻ کان ئي ديواني هئي.. جڏهن هوءَ اسڪول ويندي هئي...نه ڄاڻ ڪيتري دير هن جي اوطاق جي در تي بيهي هن جي هٿ مان ٺهيل تصويرن کي ڏسندي هئي. جيڪي ڪمري جي پِٽ تي لڳل هونديون هيون.. ۽ انهيءَ ديوانگيءَ ئي ڪيس هن جي زندگيءَ جي فريم ۾ قيد ڪرايو هو. ٻنهي ڄڻن پنهنجي خاندان جي سڀني ڀاتين کي ناراض ڪري ڪورٽ ۾ شادي ڪئي هئي پر ڪجهه ئي سالن ۾ سندس ڪيل فيصلو ڪيس قيد جي اونداهيءَ ۾ محسوس ٿيڻ لڳو هو.

چو تہ هو رات جو گھر مان نڪرڻ وقت دروازي کي وڏو تالو هڻي نڪرندو هو ۽ دير سان موٽي ان تالي کي کولي گھر ۾ اندر داخل ٿيندو هو. نجمہ جون اکيون هن جي انتظار ۾ سوچ جو دائرو ناهي هن جي چوگرد ڦرڻ لڳنديون هيون تہ ڪڏهن ٿي ڪلف ۾ چاٻي ڦري.. ڪڏهن ٿو دروازي کلڻ جو آواز ٿئي ۽ هُو گھر ۾ داخل ٿئي. نجمہ کي محسوس ٿيڻ لڳو هو تہ هوءَ هاڻي هيڏي گھر ۾ ڪنهن ديوَ وٽ جڻ قيد ڪاٽيندي هجي... ڪيترا دفعا هن احتجاج بہ ڪيو هو... هن کان پڇيو هئائين تہ هن گھر ۾ منهنجي حيثيت ڪهڙي آهي هو نجمہ جي چهري ۾ تيز نظر وجهي خاموش ٿي ويو هو ۽ پوءِ هڪ طنزيہ مرڪ چهري تي اڀري آئي هُئس ۽ چيو هئائين.

"هي گھر منهنجي رياست آهي... ۽ مان هن رياست جو بادشاهہ آهيان" ۽ مان....؟ نجمہ جي سڄي وجود تي ڄڻ ڪنوڻ ڪري پئي. تون هن رياست جي ٻانهي آهين.. مان ٻانهي آهيان...نجمہ هن جي چهري ۾ اکيون اٽڪائي، هن جي سامهون ٿي بيٺي هئي.

"ها تون ٻانهي آهين"

"۽ هي جيڪا زندگي منهنجي ڪَکِ ۾ آهي ؟؟!!"

هُن نجمہ جي لفظن تي ڇرڪ ڀريو. ڄڻ اوچتو بجليءَ جي ڪليل تار مٿان هٿ آيو هجيس... هو ڪجهہ دير خاموش ٿي ويو... لفظ ڄڻ اندر مان اڏامي ويا هجنس... هُو خاموش ٿي وڃي کٽ تي ليٽي پيو ، نجمہ کي ائين لڳو ڄڻ لاش پيو هجي.

"تون ڀهريان تہ ڪونہ ٻڌايو هو" هُن ليٽي ليٽي ئي نڙي مان زور ڏيئي لفظ ڪڍيا هُئا.

"تون گھر ۾ هجين تہ تون کي ٻڌايان" نجمہ جي لفظن ۾ شڪايت هئي.

"چو مان کو شهر ڇڏي ويو هُئس ڇا ؟؟ هن ڪاوڙ مان لفظ ڪڍيا ۽ کٽ تي ٽِپُ ڏيئي اٿي ويٺو. "شهر تہ نہ پر گھر ڇڏي ضرور ويو آهين"

"اڇا... تہ پوءِ تنهنجي ڪُک ۾ڪنهن جو ٻارُ آهي..؟؟؟ هُن ٻُل ڏنو تہ هڪ زوردار چماٽ ، پنهنجي ڳَلَ تي لڳندي محسوس ڪئي. ۽ پوءِ بہ چار مڪون پڻ پنهنجي وجود مٿان محسوس ڪيون هُئائين... نجمہ جو سڄو وجود درد ۾ وڪوڙجي ويو هو ۽ هُو سهڪندو سهڪندو وڃي وراندي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويٺو هو."

نجمہ کي اڄ هُو فرشتن جهڙيون تصويرون ناهيندڙ انسان نہ پر شيطان لڳو هو ۽ برش کي پڪڙيندڙ نازڪ هٿ، وزندار هٿوڙا لڳا هُئا. هُن جو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو . رنگن سان محبت ڪرڻ واري نجمہ کي هاڻي رنگن کان نفرت ٿيڻ لڳي هُئي، پڇتاءُ جو دائرو زندگيءَ کي سوڙهو ڪري رهيو هئس... ڄڻ هوءَ ٻوڙندي ٻوڙندي ڪليل آسمان هيٺان هڪ بند ڳليءَ ۾ ڦاسي پئي هجي... هن جي اندر جو درد اٿلي پيو هجي..اکين جي ڪُنڊن مان ڳوڙها ائين وهي رهيا هئس ڄڻ ڪنهن برش کي ڏوئي نپوڙيو هجي. ڪيس مڙس جو سڄو وجود گند سان ڀريل لڳو هو ۽ پاڻ بہ ان گند جو حصو بڻجي وئي هجي.

نجمہ کٽ تي ستل آهي.. ڀرسان ڪاٻي پاسي ننڍڙي ڌيءَ رابعہ ستل هئي. جنهن جون پتڪڙيون اکيون ننڊ جي آغوش ۾ هيون پر نجمہ جون اکيون ڪليل هيون هوءَ ڪيترن ئي ڏينهن کان مڙس

جي مارَ کائيندي رهي هُئي پر راتوڪي مارَ تي سڄي جسم ۾ درد ۽ پيڙا محسوس ڪري رهي هئي. هن پنهنجي ذليل زندگيءَ کي دل ئي دل ۾ گاريون پئي ڏنيون. هن کي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي. جنهن نفرت هن جي سموري وجود ۾ بيچيني ۽ ڪروڌ پري ڇڏيو هو. هن هڪ نظر ڌيءَ کي ڏٺو هو جيڪا ڀرسان ستل هُئي، هُن جي دل ۾ گهٽن ڏينهن کان آيل خيال ٻيهر ڪَرُ کنيو هو هوءَ کٽ تي اٿي ويٺي هُئي ۽ ڪيس ٻيهر تيز نظرن سان ڏٺو هو. اکين مان ڳوڙها ڪري پيا هُئس. هُن ڌيءَ کي گهٽي ڏيڻ لاءِ ٻئي هَٿَ وڌايا هُئا. ننڍڙيءَ جون ٻئي اکيون بلب وانگر اچانڪ ٻري پيون هيون. ۽ چهري تي چمڪندڙ مرڪ تري آئي هُئي. هُن پاڻ کي سنڀالي ننڍڙيءَ رابعہ کي ڇاتيءَ لاتو هو ۽ پوءِ ڪيس کٽ تي سمهاري، ٻاهر وڃڻ لاءِ کٽ تان اٿي هئي تہ ڀنيان ننڍڙي ڌيءَ روئڻ ۾ ٻُڏجي وئي هئي. هن جا قدم رڪجي ويا هُئا. هُن ڌيءَ کي کڻي ڇاتيءَ سان لاتو هو پر پوءِ بہ هُن روئڻ بند نہ ڪيو هو. هُن ڪمري ۾ وڃي ڌيءَ کي پينگهي ۾ ليٽايو هوتہ رابعہ روئڻ بند ڪيو هو ۽ نجمہ جي آڱر پڪڙي ڪيڏڻ لڳي هُئي. ممتا جو روح ممتا جي پيار سان پالوٽجي پيو هو... هُن پنهنجي پوتي پنهنجي ڌيءَ جي پتڪرڻ هٿن مان زوري ڇڏائيندي هڪ نظر گھر کي ڏٺو هو ۽ پوءِ.. تکڙن قدمن سان ٻاهر نڪري وئي هُئي.

نجمہ جي گھر مان نڪري وڃڻ جي خبر هوريان هوريان سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي هُئي هر ڪنهن جي وات تي ساڳي ئي ڳالهہ هُئي. ڪنهن سان دل لڳي وئي هوندس.. گھر ڇڏي هلي وئي.. ڄڻ اها ڳالهہ سڄي شهر جي ماڻهن جي زبان تي پڪي رنگ سان هُن پينٽ ڪري ڇڏي هُئي پر دين محمد کي ان ڳالهہ تي يقين ئي ڪونہ ٿي آيو... تہ نجمہ هن سان اهڙي ڪا بيوفائي ڪري ڪنهن ٻئي جي بستر ۾ وڃي سمهندي پر پوءِ بہ هن جو گھر ڇڏي وڃڻ هن لاءِ نانگ جي ڏنگ مثل هو. هن اوسو پاسو سنگت ياري ڏاڍي جانچي هُئي پر ڪٿان بہ نجمہ جي پيرن جا نشان ئي نہ مليا. پوءِ درياءَ مان هڪ لاش ملڻ جي خبر ملي هُئس. جنهن جي سڃاڻپ نجمہ نالي سان ٿي هئي. جنهن جو اڌ جسم دريا ءَ جا جانور ۽ ٻيون مڇيون کائي ويون هُيون. بس چهرو ئي ثابت بچيو هو. نجمہ جي جي اچانڪ درياءَ مان مليل لاش سڄي شهر ۽ اوڙي پاڙي ۾ حراس پکيڙي ڇڏيو هو عورتن ۽ ٻارن جا تہ ساهہ مٺ ۾ اچي ويا هُئا. هر طرف ڄڻ ڏک جي لهر هُئي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جا سوال هن جي وجود کي ٻوڙڻ سان ئي دفن ٿي چڪا هُئا ۽ ڪيترائي نوان سوال وري دين محمد جي اڳيان اچي نچڻ لڳا هُئا، پر هو خاموش هو انهن سوالن کي ٻڌندو رهيو هو ۽ اندران ٻڙڪ بہ ڪونہ ڪڇيو هو. ڄڻ ننڍپڻ کان گونگو هجي. پوليس بہ ٻہ چار دفعا هِن وٽ آئي هُئي پر پوءِ اها بہ ماڻهن وانگر خاموش ٿي وئي هُئي... سال گذري ويا، موسمون آيون ۽ بدلبيون رهيون پر دين محمد جي زندگي ساڳي رهي هُئي. هو اڄ بہ رات جو گھر مان نڪرڻ وقت ٻاهرين دروازي کي ٿلهو تالو هڻندو آهي... ۽ دير سان موٽي اچي تالو کولي گھر ۾ داخل ٿيندو آهي... پر هاڻي دين محمد جو گھر ۾ انتظار نوجوان ڌيءَ رابعہ ڪندي آهي.. هن جي اکين ۾ خوبصورت خوابن سان گڏ هُن جي انتظار ڪرڻ جا اوجاڳا پڻ هُئا. دين محمد جي دل جي بيمار ي بہ رابعہ کي ڏاڍو

خائف ڪندي رهندي هُئي... دوا جو وزن هيٺ مٿي ٿيڻ تي اڪثر ڪاوڙ ڪندي هُئس... دين محمد جي دل جي تڪليف ڪان پوءِ ڊاڪٽرن ڪيس ڪپڙي تي لڪائي ڪرڻ ڪان به روڪيو هو. هن جي نالي سنگت آرٽ جي نالي سان شهر جي بازار ۾ هڪ ننڍڙو دڪان هو. جنهن تي هو روزانو ويندو هو، جتي گهڻو ڪم شاگرد ئي ڪندا هُئس هو ڪمن ڪي هاڻي رڳو آخري نظر مان ڪڍندو هو... هو ٻاهرين دروازي جو تالو کولي گهر ۾ داخل ٿيو هو.. ۽ ورانڊي ۾ اچي ويٺو هو... رابعه ڪمري مان نڪري فرج مان پاڻيءَ جي بوتل ڪنئي هئي... دين محمد ڌيءَ کي ڏسندي ڇرڪ ڀريو هو... فرج جي روشنيءَ تي ڌي جي جسم جي بناوٽ ڏسي.. هن کي اڄ نه سنگيتا نظر آئي هُئي نه مسرت شاهين ..! جيئن هُن کي هر راهه ويندڙ عورت مان نظر اينديون آهن... پر هن کي اڄ ائين لڳو هو ڄڻ نجمه قبر ڦاڙي هن جي سامهون اچي بيٺي هُئي... رابعه بوتل کڻي ڪمري ۾ هلي وئي هُئي.. هُو سوچڻ لڳي ٿو.. ڪيئن نه سال گذري ويا هُئا، ڪا خبر ئي ڪانه پئي هُئي، جواني واءُ جي جهوٽي جيان ڄڻ ڇٽي اڏامي وئي هئي ڇا ته اهي ڏينهن هُئا سئنيما جو عروج هو، جيڪو زوال ۾ تبديل ٿي ويو هو. ڪپڙي جي ڪينواس جي جاءِ پينا فليڪس اچي والار هئي... برش ۽ ڪلر اسڪيم هاڻ ڊجيٽل ٿي وئي هُئي. هُو اکيون بند ڪري ڇڏي ٿو رات پنهنجي اونداهه ۾ سڄي ماحول کي وڪوڙي ڇڏيو هو آسمان تي ڪارن بادلن جو حملو هو. وقفي وقفي سان کنوڻ جي روشني اونداهه جو سينو چيري پئي. رابعه ماءُ جي تصوير اڳيان بيٺل هُئي.. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هُئا. هن جي ذهن ۾ لفظن جا گهوڙا ڊوڙي رهيا هئا. هُن کي صبح کم واري ماسي اميران جي ڳالهه گهوڙي جي سنبن جي درد جيان محسوس ٿي رهي هئي. هن کي دين محمد وڏو ظالم شخص لڳو ڪوڙو ۽ مڪار ٿي لڳو. جنهن ٻڌايو هئس "تنهنجي ماءُ توکي جنم ڏيڻ سان گڏ مري وئي هئي" پر اميران ٻڌائي وئي هُئس ته "تنهنجي ماءُ تنهنجي پيءُ جي ظلمن کان تنگ اچي درياءَ ۾ ٽپو ڏنو هو".

اها ڳالهه ٻڌندي ئي هن جي وجود ۾ ڄڻ اوچتو ڪو خودڪش ڌماڪو ٿيو هو...هوءَ ڄڻ ڪيترن ذرن ۾ ورهائجي وئي هجي... هن کي پنهنجي ئي وجود کان نفرت ٿيڻ لڳي هُئي... هوءَ هن کي پنهنجي ماءُ جو قاتل سمجهڻ لڳندي هُئي... هن جو وجود درد ۾ پرجي ويو هو. هن رڙيون ڪري روئڻ چاهيو هو پر اندر جي ڪربلا تي هوءَ اندر ئي اندر ماتم ڪرڻ لڳي هُئي... هوءَ سوچڻ لڳي هُئي..امان هيءَ قيد جهڙي زندگي ڪيئن ڪاٽي هوندي..هن جو ڪيڏي نه عذاب مان هڪ هڪ ڏينهن گذريو هوندو... هوءَ خاموش ٿي وئي هُئي ۽ تصوير کي ديوار تان لاهي هٿن ۾ جهليو هو ۽ هڪ نظر ماءُ جي چهري تي وڌي هئي ۽ پنهنجن ڏڪندڙ چپن سان ماءُ جي تصوير کي چمي ڏني هُئي ۽ ڇاتي سان تصوير کي لڳائي روئڻ ۾ ٻُڏجي وئي هُئي ... هوءَ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايترو رُني هُئي.. پهريون ڀيرو هوءَ پنهنجي ڪلاس ميٽ سهيليءَ جي ماءُ جي مرڻ تي هن کي ڀاڪر ۾ ڪري رُني هُئي... هن ماءُ جي تصوير کڻي پنهنجي سيرانديءَ کان رکي ڇڏي هُئي ۽ پنهنجي ٻانهن ورائي اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون.. هن کي لڳو هو ڄڻ ڪائنات جو سڄو درد هن جي وجود ۾ سمائجي ويو هو. ڄڻ سڄو ڪمرو درد جي دونهين ۾ پرجي ويو هجي.. جنهن جو درد سندس اکين ۾ چڀڻ لڳو هو... ٻاهر برسات جي زوردار آواز سان گڏ دين محمد جو آواز به ڪنن سان ٽڪرايو هئس. هن هوريان هوريان اکيون کوليون هيون ۽ دين محمد جي آواز کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو هو، هو ڪمري جي دروازي تي اچي بيٺو هو ۽ ڪمري ۾ سٽل ڌيءَ کي هڪ نظر ڏٺو هو. هن ڇرڪ ڀريو هو... سامهون سُتل ڌيءَ.. هن کي بڪايل شينهن جيان ڏٺو.. جيڪا ماءُ جي تصوير کي ڀاڪر پائي سٽل هُئي.. هو بنا ڪجهه چوڻ جي دروازي تان ئي پوئتي هليو ويو هو. دين محمد ڌيءَ جي اهڙي رويي تي سڄو ڏينهن پريشان رهيو هو.. رات به پاسا بدلائيندي گذاري ڇڏي هُئائين.. هن کي رکي رکي پنهنجي رات واري خاموشيءَ تي جڪ پئي آيا. صبح به خاموش ئي رهيو هو پر رکي رکي ٽيڏي اک سان ڌيءَ کي پئي ڏٺائين.. هن ڌيءَ جي اکين ۾ هڪ عجيب نفرت ڏٺي..

هن ڪيترائي دفعا سوچيو هو ته ڌيءَ کان پڇي پر هو اڻ ڄاتل ڊپ کان خاموش رهيو هو ۽ خاموشيءَ سان گهر مان نڪري آيو هو. دين محمد کي اڄ دڪان تي دل جو دورو پيو هو، پوءِ اسپتال ويندي رستي ۾ روح پرواز ٿي ويو هئس، گهر ۾ عورتن ۽ ٻارن جو هجوم هوريان وڌي رهيو هو، رکي رکي ڪنهن عورت ئي سنها پارَ ٿي ڪديا. جيڪا دين محمد جي ڀيڻ هُئي. سياري جي موسم هُئي وقت ڄڻ ڪنهن تيز گهوڙي جيان ڊوڙندو ٿي ويو ۽ پوءِ ڪجهه دير ڪانپوءِ به ماڻهو گهر ۾ داخل ٿيا هئا ۽ ميت کي قبرستان کڻي وڃڻ جي اجازت گهري رهيا هئا. رابعه ڪٽ جي اڳئين پائي وٽ ويٺل هُئي... ماڻهن جي آواز ڪنن سان ٽڪرائڻ تي هڪ نظر هن ڪفن ۾ ويڙهيل پيءُ جي چهري تي وڌي.. سندس ئي پيءُ جا لفظ ذهن سان ٽڪرايا هُئس..

"رابعه تنهنجا اکر ته هوبهو مون جهڙا آهن مجال آهي ڪنهن کي جو ترَ جيترو فرق به ڪڍي سگهن"

رابعه هجوم مان اٿي هُئي انهن ٻنهي مائٽن سان ڳالهايو هو جيڪي پيءُ جا سئوٽ هئس... مون بابا جي وصيت ٿيل ڪاغذ آهي، جنهن ۾ هن واضح لکيو آهي ته:

"منهنجي ميت کي پوريو نه وڃي بلڪ مون کي سنڌو دريا حوالي ڪيو وڃي"

رابعه خاموش ٿي وئي هُئي.. رابعه جي واتان وصيت ٻڌي سڀ عورتون ڄڻ پٿر جون مورتيون بڻجي ويون هيون، آيل ماڻهو ڪجهه لمحن لاءِ خاموش ٿي ويا هئا ۽ هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا هُئا... پوءِ وڏي ڏاڙهيءَ واري آهستي پرسان واري جي ڪَنَ ۾ ڀڻڪو ڪيو.

"ادا رجب توکي چوندو نه هئس ته اهو سئوٽ دين محمد ڪميونسٽ آهي، الله جو انڪاري آهي، ڪافر آهي! هاڻي خبر پئي نه...! ٻئي ماڻهو ڪنڌ لوڏي هن جي لفظن جي ڄڻ تصديق ڪئي هُئي ۽ چپن ۾ ڀڻڪيو هو.

"واقعي هُو دهريو هو"

ٻئي ڄڻا وصيت کڻي ٻاهر هليا وڃن ٿا ۽ رابعه جي اکين ۾ عجيب چمڪ جنم وٺي ٿي.



کهاڻي

# امتحان

عبدالغني شر

جڏهن مسافر محبتون دل جي ديس ۾ پرديسي پکين جيان ولر ڪري اڏامي اچي من اندر ۾ لٿيون هيون تہ من خوشي وچان جهومڻ لڳو هو، اکين جا سارا ٽک لهي پيا ۽ اهي محبتون ڪجهہ دير آرامي ٿي ٽڪ لاهي آرس پڃي ڪر موڙي مهمان پکين جيان اچانڪ اڏامي الائي تہ ڪيڏانهن هليون ويون. انهن مهمان پکين جهڙين محبتن جي وڃڻ ڪانپوءِ ئي اندر ۾ احساس جاڳيو تہ وقت تي انهن محبتن جو قدر نہ ڪري سگهيس..! اندر ۾ بار بار اهو احساس اٿندو اٿم تہ وقت تي انهن مهمان پکين جهڙين محبتن جو قدر ڪريان ها تہ اڄ اڪيلائي جي رڻ ۾ نہ رُلان ها...!!

مڃان ٿو تہ هاڻي بس...! اڪيلائي ئي رهجي وئي آهي ۽ پرين سندي پار جون يادون ئي باقي رهجي ويون آهن، جن مهمان محبتن مون کي پنهنجو سڀ ڪجهہ ارپي ڇڏيو تن محبتن جو مون پوءِ بہ قدر نہ ڪيو ۽ ائين ئي اهي محبتون منهنجي هٿن مان هليون ويون، جن محبتن لاءِ مون روئي روئي اکيون سڄايون هيون تن محبتن کي مون طعنن جي تيرن سان اڇٽ ماري ڇڏيو. جڏهن اها محبت ملي هئي تڏهن دل جي ديس ۾ هڪ وسيع پناهہ گاهہ جوڙي هئم. جنهن پناهہ گاهہ ۾ پيار جي نرسري لڳائي سازشي سوچ ساڙ، ڪيني، حسد ۽ انا کي پاڻ کان پري رکيم پر وقت سان گڏ وقت جي سازشي ڏور ۾ ڦاسي پيس، اندر ۾ عجيب وهم جنم وٺڻ لڳا، اهي واعدا جيڪي مون پنهنجي پاڻ سان ڪيا اهي ئي نڀائي نہ سگهيس، وقت سان گڏ هن جي اڳيان منهنجي ديوانگي جون دعوائون ڪوڙيون نڪري پيون، سوچن کي زنگ لڳي ويو، منهنجي روايتي ۽ سطحي سوچن مون کان منهنجو پيار کسي ورتو. مون پنهنجو پاڻ سان وڏي ويساهہ گهاتي ڪئي انهيءَ ۾ ڪنهن جو بہ ڏوهہ ڪونهي. بدلجندڙ مند جهڙا منهنجا رنگ روپ ڏسي منهنجون محبتون مون کان هميشہ لاءِ رسي هليون ويون، جن محبتن مون بي قدري وٽ بي موت مرڻ نٿي چاهيو ۽ هاڻي انهن مسافر محبتن جي وڃڻ ڪانپوءِ دل جو نگر درد نگر بڻجي ويو آهي. دل کي ڏاڍا دلاسا ڏيئي سمجهائيون ڏيندو آهيان پر اهي دلاسا ۽ آٿتون سڀ عارضي علاج آهن. اهي اکيون وري بہ اهي رستا نهاري رهيون آهن.

چوندا آهن تہ وقت ڪنهن جو بہ انتظار نہ ڪندو آهي. وقت جيڪو پنهنجي حساب سان گذرندو رهي ٿو. ها...! اهي شام ويلا جا سرها رنگ هئا جڏهن هن کي اندلني رنگن جهڙي رات جي پر هجوم ماحول ۾ ڏٺو هئم تہ صفا هن جي سونهن هٿان سراپجي ويس. هوءَ رات جي سانت جي چند لمحن ۾ منهنجو سڀ ڪجهہ لٽي وئي. اکين مان ننڊ اڏائي وئي. روئندي راتين جو وهاڻا پسايم، جاڳ ۾ هن جا خواب ڏسڻ لڳس. اکيون وري وري هن کي ڏسڻ لاءِ تڙپڻ لڳيون. هن جي سادگيءَ ۾ سونهن سمنڊ جيان ڇوليون هڻي رهي هئي. ڏاڍو من اندر کي سمجهايم چو ڀلا..؟ ڪنهن اڻ ڄاڻ اکين جو ديوانو بڻجي ويو آهين..؟ جيڪا توکي مور نہ ملڻي آهي..؟

هن کي
ڏسندي ايئن لڳو تہ مان صدين کان هن جو
ڳولائو هئس. مان جنم جنم کان هن کي چاهيو آهي. انهيءَ اڻ ڄاتل چهري کي وسارڻ جي ڪوشش ڏاڍي ڪيم. ڪتابن ۾ منهن هنيم، ايئن رف پنا جن تي اجايا ليڪا ڪڍي ڦاڙي ڊسٽ بن ۾ اڇلي ڇڏيم، سگريٽن کي ساڙيم پر اهو چهرو دل جي چهري تان هڪ پل نہ لهي سگهيو. جڏهن سڀ حيلا هلائي ٿڪجي پيس تڏهن اهو ئي سوچيم تہ هاڻي انهيءَ چهري جي تلاش ضرور ڪبي..!.

ڪير هئي..؟ ڪٿان جي هئي...؟ مون کي تہ ڪابہ ڪل نہ هئي..؟ هن جي ڳولا پنڌيان راهن ۾ ڀٽڪڻ لڳس. سوچڻ لڳس جن دوستن تي ڪالهہ ڪلندو هئس تہ محبت صرف وقت کي وڃائڻ جي برابر آهي پر حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيڻو آهي پر اڄ مان پاڻ انهن راهن تي هڪ مسافر جيان ڀٽڪي رهيو هئس. رلندي رلندي راتيون وهامي ويون. چانڊوڪين ۽ اونداهيءَ ۾ هن کي ڳوليندو رهيس. نيٺ هڪ ڏينهن شام ويلا جي رنگن ۾ المنظر اڳيان سنڌو درياءَ جي ڪنڌيءَ تي هن کي ڏٺو هئم تہ اکين جا سارا ٽڪ لهي ويا. هوءَ اڄ بہ سونهن سندرتا جي مورت نظر اچي رهي هئي، هن جي سادگي سونهن ۾ رنگ ڀري رهي هئي، هوءَ جڏهن اڪيلي سنڌوءَ جو سير ڪرڻ اڪيلي ٻيڙي ۾ چڙهي ويني تہ مان بہ مناسب موقعو سمجهي انهيءَ ٻيڙي ۾ چڙهي هن جي پرسان نظرون نظرن ۾ ملائي وينس.

اکڙين جون اکڙين سان ڳالهيون ٿيڻ لڳيون، هن جون بادامي اکيون، چمڪندڙ چهرو ۽ موتين جهڙا ڏند جيڪي منهنجي من کي موهي رهيا هئا، چوٽي جي وراڪن ۾ ويڙهيل وار ۽ منهنجي من کي محسوس ٿيندڙ سنڌو جهڙي هن جي سينڌ منهنجي من کي هن جو ديوانو بڻائي ڇڏيو هو. هوا جي جهوٽن تي ٻيڙي هلي رهي هئي. مان هن کان پڇڻ لڳس، تون ڪير آهين..؟ ڇا آهين..؟ پر جڏهن کان توکي ڏٺم تڏهن کان تنهنجو ديوانو بڻجي ويو آهيان. اڄ توکي ڏسي مون کي ائين لڳي رهيو آهي تہ مان خوشين سندو ڪو خزانو هٿ ڪري ورتو آهي..!.

هوءَ مون کي ڏسي مسڪرائڻ لڳي، مان هن کي مسڪرائيندو ڏسي ٿورو منجهي پيس. پاڻ ڳالهائيندي چوڻ لڳي "او اجنبي...!، مان تہ ڪونج آهيان، اها ڪونج جيڪا پنهنجن جي ولر کان وڇڙي اداسين جي رنگن ۾ ڀٽڪندي محفوظ پناهہ گاهہ ڳوليندي آهي، مان اها ڪونج آهيان جنهن جي دامن ۾ ڪابہ خوشي راس اچان تائين نہ اچي سگهي آهي، تون ڪير آهين". چوڻ لڳس "مان وفا آهيان!" چيائين، "نانءُ تہ ڏاڍو سٺو اٿئي...! ڀلا پنهنجي نانءُ جو ڀرم رکي سگهندين...؟" چيم مون پيار جي حساب ۾ هميشہ جوڙ ڪئي آهي ڪڏهن ڪٽ ڪرڻ سکي نہ آهي ۽ ڪونج تون مون کي نڌي عام ڀيج اپت جهڙا

حساب نہ ڏيندي ڪر...! مون کي انهيءَ حساب واري پيرڊ ۾ هميشہ مار ملندي هئي.“ منهنجي اهڙي جواب تي هوءَ کل ۾ ونجي وئي ۽ چوڻ لڳي ”او...! وفا مون کي ورهين کانپوءِ تنهنجي پهرين ملاقات ۾ مسڪراهٽ نصيب ٿي آهي، تون سٺو انسان ٿو لڳين.“ چيم، ”مان تہ ڪجهہ بہ نہ آهيان، بس ايتري خبر اٿم تہ مان تنهنجو ديوانو آهيان.“ چوڻ لڳي، ”او...! وفا...! جنهن سان بہ پيار ڪرين تہ انهيءَ سان وفا ضرور ڪجان انهيءَ کي راهن ۾ نہ رولجان ۽ اگر وفا نہ ڪري سگهين تہ ڪڏهن پنهنجي چاهتن جو اظهار نہ ڪجان. جيڪڏهن چاهتن جو اظهار ڪرين تہ وفا ڪري پنهنجي نانءُ جو پرم رکجانءِ. چاڪاڻ تہ اڪثر اهي ئي بيوفا ٿيندا آهن جيڪي وفا جون وڏيون دعوائون ڪندا آهن.“

مان هن جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هئس. ڪونج جيتري سادي ۽ سندر هئي اوتري ذهين بہ هئي. مون کي هن جون ڳالهيون وڻڻ لڳيون. مون کي تہ هن جي هر ادا وڻي رهي هئي چو تہ مان هن کي دل جي اٿاهہ گهرائين سان چاهڻ لڳو هئس. بس دل چوندي رهي تہ هوءَ ڳالهائيندي رهي مان هن کي ٻڌندو رهان جيئن شام جا پاڇا ڊگها ٿيڻ لڳا هئا تيئن ئي ڏکڻ جي هير ۽ سنڌو جي مست ڇولين ۾ اسان ٻئي سير ڪري رهيا هئاسين گهمندي ڦرندي ڳالهيون ڪندي ٻيڙي سنڌوءَ جي ڪناري تي پهچي وئي پر اسان جون ڳالهيون هلنديون رهيون. جڏهن رات ڌرتيءَ جي وايو منڊل تي پنهنجا پر پکيڙڻ شروع ڪيا تڏهن هوءَ وري ملڻ جو چئي موڪلائي هلي وئي. انهيءَ ڏينهن ڏاڍو خوش هئس منهنجون بہ ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪونج کي وڻڻ لڳيون هيون، جيڪي مون طرف هن کي مائل ڪري رهيون هيون. جهڙي ريت مون ڪونج کي چاهيو هو هوءَ بہ مون کي چاهڻ لڳي هئي، مون کي اڪثر چوندي رهندي هئي، ”مون محسوس ڪيو آهي تہ وفا...! تو مون کي چاهيو تہ مان بہ شروع شروع ۾ تنهنجي چاهتن جو قدر ڪري واسطو وڌايو پر هاڻي مان پاڻ مجبور ٿي وئي آهيان بس منهنجي چاهتن جو قدر ڪجانءِ. مون وٽ ڌن دولت، گاڏيون بنگلا سڀ ڪجهہ آهي پر مان پيار جي پوڄارڻ آهيان. مان تو کان ڪجهہ بہ ڪانہ ٿي گهران پر مون کي صرف ۽ صرف پيار ٿو گهرجي. مان سراپا سور آهيان، درد آهيان، منهنجي پيار جو قدر ڪجان ۽ منهنجي محبت تي ڪڏهن بہ شڪ نہ ڪجانءِ.“ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماضي ياد ڪري سندس اکيون آليون ٿي وينديون هيون. هن جا لڙڪ اگهندو هئس تہ ڏاڍي خوش ٿي چوندي هئي، ”ڪو تہ آهي هن دنيا ۾ جيڪو مون منهنجي پرواهہ ڪري ٿو“ ۽ آئون بہ ڪيس مزاحيہ ٽوٽڪا ٻڌائي کلائيندو هئس.

ڪونج منهنجون ڪل جهڙيون ڳالهيون ٻڌي ٽهڪن ۾ ويڙهجي ويندي هئي، ڏاڍي خوش ٿيندي هئي.

ڪونج تہ هاڻي هر پل مون سان گڏ هوندي هئي. مون سان اگر ملي نہ سگهندي هئي تہ هن جو هر پل مون



سان موبائل جي ايس ايم ايس ذريعي رابطو رهندو هو. جڏهن ملندي هئي تہ جدا گذاريل گهڙين جي لمحي لمحي جو احوال ڏيندي ۽ ونندي هئي ۽ چوندي هئي تہ مون کي سنڀالي رکجانءِ جيڪڏهن وڃائي ڇڏيئي تہ وري نہ ملي سگهندي سانءِ اگر تو مون کي وڃايو تہ مان ٻئي ڪنهن جي ڪونہ ٿينديس.

مان بہ ڪونج جو اهڙي پيار ڀرئي انداز پنيان صفا موهت ٿي پيس پر وقت گذرڻ سان گڏ مان هن تي حڪم هلائڻ لڳس، دڙڪا ڏيڻ لڳس، گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳس. هوءَ مون کي پوءِ بہ برداشت ڪندي هئي ۽ سندس پيار ۾ ڪا ڪوٽ نہ آئي. هاڻي تہ مان هن کي الائي ڇا ڇئي ويندو هئس پر هوءَ خاموش رهندي هئي.

ڪونج مون کي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هو. ڪابہ ڳالهہ نہ لڪائي هئائين پر مون اڃان بہ ڪجهہ ڳالهيون هن کان لڪايون هيون. اسان انهن ساڀين واعدن جو ورجاءُ جاري رکيو.

هڪ ڏينهن اچانڪ منهنجي موبائل تي نوان نوان مئسيج اچڻ لڳا، مان بہ هوريان هوريان انهن ايس ايم ايس جا جواب ڏيڻ شروع ڪيا. چند ئي ڏينهن ۾ ڳالهہ مئسيجن کان وڌي ڪال تائين هلي وئي، منهنجي ٻئي نمبر بابت هوءَ مون کان پڇندي هئي تہ مان هن سان مختلف بهانا بنائڻ لڳس.

منهنجو بہ هرڪٺو من پنهنجي محبت وساري ويٺو، هميشہ جيان ڏاڍا ڪوڙ هڻي خود کي بچائي وٺندو هئس ۽ هوءَ منهنجون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي خاموش ٿي ويندي هئي.

منهنجا هوش حواس انهيءَ ڏينهن اڏامي ويا جڏهن ڪونج پنهنجي پرس مان موبائل ڪڍي اهي ايس ايم ايس پڙهائڻ شروع ڪيا جيڪي مون نئين نمبر تي موڪليا هئا ۽ اهي رڪارڊ ٿيل ڪالز ٻڌرايون جيڪي مون ان نمبر تي ڪيون هيون. مان اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي ۽ ڏسي نہ سگهيس، صفا وائڙو ٿي ويس. سوچڻ لڳس زمين جڳهہ ڏئي تہ زنده اندر هليو وڃان، ڪونج صفا هارجي وئي. اکين مان لڙڪ مينهن وانگر وسڻ لڳس، ڳيت ڏيئي ٽٽل لفظن سان ڳالهائيندي چوڻ لڳي ”وفا هي منهنجي ننڍي پيڻ ڪائنات جو نمبر اٿئي، جنهن مون سان شرط رکيو هو تہ ادي تو وفا سان سچي محبت ڪئي آهي ۽ هن بہ توسان سچي محبت ڪئي آهي، مان هن جو امتحان وٺنديس پر تون پيار جي ننڍڙي امتحان ۾ فيل ٿي وئين...! ڪاش تون ائين مون کي آزمائين ها...! مون کي منهنجي ڀيڻ پهرين ئي چيو هو تہ ادي تون تہ هرو ڀرو ڪنهن اٽڃاڻ جي پنيان پاڳل ٿجي وئي آهين پر مون کي تہ توتي وڏو ناز هو پر تو منهنجو ناز ٽوڙي ڇڏيو، ائين چئي هوءَ هوريان هوريان وکون کڻندي لڙڪ هاريندي الائي تہ ڪيڏاهن هلي وئي. مان هن کي روڪڻ جي بہ همت ساري نہ سگهيس. هن هڪ نظر بہ پوئتي نہ نهاريو. هوءَ ويندي رهي مان هن کي ڏسندو ئي رهجي ويس.

ڪهاڻي

# انڪوائري

**منصور ٻرڙو**

ڊائريڪٽر جمال پنهنجي هيڊ آفيس پهچي سيٽ تي ويٺو ئي مس تہ پٽيوالي اچي چيس "سر ضلعي آفيس جو ڪلارڪ طارق آيو آهي، اوهان سان ملڻ ٿو چاهي."

ٿوري دير سوچي جمال وراڻيو: "ساڳئي آفيس مان مسٽر وقار بہ اچڻو آهي، ان ڪان حال احوال وٺي پوءِ طارق کي گهرائيندس. تون وقار لاءِ چانهہ ۽ بسڪيٽ آڻڻ ۾ دير نہ ڪجانءِ."

ڪجهہ ڏينهن پهرين جڏهن جمال کي سندس ڊائريڪٽر جنرل هڪڙو خط ڏيئي انڪوائري ڪرڻ لاءِ چيو هو تہ جمال پهرين سوچيو تہ جيڪر ڪو بهانو ڪري انڪار ڪري ڇڏيان پر جڏهن خط غور سان پڙهيائين تہ حيران ٿي ويو، ڇو تہ اهو ضلعي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ آفيسر وقار جو هو. پنهنجي شڪايتي خط ۾ وقار لکيو تہ طارق نالي ڪلارڪ سندس سيني ملازمن جي سامهون بيعزتي ڪئي آهي. اهو پڙهي جمال کي ڪلارڪ تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ان ڪري جو کيس معلوم هو تہ وقار شاعري بہ ڪندو آهي، تنهنڪري هڪڙي شاعر جي دل رنجائڻ واري خلاف انڪوائري ڪرڻ جو موقعو نہ وڃائڻ گهرجي جو سوچي هو انڪوائري آفيسر ٿيڻ لاءِ راضي ٿي ويو هو.

ٿوري دير ڪانپوءِ وقار پهچي ويو تہ جمال سندس گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي ۽ انڪوائري شروع ڪرڻ ڪان پهرين ادبي احوال ڪندي چيو: "اوهان جو جيڪو ٻيو شعري مجموعو تازو مارڪيٽ ۾ آيو آهي اهو مون کي ڏاڍو پسند آيو، جيڪو نثري نظمن تي مشتمل آهي. اوهان دنيا جي موجوده حالتن تي ڏاڍو دکي ٿا نظر اچو."

وقار پاڻ ڪان وڏي آفيسر جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌي ٽڙي پيو ۽ تڪڙو سگريٽ دکائي اداسيءَ مان دونهون ڪمري ۾ پکيڙي ڇڏيو ۽ وراڻيائين: "ڏسو نہ سائين دنيا ۾ ڪيڏو نہ ڪلور ٿي پيو، ڪٿي دهشتگردي آ تہ ڪٿي بک ۽ بيروزگاري! اهو سڀ ڪجهہ ڏسي اندر تڙپي پوي ٿو تہ اهڙي شاعري سرجي پوي ٿي. مون کي اوهان بہ شاعر لڳو ٿا."

"نہ، مان شاعر نہ آهيان پر شاعري جا ڪتاب پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. مطالعي ڪانپوءِ مون ۾ انسانيت جو قدر ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو آهي." جمال پنهنجي باري ۾ وضاحت پيش ڪئي تہ ايتري ۾ هڪڙو آفيس جو پٽيوالو اندر آيو ۽ جمال اٿي بيهہ ساڻس هٿ ملايو ۽ کيس ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪري وقار کي ٻڌايو: "مسٽر وقار هي آهي اسان جي آفيس جو پٽيوالو نظير حسين جنهن جي خوبي اها آهي تہ سندس آواز ڏاڍو سريلو آهي. ريڊيو جي سيڪڙاٽ فنڪارن جي پروگرام ۾ پڻ ڪيترائي ڀيرا ڳائي چڪو آهي."

اهو ٻڌي وقار کي ڪابہ خوشي نہ ٿي. وقار جو بدليل چهرو ڏسي نظير حسين تڪڙو موڪلائي هليو ويو تہ وقار وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"جمال صاحب توهان بہ ڪمال ٿا ڪريو، پٽيوالي کي ڪرسيءَ تي ويهاريو آهي ڇا."

جمال کي وقار ڪان اهڙو جملو ٻڌڻ جي بلڪل اميد نہ هئي تنهنڪري کيس ٿورو جهٽڪو لڳو ۽ چيائين: "مسٽر وقار اوهان ڪهڙي ڳالهہ پيا ڪريو هو هڪ سٺو فنڪار بہ آهي."

"پر آهي تہ پٽيوالو."

هن کي جيڪڏهن ڪرسيءَ تي ويهاريو تہ ڪهڙي غلط ڳالهہ ٿي.

"خير اها تہ اوهان جي مرضي آهي پر آفيس جي اصولن جي خلاف آهي."

وري جمال جو پٽيوالو تڪڙو اندر آيو ۽ جمال کي چيائين: "سائين پٽ جا سرٽيفڪيٽ تہ اٽيسٽ ڪري ڏيو، نوڪريءَ لاءِ درخواست ڏيڻي آهي."

وقار جي ڪاوڙ ويتر وڌي وئي، پهرين هن سوچيو تہ جمال صاحب پاڻ ئي کيس روانو ڪندو پر جڏهن جمال سرٽيفڪيٽ وٺي اٽيسٽ ڪرڻ لڳو تہ وقار پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ پٽيوالي کي چيائين: "ڏسين پيو نہ انڪوائري پئي هلي ۽ تون اندر هليو آئين، ڪنهن ٻئي آفيسر ڪان ڪاغذ اٽيسٽ ڪرائين ها."

جمال وچ ۾ ڳالهايو: "مسٽر وقار هي منهنجو پٽيوالو آهي تہ ڪم لاءِ بہ مون وٽ ئي ايندو."

پٽيوالي کي روانو ڪري، جمال جلديءَ ۾ وقار کي چيو: "چڱو پاڻ انڪوائري طرف اچون پيا، توهان پهرين پاڻ ئي تفصيل ٻڌايو."

"دراصل ان ڏينهن ڇا ٿيو جو منهنجا ڪجهہ مهمان اچي ويا، اوهان کي خبر آهي تہ سترهين گريڊ جي آفيسر لاءِ ڪو الڳ ڪمرو ناهي. ڪلارڪن سان گڏ ويهڻو پوي ٿو. اتفاق سان پٽيوالو موجود نہ هو تہ مون طارق کي هوٽل تان چانهہ وٺي اچڻ لاءِ چيو همراهہ صفا انڪار ڪري ڇڏيو ۽ مون ٿورو کيس ڪاوڙ مان بہ ٽي لفظ چيا تہ همراهہ صفا جوش ۾ اچي ويو ۽ ڪلارڪ ٿي ڪري مون سترهين گريڊ جي آفيسر کي چيائين: "سر سنڀالي ڳالهايو، مان توهان جو پٽيوالو نہ آهيان جو چانهہ وٺي اچان" اهو ٻڌي توهان سمجهو ٿا تہ مون تي ڇا گذري هوندي."

جمال جيڪو وقار جي اصلي مزاج کي سمجهي ويو هو، ٽوڪ مان وراڻيو: "اوهان جي اندر ۾ تہ وڌ پئجي ويا هوندا، حساس شاعر جو آهيو، ان تي شاعري بہ ڪئي هوندي."

وقار وري سگريٽ دکائي وڏو ڪش هڻي چيو: "جي بلڪل اها منهنجي ايندڙ مجموعي ۾ شامل آهي."

"ضرور پڙهبي."

"جي ها، پر هاڻي مان ويهي نٿو سگهان، هي درد جو داستان بيان ڪرڻ ڪانپوءِ مون ۾ ويهڻ جو حوصلو ناهي."

"چڱو توهان ڀلي هلو، مٿان ڪنهن شاعري جي آمد ٿيندي هجي، انڪوائري جي ڳڻتي نہ ڪريو، جمال مرڪندي چيو."

جيئن ئي وقار ٻاهر نڪتو تہ پٽيوالو اندر آيو ۽ چيائين: "وقار صاحب تہ هليو ويو، چانهہ ۽ بسڪيٽ ڪڍيو پئي آيس، بس توهان جي حڪم جو انتظار پئي ڪيم."

"پريشان ٿيڻ جي ڪابہ ڳالهہ ناهي، ٻاهر جيڪو طارق ويٺو آهي، ان کي جلدي گهرائي چانهہ ۽ بسڪيٽ جو حقدار اهو آهي" جمال مرڪندي وراڻيو.

رپورٽس

# ڪل سنڌ مچ مشاعرو

## حبدار جاگيراڻي

سنڌي ادبي سنگت شاخ خيرپور پاران آرٽس ڪائونسل خيرپور ۾ ڪل سنڌ مچ مشاعرو ٿي گذريو. مشاعري جي صدارت سرمد چانڊيو ڪئي، هن چيو ته سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن کي ملڪ جي جمهوريت کي سگهارو ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور تخليقي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن مشاعري ۾ سنڌ جي نوجوان توڙي سينئر شاعرن شعر پڙهي داد ماڻيو. خاص مهمان نظام زائر پنهنجا نڪور غزل پڙهيا. مشاعري جي خاص مهمان پروفيسر برڪت بلوچ خيرپور جي ناري واري علائقي جي فطري منظرن کي هائيڪو ۾ پيش ڪري مشاعري ۾ نوان رنگ ڀريا. سنڌي ادبي سنگت مرڪز جي آڊيٽر ڄام محبت سهتي سنڌي قومي شاعري پيش ڪئي. مزاحمتي شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت ضلعي خيرپورن جي رابطا سيڪريٽري لالڻ چنني انقلابي ۽ سماجي حالتن تي نظم جهونگاري داد وصول ڪيو. هن مچ مشاعري ۾ نوجوان فنڪارن شازيہ سمون، شريف عباسي ۽ ڄام محبوب سهتي ڪلام جهونگاريا. لاڙڪاڻي جي شاعرن عزيز قاسماڻي، ايڊووڪيٽ ستار هليو، ابو ايليا اردو ۽ سنڌي نظم پيش ڪري داد حاصل ڪيو.

# بلاول اوٺي سان ملهايل سانجهہ

## ناشاد سمون

بلاول اوٺو ٿرپارڪر جي مهراڻي واري پاڳي جي ڳوٺ خانهور اوٺا لڳ وچونو سان تعلق رکي ٿو. 10 ڊسمبر 2017 تي ساس شاخ مٺي ۽ مهراڻو پبليڪيشن ٿرپارڪر جي گڏيل سهڪار شهيد بينظير ڪلچرل ڪامپليڪس ۾ هڪ سانجهہ ملهائي وئي ۽ سندس تازي ڇپيل ڪتاب "گيت انوکا گهايل من" جو مهورت ڪيو ويو. تقريب جي صدارت ساس جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ۽ ناميار شاعر احمد سولنگي ڪئي. مهمان خاص ناميارو اديب تاج جويو هو. اعزازي مهمانن ۾ شاعر سائينداد ساند، ايوب کوسو، پارو مل امراڻي، اياز رضوي ۽ ٻيا هئا. صدارتي خطاب ڪندي ساس جي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي چيو ته دنيا جو سڀ کان وڏو انقلاب آرٽ آهي شاعر کان وڌيڪ ڪير بہ انسان جي احساسن کي سمجهي نٿو سگهي. اديب ۽ نقاد تاج جويو چيو ته ٿر جي زمين ذهني طور بہ ذرخيز آهي، بلاول نج عوامي لهجي جو شاعر آهي. سائينداد ساند چيو ته بلاول جي شاعري ۾ ٿر جو فطرتي حسن ۽ منظر پسي سگهجن ٿا. صاحب محفل بلاول اوٺي چيو ته آئون 1970 کان شاعري ڪندو اچان مون کي ريڊيو حيدرآباد ۽ مٺي وڏو مان ڏنو آهي. مزاحمتي شاعر ايوب کوسي چيو ته بلاول ڌرتي جي عوامي گيتن جو شاعر آهي هن سماج جي پيڙهيل طبقي لاءِ گيت لکيا آهن. شاعر ۽ ليکڪ پارو مل امراڻي چيو ته لوڪ ڏاهپ بلاول کي ورثي ۾ مليل آهي. پياري شيواڻي چيو ته بلاول عوامي رنگن جا گيت لکيا آهن. راقم الحروف ڳالهائيندي چيو ته بلاول جي شاعري ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال لوڪ ڏاهپ جي نشاني آهي. ناميارو صحافي ڪاٺائو جاني ڳالهائيندي چيو ته بلاول وڏي عرصي کان پنهنجي شاعري وسيلي عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو جي سڃاڻپ ٻڌجي پاڻ مڃايو آهي. مشهور شاعر اياز رضوي چيو ته بلاول سينيئر شاعر آهي ۽ هن پنهنجو منفرد مقام ٺاهيو آهي. ليکڪ امر رائسنگهہ راجپوت چيو ته بلاول ٿر کي اندر جي اک سان ڏسي مينهن ڪٽين جهڙا گيت لکي ٿو. نوجوان شاعر خالد چانڊيو چيو ته شاعر عوام جو ڏڍ هوندا آهن. ساس شاخ مٺي جي سيڪريٽري دليپ دوشي لوهاڻي چيو ته اسين چاهيون ٿا ته منفرد ڪردارن کي زندگي ۾ ڀيٽا ڏيڻ گهرجي. ناميار شاعر ۽ ليکڪ نصير مرزا فون تي پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته بلاول تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد فخر ڪري ٿو. تقريب کي عبدالغفار جوڻيجو شهاب نهڙيو، شاهنواز هنگورجو، محبوب درس، خالق درس ۽ ٻين بہ خطاب ڪيو. ٿر جي خوبصورت کهاڻيڪار ۽ ليکڪ صوبدار قاسمي اوٺي طرفان بلاول کي سنڌ جو روايتي سفيد بوسڪي جو ٽڪو ٻڌرايو ويو. مهراڻو پبليڪيشن ٿرپارڪر جي سرواڻ زاهد اوٺي سڀني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا. آخر ۾ راڳين الهڏني جوڻيجي، ثمينا ڪنول، ڪريم فقير ۽ ٻين سر ورڪا ڪري محفل کي مندي چڙهيو.

# "روشن تارا" جي استادن لاءِ تربيتي ورڪشاپ

## سليم جروار

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي مختلف ضلعن جي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن جي "معياري سنڌي پڙهائڻ" جي تربيت جي سلسلي ۾ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن (سگا) جي زير اهتمام هلندڙ "روشن تارا" اسڪولن جي استادن لاءِ 28، 29، 30 ۽ 31 ڊسمبر 2017ع تي تربيتي ورڪشاپ ڪرايو ويو، جنهن ۾ 82 استادن کي تربيت ڏني وئي. استادن کي خطاب ڪندي اٿارٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ مقصد ٻڌائيندي چيو ته اٿارٽيءَ جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي ته سنڌي ٻولي معياري ڳالهائي، پڙهائي ۽ سيکاري وڃي. ان ۾ بنيادي ڪردار استاد جو هوندو آهي، ان مقصد کي مدنظر رکندي سنڌي پڙهائيندڙ استادن جي تربيت جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. تربيت ڏيندڙ محترم تاج جويي چيو ته اسان جي اسڪولن ۾ سنڌي سٺي نٿي پڙهائي وڃي، اهو ٻوليءَ لاءِ خطرو آهي. پروفيسر ادريس جتوئي چيو ته سنڌي ٻولي دُنيا جي اوائلي ۽ قديم ٻولي آهي، ان کي پنهنجو اڻ کٽ علمي خزانو آهي، جنهن کي درست نموني پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ضرورت آهي. ماهر لسانيات ۽ تربيت ڏيندڙ ٽرينر محترم سڪندر علي ساگر چيو ته اهڙين تربيتن جو مقصد آهي ته استادن کي معياري ٻولي پڙهائڻ سيکاري وڃي. سگا جي سيڪريٽري جنرل محترم منظور حسين اڄڻ چيو ته ٻوليءَ کي جيڪي خطرا درپيش آهن، ان تي ذميواري آهي ته هُو پنهنجي ماءُ ٻوليءَ کي معياري طور پڙهائي. سگا جي چيئرمين محترم رفيق احمد جعفري چيو ته ٻوليءَ علم حاصل ڪرڻ جو رستو آهي اسان کي پنهنجي مادري ٻولي جي ترقي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. تربيتي ورڪشاپ جي آخر ۾ حصو وٺندڙ استادن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No. 3160

رپورٽ

# ٽيون حيدرآباد ادبي ميلو

**لطيف گاد**

ڪراچي ۽ لاهور کانپوءِ ملڪ اندر ٽيون وڏو ادبي ميلو حيدرآباد ۾ لڳايو ويو. حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول نالي لڳايل ميلي ۾ ملڪ جي ناميارن اديبن، شاعرن، دانشورن، صحافين، تعليمدانن ۽ مختلف فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. 19 جنوري کان 21 جنوري 2018ع تائين اڪيڊمي فار دي پروموشن آف آرٽ، لٽريچر اينڊ لٽريسي پاران لڳايل ادبي ميلي جو افتتاح سنڌ جي ثقافت ۽ نوادرات جي وزير سيد سردار علي شاهه ڪيو. ميلي جي پهرين ڏينهن ڊاڪٽر عبدالڪريم راڄپر پاران سنڌو ماتريءَ جي تاريخ تي ٺاهيل ڊاڪيومينٽري ڏيکاري وئي جنهن کي ماڻهن ڀرپور ساراهيو. ان کان علاوه پهرين ڏينهن ئي ون مين مشاعرو، سنڌ ۾ سياسي ۽ فڪري ادب، محمد عثمان ڏيپلائي جي ناولن تي ڳالهه ٻولهه، سنڌ ۾ شهري آباديءَ ۾ واڌ، ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب جو سفر ۽ سنڌي موسيقيءَ ۾ نوان لاڙا جي موضوعن تي سيشن ڪوٺايا ويا جن ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم راڄپر، محب الله شاهه، جامي چانڊيو، مسرور شاهه، گوهر ميمڻ، امينا سيد، ڊاڪٽر آصف فرخي، سيد نصرت علي، ارشاد عباسي، خالد ميمڻ، ڊاڪٽر قادر سرڪي، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، ڊاڪٽر عشرت حسين، ڊاڪٽر رفيق چانڊيو، هارون آذر، ممتاز بخاري، نصير مرزا، ناز سهتو، ياسر قاضي، مرڪ شاهه، گل ملاح، ڪليم ٻٽ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

ميلي جي ٻئي ڏينهن تي اڪثر سيشن نوجوانن سان لاڳاپيل هئا جن ۾ نوجوانن جي اتساهيندڙ ڳالهه ٻولهه، سنڌ ۾ تعليمي نظام ڪيئن بهتر ڪجي، نوجوانن لاءِ بهتر ڪيريئر جا موقعا، سنڌ جا باصلاحيت نوجوان، نوجوان ليکڪ ۽ ناول نگار، ٽر جا چمڪندڙ ستارا جي موضوعن تي سيشن ٿيا جن ۾ لطيف گاد، قاسم سوڍر، وقار سومرو، آڪاش انصاري جونيئر، سهيل صديقي، فرحانه انيس، سرمد دارا شڪوه، تحسيم سومرو، ڪنيز فاطمه لاشاري، مديحه قريشي، غلام مرسلين غوري، ذوالفقار ٻچاڻي، ڊاڪٽر قاسم راڄپر، امجد لغاري، شمس الدين شيخ، اقصيٰ مجيد، فريحه ماجد، مهراڻ ايوب، اختر حفيظ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ساڳئي ڏينهن تي حبيب جالب کي پيٽا، آرٽ جي دنيا جا ليجنڊ، لطيف سائين جا پنڌ ۽ پيچرا، لالو کيت کان لاڙڪاڻي، سردار شاهه سان ڳالهيون، ابراهيم جويو صديءَ جيڏي شخصيت، انسان بمقابلا مشينون، انگريزي ادب ۾ سنڌي ليکڪ ۽ ذرا هٽڪي جهڙا سيشنز ٿيا جن ۾ مجاهد بريلوي، سليم لطيفي پٺو، سردار شاهه، جامي چانڊيو، مظهر جميل، اظهار سومرو، انعام شيخ، علي آڪاش، محسن جويو، ڊاڪٽر پرويز هوديائي، وسعت الله خان، مبشر زيدي، مدد علي سنڌي، فريده پنهور ۽ ٻين ويچار ونڊيا.

ميلي جي ٽئين ۽ آخري ڏينهن تي ايرندڙ نوجوان شاعر، ٿر ڪول، سنڌ جي تعليمي نظام جا چئلينجز، شيخ اياز جي شاعري ۽ ٿر، اياز تنوير، استاد، پاڪستان جي موجوده صورتحال، ثقافت ڪا آنگن، ٽيڙها، مشاعرو، نظم جي دنيا، سنڌ اندر اعليٰ تعليم جا مسئلا، باهمت عورتون، جنسي سياست ۽ ٻين موضوعن تي سيشنز ٿيا جن ۾ شبنم گل، نصير سومرو، منصور حمزه، زاهد اوٺو، امتياز ابڙو، ماريه ميمڻ، منصور سيتائي، علي زاهد، ريما عباسي، سلمان طارق قريشي، ڊاڪٽر شڪيل فاروقي، فياض نائچ، ڊاڪٽر، فتح محمد برفت، ڊاڪٽر بيڪا رام، مهتاب اڪبر قريشي، ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، اشتياق انصاري، مظهر عباس، افضال احمد سيد، اشفاق آذر، اياز گل، احمد سولنگي، ڊاڪٽر هما بقائي، مختيار ملڪ، ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

ميلي ۾ ٽئي ڏينهن رات جو موسيقي جي محفل به منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ناميارن فنڪارن سرن جي ورڪا ڪئي. ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ ميلي ۾ نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ مان جوڳي آهيان سو ئي آهيان نالي هڪ اسٽيج سينگاريو ويو جتي نوجوانن کي شاعري، گلوڪاري، ڪهاڻي ۽ ٽوٽڪا ٻڌائڻ جو موقعو ڏنو ويو. آخري ڏهاڙي تي پروگرام جي چيف آرگنائيزر اظهار سومري سمورن مهمانن جا ٿورا مڃيا جڏهن ته مختلف شعبن ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ماڻهن کي ايوارڊن سان نوازيو ويو.



# ڪتاب تي تبصرو

# A Voice in the Wilderness Memories & Reflections

## همسري

محمد عالم بروهي 1979ع سينٽرل سپيريئر سروسز (CSS) جو امتحان پاس ڪيو ۽ فارين سروس ۾ چونڊجي آيو. پاڻ ڪيترن ئي اهم عهدن تي ڪم ڪيو اٿس، منسٽر جي سيڪنڊ سيڪريٽريءَ کان سينگال، نائيجر، برطانيہ ۽ پورتگال ۾ پاڪستان مشن ۾ شامل رهيو. پاڻ فارين منسٽريءَ ۾ ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر جنرل جي عهدن تي بہ فائز رهيو. هو 2003 ۾ وچ ايشيائي رياست ڪرگز ريپبلڪ ۾ سفير نامزد ٿيو. ان کانپوءِ سوڊان ۾ بہ سفير طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جيئن تہ فارين سروسز جي عهديدارن لاءِ چوٽي آهي تہ رٽائرمينٽ کانپوءِ وٽن ڪو ٻيو ڌن دولت نہ هوندو آهي پر هو صاحبِ ڪتاب ضرور بڻجي ويندا آهن. ساڳي چوٽي کي سچ ڪري ڏيکاريندڙ ايم. عالم بروهي بہ تازوئي پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن تي ٻڌل هڪ ڪتاب لکي مارڪيٽ ۾ آندو آهي جنهن جو عنوان آهي. A Voice in the Wilderness Memories & Reflections هي ڪتاب رائل بُڪ ڪمپني ڇاپيو آهي، هي ڪتاب 503 صفحن ۽ سورنهن بابن تي ٻڌل آهي، جنهن جي قيمت 400 رپيا آهي. باب پهرين ۾ ليکڪ پنهنجي ننڍپڻ جي زندگي، ڳوٺ ۽ تعليم جو ذڪر ڪيو آهي تہ هن پنهنجي تعليم ڪهڙين ڏکائين سان حاصل ڪئي جنهن ۾ هن پنهنجي هڪ بهادر ۽ باڪردار ڦقيءَ جو ذڪر بہ ڪيو آهي جيڪا همت ۽ شجاعت جو مظهر هئي. هن پنهنجي ان وقت جو ذڪر ڏاڍي ڀاڀوهہ سان ڪيو آهي جڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيو تہ لاڙڪاڻي جي ماحول ڪيس اسلامي لٽريچر کانسواءِ ٻيو لٽريچر پڙهڻ تي پڻ آماده ڪيو ۽ اتان جي ماحول تي سياست جي اثر کي تاريخي حوالي سان ڀرپور نموني بيان ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ پنهنجي سول سروسز اڪيڊمي ۾ گهاريل وقت جون يادگيريون ونڊيون آهن ۽ ان وقت ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت ۽ سياسي صورتحال جو پورو پسمنظر پيش ڪيو آهي جيڪو تاريخ سان دلچسپي رکندڙ پڙهندڙن لاءِ انتهائي مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. هي ڪتاب محمد عالم بروهيءَ جون يادگيريون تہ آهن پر ان سان گڏ ضياءُ دور جي تاريخ، ليکڪ جي ٻاهرين ملڪن ۾ پوسٽنگون ۽ بين الاقوامي سياست ۽ پاڪستان جو بين الاقوامي سياست ۾ ڪردار تمام گهڻو دلچسپ آهن. نہ رڳو پاڪستان پر سنڌ جي ان وقت جي سياسي حالتن تي بہ سٺو بحث ٿيل آهي. هي ڪتاب انهن سڀني ماڻهن لاءِ ڪارائتو آهي جيڪي 80 جي ڏهاڪي کان وٺي 2010 تائين جي پاڪستاني ۽ بين الاقوامي تاريخ پڙهڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا ۽ ان کانسواءِ سي ايس ايس جي شاگردن جي لاءِ بہ هڪ بهترين مددگار ريفرنس بُڪ جي طور تي استعمال ٿي سگهي ٿو. هن ڪتاب کي سڀني لائبريرين جو حصو هجڻ گهرجي ڇو تہ جنهن محنت ۽ شوق سان لکيو ويو آهي ان جو سِلو اهو آهي تہ ان کي صحيح پڙهندڙن تائين پهچڻ گهرجي.



# پينٽنگ



پنجاب جو مشهور آرٽسٽ اڪرم وڙائچ وزير آباد جو رهندڙ آهي،
سندس خاص دلچسپي لينڊ اسڪيپ آرٽس ۾ آهي.

Artist:
Akram Waraich

## نئون جنون...

تاج بلوچ

تنهنجي وصال جي ڳهر کان
ٻاهر نڪري آيو آهيان
مشڪبو ۽ دراز زلف
تنهنجا سپ اندام
گداز ۽ سڊول جسم
هلڪي ۽ سريلي گهنٽين جهڙو
تنهنجو چاندي جهڙو آواز
ٽئبليٽ تي اپ لوڊ ٿيل
گل رنگ سيئي تصويرون
رنگن ۾ سهيڙيل سپ الفاظ
سالگره ۽ مشاعرن جا گروپ فوٽو
ايئرپورٽ جي ٽيرس تان
هٿ لوڏي ڪيڪارڻ وارا سپ انداز
سپ ڇڏي آيو آهيان
تنهنجي وصل جي ڳهر کان
ٻاهر نڪري آيون آهيان.
هاڻ تنهائي جا آزار مقدر تنهنجو
شل رهي بخت سڪندر تنهنجو.

## قيدي ڪبوتر

سليم چنا

ڪيترا ڪبوتر!
قيد ڪندين؟
ٺهندڙ هي لوهي پڃرو!
اڃان ڪيترو وڏو ٿيندو؟
اهو ڦهري قيد خانو!
نيٺ ته جڏو ٿيندو
توسان هڪ نه هڪ ڏينهن!
پکين جو ئي ڦڏو ٿيندو
آزاد ٿي اڏرندا سپ ڪبوتر!
فضا جن لاءِ منتظر آهي
بلندي جن جي رهه گذر آهي
هوا جن سان همسفر آهي
او انسان بي خبر!
آخر!
تون ڪيترو قيد ڪندين ڪبوترن کي!!؟
تون ڪيترو قيد ڪندين ڪبوترن کي!!؟

## نظم

رات جي سانت ۾

زاهده ابڙو

رات جي سانت ۾
ڪو خوف وري آيو هو
دَردَ دروازي کي
زور سان کڙڪايو هو
دل جا بيچين هئي
دلاسن جا پهري لباس
هر گهڙيءَ پاڻ ئي هُنَ
پاڻ کي ريجهايو هو!
چو رات اڄ...؟
روڄ ڪٽي آئي هئي!
هٿ جهلي ڪيس مون
ڪيترو سمجهايو هو!!
تيز طوفان هليو
دل جو دروازو ڀڳو..
رات جو رنگ..
ڪيڏو نہ اڄ هو ڪارو
دل پڇيو ٿي مون کان
ڇا ماتم لاءِ ڪوئي آيو هو
پاڇا ٿي ايريا جي..
سپ سي سڃاتل ٿي لڳا
پڪ اٿم ايتري..
پنهنجن مان ئي ڪو
رنگ مَٽي آيو هو.

## غزل

علي آغا دراني

پيار کان خالي نگر ۾ ٿا رهون،
پوءِ بہ جيئڻ جي چڪر ۾ ٿا رهون.
پير ڌرتيءَ تي پون ئي ڪون ٿا.
جي پرين تنهنجي نظر ۾ ٿا رهون!.
وقت جذبن جو ڪيو قتلام آ.
هاڻ جيئري ئي قبر ۾ ٿا رهون.
لوڪ ٿو بدلا وٺي پنهنجا ڳڻي،
۽ اسان بس ڪَسُ ڪٿر ۾ ٿا رهون.
تنهنجي آڏو ٿا ڪلون، سمجهي مٿان!.
خوش سوا تنهنجي دهر ۾ ٿا رهون.
هُن ”علي آغا“! جڏهن کان هٿ ڪڍيو،
هر گهڙي هن نئين حشر ۾ ٿا رهون.

## غزل

مسرور پيرزادو

تون بہ ناهين نہ شاعري ٿئي ٿي،
ايئن بيڪار زندگي ٿئي ٿي.
لفظ ٽورا، گهٽا پرين ! ڳوڙها،
هيءَ ملاقات آخري ٿئي ٿي،
ڏس تہ خاموش هيءَ ندي پياري،
منظرن جي جا آرسي ٿئي ٿي.
ڪوڙ ماٺهو حَسين وٽندا هِن،
هر ڪنهن سان نہ عاشقي ٿئي ٿي.
چوڏهينءَ رات تو بنا ڪاري،
ساڻ تنهنجي ئي چاندني ٿئي ٿي.
روح جي غار ۾ بہ ڪنهن ڪنهن جي،
شاعري تيز روشني ٿئي ٿي.
دوستيءَ جي نياءَ لئہ ”واه، وا“
شاعريءَ ساڻ دشمني ٿئي ٿي.
شاعري ڳالهہ حُسن جي آهي،
حُسن جي حَد سادگي ٿئي ٿِي.

## ڏيکارو

رسول ميمڻ

ڏور وسي ٿو واديءَ ۾
بوندون بوندون مينهن.
تيز هوائون، وڄ وراڪا
ڇڻ تہ گجي ڪو شينهن.
ليڪون ليڪون هيٺ ڪرن ٿا،
ڪنهن جا آهن نير.
عرش ڏري ٿو، سَهميل ڌرتي.
ٿا ڇهڪن ڪنهن جا چير؟
ڏيہوڙي سان ڌرتيءَ تي
وڄ ڪري ٿي،
پاڳل وارو ڳول ڦري ٿي.
رکي رکي ٿا روشن ٿين
ڌرتيءَ جا سپ لاها چاڙها،
ساهہ منجهائي وينل سهڙ،
ڪن چندن ٿا هر هر ڦاڙها.
ٽل مٿان ٿو جل ڊڪي،
وڪڙ ڏئي ڪنهن نانگ جيان،
آهي اهڙي سانگ جيان،
ڇڻ ٿو مون کي ڄاڻ ڏنگي،
پاٽيءَ ڪاڏل اي مگٽهار،
زهر جو پيالو ڪيئن مَنگي.

## پروفائل

# مقصود گل قاضي

سپنا گل قاضي

اهو واقع ئي سچ آهي تہ هڪ ڌيءَ جو پهريون آئيڊيل ۽ پهريون پيار سندس پيءُ ٿئي ٿو. مقصود گل هڪ اهڙو پيءُ هو جنهن ڪڏهن بہ پيءُ وارو رعب ۽ دٻدٻو ٻارن تي مسلط نہ ڪيو. هن وٽ ياسر، ناصر، نادر ۽ سپنا ۾ ڪوبہ فرق نہ هو. بلڪہ هن پنهنجي ڌيءَ سپنا جي سپنن کي ساپيائون بخشڻ لاءِ هر طرح جو سهڪار ڪيو، اعتماد جهڙي دولت ڏني، تعليم جي ڳهہ سان سينگاريو، تحرير ۽ تقرير جا طور طريقا سيکاريا، ڪتابن سان دوستيءَ جو دڳ ڏيکاريو، درس ۽ تدريس واري منزل تائين رسايو، معاشري ۾ مان ۽ مرتبو ڏياريو، پنهنجي حلقي ۾ سندس ئي نالي جو حوالو ڏنو.

هو بظاهر تہ هن جهان مان موڪلائي ويو آهي پر هو پنهنجن پيارن جي اڄ بہ روحاني رهنمائي ڪندي نظر اچي ٿو. هو سندن اصلاح ڪري ٿو، هو پنهنجي اولاد لاءِ هڪ گهمندڙ ڦرندڙ لغت ۽ انسائيڪلو پيڊيا هو.

روحاني رشتو جسماني تعلق ڪان بہ وڌيڪ اهم هوندو آهي. ان ڳالهہ جو احساس پنهنجن پيارن جي وڃڻ ڪانپوءِ شدت سان ٿيندو آهي. بلڪہ ايئن چئجي تہ اهو روحاني تعلق ان ظاهري رشتي ڇڄڻ ڪانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن اڃان وڌيڪ گهرو ٿيندو ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن هن دنيا مان لڏي ويندڙ انسان روحاني طور تي پنهنجن پونئرن جي رهنمائي ڪندا رهندا آهن. سچ تہ جڏهن ۽ جيستائين جيڪا نعمت اسان کي ميسر هوندي آهي تہ اسان ان جو قدر ۽ اهميت سمجهندا ئي ناهيون، پوءِ اها نعمت ڪهڙي روپ ۾ بہ هجي. مقصود گل جو پنهنجي ڌيءَ سپنا سان تمام گهڻو پيار هو ۽ هوءَ بہ پنهنجي پيءُ جي عاشق هئي. محبتن جي ئي ڏهاڙي (14 فيبروري) تي سندس محبوب پيءُ ۽ محبتون ونڊيندڙ انسان ڪائنس ڏور ٿي ويو.

مقصود گل سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر، اديب، دانشور، ڪالم لکندڙ ۽ سچل سرمست جو فارسي شاعريءَ جو اردو شاعريءَ ۾ ترجمو ڪندڙ، صحافي، استاد ۽ هڪ نهايت منڙو ماڻهو هو. جيڪو سنڌ جي مشهور ضلعي لاڙڪاڻي جي تاريخي شهر رتيديري ۾ 15 اپريل 1950ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد قاضي عبدالحئي "قائل" پڻ مشهور سنڌي شاعر ۽ اديب هو ۽ سندس ڏاڏو قاضي عبدالحق "عبد" پڻ عربي ۽ فارسي جو شاعر هو. مقصود گل 1975ع کان پنهنجي وفات تائين سنڌي توڙي اردو ۾ ٻارن توڙي وڏن لاءِ خوب لکيو ۽ سندس حياتي ۾ هن جا ڏهہ ڪتاب ڇپيا جن مان بہ ڪتاب ٻارن جي ادب تي لکيل آهن، انهن مان هڪ ڪتاب "ڪرڻا ڪرڻا" نالي سان ٻارن لاءِ لکيل نظمن جو مجموعو آهي ۽ ٻيو "هٿيلي هرڻي" ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ دلچسپ ۽ سبق ڏيندڙ ڪهاڻيون ڇپيل آهن. مقصود گل ٻارن لاءِ "ٽمون شرارتي" جي عنوان سان هڪ ڪردار بہ تخليق ڪيو جنهن جون حرڪتون ڪراچي مان نڪرندڙ روزاني هلال پاڪستان اخبار ۾ پنهنجي هفتيوار ڪالم ۾ لکندو هو. ٽمون جو اسڪيچ بہ مقصود گل پاڻ ٺاهيو هو. ان سان گڏوگڏ هن ٻارن لاءِ 2002ع ۾ گلدستو نالي رسالو بہ شايع ڪيو جيڪو ڪيترائي سال شايع ٿيندو رهيو. ڪيس ٻارن سان تمام گهڻو پيار هو، هن ٻارن ۾ تعليم جو نور ورهائڻ لاءِ 1995ع ۾ پنهنجي والد صاحب جي نالي سان رتيديري ۾ عبدالحئي قاضي ماڊل اسڪول بہ قائم ڪيو. جنهن رستي پاڻ پنهنجي وفات تائين علم جا ڏيئا روشن ڪندو رهيو. هن پنهنجي زندگيءَ جا چاليهہ سال ٻارن لاءِ لکيو، جيڪو مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهيو. 14 فيبروري 2015ع تي سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي ۾ SIUT اسپتال ۾ وفات ڪيائين. سندس آخري آرامگاهہ سندس اباڻي شهر رتيديري ۾ مبارڪ شاهہ قبرستان ۾ آهي. سندس نالي پٺيان قائم ٿيل مقصود گل اڪيڊمي سندس رهيل ڪتابن کي ڇپرائڻ ۽ سندس ڪم کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ردل آهي.



### سنڌ جو ٽئلينٽ

# ڪلا کي ڪمال بخشيندڙ آصف نظاماڻي

پنهل چاڪراڻي

ڪجين وارو شهر خيرپور علم، ادب، فن ۽ ثقافت جو مرڪز رهيو آهي ۽ انهن مڙني شعبن ۾ جن شخصيتن پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي انهن منجهان اسان جو آصف نظاماڻي به هڪ آهي.

خيرپورميرس سان تعلق رکندڙ اسان جو دوست هڪ ئي وقت ڪمپوزر، جديد مصور، سياح، ڪمپيوٽر ڪئليگرافر، صحافي، سماجي ڪارڪن ۽ بهترين فوٽوگرافر آهي.

"سنڌي ڪمپيوٽنگ" ۾ هو عالمي سطح تي مڃتا حاصل ڪرڻ لاءِ خواهشمند آهي، جنهن لاءِ هن گنيز بڪ آف دي ورلڊ رڪارڊز ڏانهن تجويز پڻ جمع ڪرائي اٿس ۽ جلد هو پنهنجي منزل ماڻي اسان جو ڳاٽ اوچو ڪندو.

هن سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين کانسواءِ فارسي ۾ به ڪجھ ڪتاب ڪمپوز ڪيا آهن هن وقتَ تائين سندس هٿان ڪمپوز ٿيل ڪتابن جو تعداد 400 کان به مٿي آهي. جنهن ۾ گهڻو تعداد الطاف شيخ جي سفر نامن جو آهي. آصف نظاماڻيءَ ڪتابن کانسواءِ 100 کن ادبي ۽ اڪيڊمڪ مئگزين پڻ ڪمپوز ڪيا آهن.

ياءُ آصف نظاماڻي جي ڪمپيوٽر تي مهارت فقط ڪمپوزنگ تائين محدود ناهي پر سندس جديد ڪمپيوٽر مصوري ۽ خطاطي ڪي گرافڪس پيڊ وسيلي ڪيترين ئي ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن جون تصويرون ناهي ڪين پيٽا پيش ڪئي آهي. جن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي کان ويندي شيخ اياز، تنوير عباسي، ايازگل، ادل سومرو ۽ ٻين ڪيترن ئي قدرتي منظرن جي خوبصورت عڪاسي ڪئي اٿس. هن شاهه، رومي ۽ ٻين مڙني شاعرن جي شاعري کي پنهنجي فن مصوري جي مهارت وسيلي اسان تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هو هڪ قابل گرافڪ ڊزائنر آهي سندس فن هند توڙي سنڌ ۾ تمام گهڻو مقبول آهي.

آصف نظاماڻي هڪ فوٽو گرافر جي حيثيت سان پنهنجو پاڻ مڃايو آهي، پاڻ جنهن به منظر کي ڪئمرا جي اک ۾ قيد ڪيو آهي، ڄڻ انهيءَ منظر جي اها خوش نصيبي هوندي جيڪو آصف جي اک تي چڙهيو.

ڪمپيوٽر جي جديد مهارت کانسواءِ آصف سياحت جو تمام شوقين آهي، هو پنهنجن دوستن سان گڏجي روهڙي جي قديم پهاڙي سلسلي کان اروڙ جهڙي قديم شهر کان ويندي آدهم سلطان جي پهاڙي سلسلي تائين سندس ڪيل سير، تحقيقون ۽ تجربا به سندس ڪاتي ۾ اچن ٿا.

مٿين مڙني وصفن کانپوءِ آصف نظاماڻي هڪ بهترين ليکڪ، اديب، آرٽسٽ، ڊجيٽل ڪمپيوٽر ڪئليگرافر آهي. انهي کانسواءِ پاڻ تنوير عباسيءَ جي خيرپور جهڙي ادبي شهر سان واسطو رکي ٿو، پر سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته آصف ٻارهن 12 سالن کان سائين قربان منگي (ناليوارو سفرنامہ نگار، تعليمدان پبلشر، ليکڪ ۽ شاعر) ۽ امر اقبال (ناميارو شاعر، اديب ۽ ڪمپيئر) سان پوپٽ پبلشنگ هائوس ۽ پرنٽنگ پريس تي گڏجي ڪم ڪري رهيا آهي، ان سان گڏوگڏ هو سنڌ توڙي هند جي مڙني اديبن جو دوست آهي، انهي صحبت آصف کي هڪ سٺو اديب ۽ ليکڪ ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏني آهي. هو ڪيتري ئي عرصي کان سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ لکي رهيو آهي.

ادب سان واسطو رکڻ سان گڏ آصف نظاماڻي سماج کي درپيش مسئلن کان به منهن نہ موڙيو آهي. آصف خيرپور شهر ۽ سڄي سنڌ سان پاڪستان ۽ عالمي سطح جي مسئلن تي غور ڪندڙ هڪ صحافي به آهي.

آصف جديد دور جي تقاضائن جو اثر قبول ڪندي سماجي رابطن جي ويب سائيٽس (سوشل ميڊيا) تي به پنهنجو پاڻ مڃايو آهي. هر ڏينهن جي مناسبت سان سندس رکيل پوسٽون سماجي ميڊيا تي هميشہ جيان چانيل هونديون آهن. اسان سڀ دوست اُن انتظار ۾ هوندا آهيون تہ آصف نظاماڻي اڄ ڪهڙو نئون ڪم ڪيو آهي. سندس هر پوسٽ متاثر ڪندڙ هوندي آهي، آصف جي وال تي هميشہ ميلو متل هوندو آهي.

اميد آهي تہ سندس ڪم کي اڃان گهڻي مڃتا ملندي پر هيستائين ڪجھ ادارن ڪيس مڃتا طور ايوارڊن سان به نوازيو آهي. جن ۾ ايم يحيٰ ڀٽو يادگار ايوارڊ (2011)، اُستاد عطا محمد "حامي" يادگار ايوارڊ (2017)، بيدل يادگار ڪاميٽي پاران يادگار شيلڊ ۽ ٻيا ڪيترائي مڃتا جا سرٽيفڪيٽ مليا آهن. آصف نظاماڻي جي فن تي لکيل منهنجي سموري تحرير جو رايو ناميارې شاعر حسن شيخ جي هنن سٽن ۾ سمايل آهي.

هوتئن تہ هر ماڻهو جو آ،
پنهنجو پنهنجو مان،
ميرن واري شهر ۾، نہ تو
جهڙو انسان.





